# ڦلواڙي

(سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون)

محمد صديق منگيو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# ڦلواڙي

(سنڌي پهاڪا ۽ چوٽيون)

محمد صديق منگيو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2015ع

# اَرپنا

آءٌ هيءَ پنهنجو تحقيقي پورهيو پنهنجي سَسُ ماسي زليخان (جيجي جُليءَ) کي ارپيان ٿو. هوءَ ٻوليءَ جي وينجهار هئي. سندس سيني ۾ ٻوليءَ جو وڏو خزانو دفن هو. هوءَ ڳالهائيندي هئي تہ نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جا قديم ۽ اڻ لڀ پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح، پر آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جا لفظ بہ جملن جي لڙين ۾ پوئجي، موتين جيان لڳندا هئا.

محمدصديق منگيو

# ناشر پاران

سنڌي ٻولي هڪ شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن ۾ لفظن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، ورجيسن ۽ ڀڳڙن جي ٻولن جو هڪ اڻ کٽ خزانو تڙيل پکڙيل آهي، جن جي اندر صدين جا تجربا، مشاهدا ۽ لوڪ ڏاهپ جا بيشمار - بيبها ۽ املھ ماڻڪ پريا پيا آهن، جيڪي ان ڳالھ جا ساکي آهن تہ هيءَ ٻولي هڪ قديم اصلوڪي ۽ ٻڌائتي ٻولي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ بہ اهڙا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ان خزاني کي سهيڙي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي يا ان ذريعي سنڌي سماج کي سمجهڻ جي لاءِ ڪوجنا ڪئي وئي آهي، پر هن ڪتاب جي خاص ڳالھ اها آهي تہ هن ۾ گهڻو ڪري هر صنف کي پس منظر سان پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪري ئي هن ڪتاب جو نالو 'ڦلواڙي' آهي. جيڪڏهن ڪنهن پهاڪي، چوڻيءَ يا ورجيس ۾ ڪو ڏکيو يا اهڙو لفظ آهي، جيڪو هاڻي گهڻو مروج ڪونهي يا ڪنهن هڪ لهجي سان تعلق رکي ٿو جنهن کي شايد ٻئي لهجي وارا سمجهي نہ سگهن تہ انهيءَ جي معنيٰ ڏئي پوءِ پهاڪي جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ٻي خوبي هن ڪتاب جي اها بہ آهي تہ هن ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون وغيره الف ب وار ترتيب ڏنل آهن، جيڪا ڳالھ صرف هند ۾ ڇپيل هڪ ٻن ڪتابن ۾ باقاعدگيءَ سان ڏنل آهي نہ تہ اڪثر انهن کي موضوع وارو ورهايو ويو آهي.

هي ڪتاب هڪ تحقيقي ڪتاب پڻ آهي. مرتب نہ صرف پهاڪا ۽ چوڻيون گڏ ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوجنا ڪئي آهي، پر اڳ ڇپيل ڪتابن ۾ ڏنل غلط، متضاد يا اڻ ڇٽين معنائن جي بہ نشاندهي ڪئي آهي ۽ خود ڪيترن پهاڪن ۾ موجود مشاهدي جي ڪوٽ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪايو آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هنن پهاڪن کي سهيڙيندڙ محترم محمد صديق منگيو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ هڪ ٻوليءَ جو وينجهار بہ آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ڇاپيل هن منفرد ڪتاب کي اميد تہ پڙهندڙ ضرور پسند ڪندا.

15 فيبروري 2015ع
حيدرآباد- سنڌ

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

# مقدمو

## سنڌي سماج ۽ پهاڪا

لوڪ ادب قومن جي تهذيب ۽ تمدن جو آئينو هوندو آهي، جنهن ۾ قومون پنهنجي رهڻي ڪهڻي، اُٿي ويٺي، مزاج، سوچ، ڏاهپ، ريتن رسمن ۽ اخلاقي، سماجي قدرن سميت ڏسڻ ۾ اينديون آهن. سنڌي چوڻين ۽ پهاڪن مان سنڌي سماج جي چٽي پٽي تصوير اُڀري سامهون اچي ٿي، سنڌي پهاڪن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج تي نظر وجهڻ لاءِ سنڌي سماج کي ڇئن حصن ۾ ورهائڻو پوندو.

1. **سنڌي هندو سماج:** ورهاڱي کان اڳ، واپار ۽ ملازمتن سميت سنڌ جي ڪاروهنوار تي گهڻو ڪري سنڌي هندو ڇانيل رهيا آهن. شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڪاروباري ڪوٺيون ۽ دڪان سنڌي هندن جا هوندا هئا. تڏهن تہ چوندا هئا تہ "واڻيو ڳوٺ جي سُونهن." ان حوالي سان سنڌي سماج تي سڌيءَ ريت سندن وڏو اثر رهيو آهي. هندن جون ريتون رسمون ۽ اُٿي ويٺي، سنڌي مسلمانن کان مختلف ۽ ڌار هيون، ان ڪري ڪجهہ پهاڪا ۽ چوڻيون رڳو سنڌي هندن جي معيار زندگي ۽ اُٿي ويٺيءَ کي پڌرو ڪن ٿا. جيئن:

- چندَ ڏهي، پوءِ ساري پاڳ.
- اُتراڻ اُتريو اڌيسارو ڪُتريو.
- پَٽ وڌيو سونُ وڌيو.

ڏيئڙي وڏي، سُئڙي لڳي.

2. **سنڌي مسلمان سماج:** سنڌي هندن جي ڀيٽ ۾ سنڌي مسلمانن جو لاڙو تعليم ۽ ڪاروبار ڏانهن بنهہ گهٽ هو. اُهي گهڻو تڻو زراعت ۽ چوپائي مال جي پالنا سانُ لاڳاپيل هئا يا ڪجهہ هٿ جا هنر يا ٻي ڪرت ڪندا هئا، جيئن واڍڪو، رازڪو يا ڪنڀارڪو ڪم. هيٺ ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

- واٽَ گڏيئي ڪان، نالو ذات ضرور پُڇجي.
- موچيءَ جا گهڙيا، موچيءَ جي مُنهن ۾.

3. **شهري سماج:** ڪجهہ پهاڪا شهري ماحول ۽ جيون جي عڪاسي ڪندڙ آهن. جيئن:

- ڏوبي ڏوئي، ڏٽي روئي.
- بي دليو نوڪر، دشمن برابر.

**4. سنڌي ڳوٺاڻو يا زرعي سماج:** ڳوٺاڻو سماج ئي اصل ۾ ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، نجيٽي ٻلوڪ ادب جو سرچشمو مرڪز رهيو آهي. پهاڪن جي وڏي انگ جا سرچشمار ڳوناٺا ئي رهيا آهن. ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

- چوريءِ نہ موريءِ موريءِ تہ بہ گهوري
- ماني مڪَ سان، ملهہ ڏڪ سان.

**رواج ريتون رسمون:** سنڌي پهاڪن ۾ چوٽين مان، سنڌي سماج ۾ رائج ريتن رسمن جي ڄاڻ ملي ٿي. ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

- دَرَ تي دُهل وڄن، ڇوڪرِ ميڙي ڇيٽا.

(ننڍپڻ جون شاديون)

- اَتو اٽي تي، ڪُنو وَٽي تي.

(ڏي وٺُ ۾ بدي جي مٽي مائٽي)

- ڏُورڙ ڏاٽيون، پٽينسِ نياٽيون.

(هندن ۾ ڏاج جي رسم ڪري نياٽين جي شادين جا مسئلا)

- گهر ۾ جاءِ هجي، تہ گندُ ٻاهر نہ اڇلائجي.

(گهر جو گهر ۾ سڱ ڏيڻ وٺڻ)

- موچيءَ جا گهڙيا، موچيءَ جي مُنهن ۾.

(ٻهراڙين ۾ آهت تي موچي، حجم، ڌوٻڻ، لوهر ۽ ڪنير کان ڪم وٺڻ جو رواج)

- ڇُڙيءِ مِڙيءِ شاهہ جي.

(پيرن ۽ مرشدن جي نالي مال جا ڦَر ڪرڻ)

- مارَ کان جن بہ پڇيو وڃن.

(ٻوين کان جن ڪيائڻ)

- ڏڏُ گهرڻ ۾ مائٽي چوڻ ۾ڪو عيبُ ڪونهي.

(ٻهراڙين ۾ لسي وٺڻ جو رواج)

**عقيدا، سوڻ ۽ وَهم:** پهاڪن مان سنڌي ماڻهن جي عقيدن، سوڻ ساٺ ۽ وهمن جي ڄاڻ بہ ملي ٿي، جيئن:

● نظرَ، ماري يا كاري

(نظر لڳڻ)

● هالِي، پِڙ پالهي.

(اُبتا سِڱ وريل مينهن کي نياڳي، سمجهيو ويندو آهي)

● ٽِتر ساڄي تنواري، تہ سياڳو کابي تنواري تہ نياڳو.

● نِپٽو مُئو، ڪنهن نہ سُئو.

(جنهن کي پٽ جو اولاد ناهي، ان جي جڻ پيڙهي نہ آهي)

● اوتن جي قبرن تي، ڏُپ نہ چانءُ.

(بي اولاد ماڻهوءَ کي لاوارث سمجهيو ويندو آهي، ان کي آئنٽو بہ چوندا آهن)

● مورُ مارڻ گناهُ، کائڻ ثوابُ.

(مور جا کنڀ، قرآن شريف جي ورقن ۾ رکندا آهن، ان جو شڪار نہ ڪيو ويندو آهي، توڙي جو حلال پکي آهي.)

● چنڊ کي ڏهي، پوءِ ساري ياڳُ.

(هندو نئون چنڊ ڏسندا هئا تہ پڳ مان تندُ پٽي چنڊ ڏانهن اڇلائيندا هئا)

● اُترانڻ اُتريو اڌ سيارو ڪُتريو.

(هندو ڊسمبر مهيني ۾ اُترانڻ جو ڏهاڙو ملهائيندا هئا.)

● نہ ڪنهن جي تيرهن ۾، نہ تيجن ۾.

(صفر مهيني جا پهريان تيرهن ڏينهن، انهن ڏهاڙن کي تيرهن تيزيون بہ چوندا آهن. انهن ڏهاڙن ۾عورتون نئون گهر ونڻ يا لڏو ڪڻڻ جهڙا ڪم نہ ڪنديون آهن. ساوڻ جي ڏهاڙن ۾ تر ۾عورتون ۽ مرد سرامڻ تيج جو تهوار ملهائينديون آهن.)

● مون ڪا اربع خطا ڪئي؟

(سنڌ ۾ صفر مهيني جي پوئين اربع ملهائيندا آهن، ان کي ”صفر پوئين اربع“ بہ چوندا آهن.)

● ڪارڙو ڪمارڙو، اَنُ پائي ڏي، تہ مِينهُن وَسي.

(ٻُوڙن ۾ بارڙا ڳڏجي گهر گهر مان اَنُ پني، ديڳڙو لاهي، مينهن لاءِ دعا گهرندا آهن.)

**مهمان نوازي:** صدين کان مهمان نوازي سنڌ جو وَڏُ ۽ سڃاڻپ جو سگهارو حوالو رهيو آهي. سنڌ جهڙي مهمان نوازي ۽ اوطاقي ثقافت جو مثال بنهہ گهٽ ملندو.

سنڌ جا ماڻهو اڄ بہ پنهنجي اُن روايت کي جياريندا پيا اچن. ان ڏس ۾ سنڌن عقيدو رهيو آهي تہ:

"ماني، الله جي آهي."

يا

"مهمان، پنهنجو روزُ پاڻ سان کڻيو تو اچي."

سنڌ جو ٿَر وارو علائقو غربت ۾ اٿهوند واري حالت ۾ بہ مهمان نوازي ۾ گهڻو اڳيرو رهيو آهي. مهمان کان حال احوال ۾ خبرون چارون پوءِ وٺندا آهن. پهرين کيس ماني کارائيندا آهن.

"ٿهور ڪري مَنوار، ڳسڙات پڇي پوڇي."

سنڌ ۾ مهمان ۽ مسافر کي ماني نہ کارائڻ واري کي سٺو نہ سمجهيو ويندو آهي. ڪو سخي مرد، مهمان نواز ۽ اوطاقي ماڻهو مري وڃي ۽ ان جا پوئير سندس اُن وَڙ کي پاڻي نہ ڏين، تہ انهن لاءِ ٽوڪ مان چوندا آهن، تہ

"مڙس مري ويا، دبڪيون چڏي ويا."

مٿين کان سواءِ، مهمان نوازيءَ بابت ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون مشهور آهن. جيئن:

- سو ڀاڳوان، جنهن جي گهر مهمانُ.
- تڏي آئي ۽ پُٽ ڄائي بہ ڪو آرهو ٿئي؟
- منهنجيون اکيون، تنهنجون لتون.

**چورائا پهاڪا:** دنيا جي گولي تي، جتي جتي بہ انسان موجود آهي، اُتي چور بہ رهن ٿا، تہ چوري بہ ٿئي ٿي. پر سنڌ ۾ اڳُ چوري ٻَک کان نہ پر شوق ۾ نالو ڪڍائڻ لاءِ ڪندا هئا. چورن جا بہ ڪي اصول هئا. سنڌ جا نالي وارا چور پاڙو ۽ ڳوٺ، تہ ٺهيو پر پنهنجي تر ۽ علائقي ۾ چوري ڪرڻ کي بہ عيب ڄاڻندا هئا. اُهي پري پري ۽ ڏورانهن علائقن مان مال هٽي ايندا هئا. جُوءِ جي چور کي پاڙيو چور سمجهندا هئا. "جوءِ جو چور، چور نہ مورُ." يا "چوري حلال،چوري حرام". تَر جي چوريءَ کي حرام سمجهيو ويندو هو. ان کان سواءِ چورن ۾ ايتري ساڃاهہ هئي جو چوريءَ دوران گهر جا ڀاتي سجاڳ ٿي پوندا هئا، تہ کُڙين تي زور رکندا هئا. ڪو ڀاڳيو ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو هئن، تہ کيس پيڇو ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ اُچلي گهوڀاٽا هڻندا هئا.

ان کان سواءِ چور، عورتن، ٻارڙن ۽ وڏڙن جو گھڻو خيال رکندا هئا. اڄ واري هٽ کس نہ هئي. ان هوندي بہ سنڌي سماج ۾ چوريءَ کي خراب سمجھيو ويندو هو. ڪجھ مثال ڏجن ٿا.

- چورَ جي ماءُ، ڪَنڌَ ۾ روئي.
- چوريءَ جا ڪپڙا، ڏانگَ جا گزَ.
- چوري گھٽي، تہ بہ گھوري.

**مال وٿاڻ بابت پهاڪا:** سنڌ ۾ زراعت کان پوءِ، بيو وڏو ڪم چوپائي مال جي پالنا رهيو آهي. سنڌ ۾ وڏا مالوند هئا،جن جا وڏا وٿاڻ هوندا هئا. ان کان سواءِ اُٺن ۽ گھوڙن جو خفت بہ عروج تي هو. سٺي نسل جا اُٺ، گھوڙا ۽ چوپايو مالُ ڏارڻ جو رواج هو. ڪجھ مثال ڏجن ٿا.

- ياڳين جا ياڻَ، خالي ٿيٽا نہ آهن.
- چورُ سائو ڪونهي، ياڳيو بکيو ڪونهي.
- گھر ۾ ڪِين. تہ بہ گھوڙي تي زِينَ.

**واعدا وچن:** سنڌي سماج ۾ زبان کي پاٽي ڏيڻ ۽ ڪيل واعدي وچن ۽ قول جي پاسداري ڪرڻ کي گھڻي اهميت ڏني ويندي آهي. ڦِرٽي گھرٽي ماڻهوءَ کي اعتبارلائق نہ سمجھيو ويندوآهي. ان ڏس ۾ ڪيترائي پهاڪا ۽ چوٽيون ملن ٿا. جيئن:

- ڦردي گھِردي نامرد، مردان دي هئي هِڪ.
- مرد جو ڏاڙهي قرار، عورت جي سينڌِ.
- سِرُ وڃي، سُخن نہ وڃي.

**ياريون، دوستيون:** ياري رکڻ ۽توڙ نڀائڻ، سنڌي ماڻهن جي ريت رهي آهي،اها سندن مزاج ۾ رهي آهي،ايستائين جو يار لاءِ سِر ڏيڻ ۾ بہ خوشي محسوس ڪندا آهن. سنڌ ۾ اهڙا کوڙ مثال ملندا، تہ فردن جون ياريون، پيڙهين تائين سندس پونير بہ سنڀاليندا رهيا آهن. اهڙا ڪيترائي پهاڪا ملن ٿا.

- يارُ اُهو جو اوکيءَ ۾ ڪم اچي.
- جنهن يار جو پار نہ سڃاتو تنهن يارُ نہ سڃاتو.
- يارُ ياراڻي، معاملو صفا.

سنڌ ۾ يارِيءَ جو هڪ تصور عورت ۽ مرد جي تعلقات جو بہ آهي. سنڌ ۾ ننڍپڻ ۾ ئي جوڙ شادين ۾ عورت ۽ مرد جي راءِ ۽ پسند ناپسند جو خيال نہ رکڻ وارين ريتن رسمن ڪري، ڪجهہ عورتون ۽ مرد پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي آسودگيءَ لاءِ يار ڪندا آهن. اهڙا ڪيترائي پهاڪا ملن ٿا. جيئن:

- مڙس اُٿاري لِڱ ٻرن، يارُ اُٿاري، لڱ ٺَرن.
- آءَ مران جنيءَ لاءِ، جني مري چگهن لاءِ.
- سچي رَن، سڪٽا سلام.

**سيد،پير ۽ مرشد:** سنڌ جا ماڻهو بزرگن ۽ اوليائن جا عقيدتمند رهيا آهن. وٽن سيدن، پيرن ۽ مرشدن لاءِ سڪ پريت ۽ عقيدت رهي آهي. تڏهن تہ چوٽي مشهور ٿي، تہ "نِمن جون ڇانئون، سيدن جون دعائون." وٽن سيد، پيرُ ميڙ ٿي ويندو هو تہ ڪين مانُ ڏنو ويندو هو. ميڙ ڪي مهت ڏئي، وڏا ڏوهہَ ڏنڊ بہ بخشي ڇڏيندا هئا. جيئن چوٽي مشهور آهي تہ:

- "پيرَ ۽ ڪيرَ ڪي نہ موٽائجي."

نبي سڳوري صہ ۽ امامن سڳورن رضہ سان دلي لڳاءَ ۽ اُٿاهہ محبت رکندڙ سنڌي ماڻهن جي ان سچي عقيدت مان ڏن تي تڳندڙ ڏنڌوڙي پيرن ۽ سيدن غلط فائدو ورتو. سادن ماڻهن کي سيدي ۽ پيريءَ جي آڙ ۾ پَنڻ، ڦُرڻ ۽ آزارڻ جا جيڪي ڏنڌا پئي ڪيا آهن، اُن سنڌي ماڻهن کي نہ رڳو ڏکوئيو پر بيزار پڻ ڪيو آهي. اهڙن ٺوڳي پيرن ۽ سيدن جي ڪرتوتن تي نہ رڳو طنزيا ٽوٽڪا ٺهيا،پر رد عمل ۾ ڪيترائي پهاڪا ۽ چوٽيون بہ سرجيون آهن. جيئن:

- سيد ۽ سپاهي،تن ڪان رکج الاهي.
- آلو نورُ مٽي جو سورُ.
- پير کي خليفا کٽندا آهن.

**سماجي ۽ اخلاقي قدر:** ڪجهہ چوٽيون ۽ پهاڪا،سنڌي سماج جي اخلاقي ۽ سماجي قدرن جي ساک پرين ٿا،جيئن،

- وڙهجي ايترو جو پرچڻ مهل ڪم اچي.
- ڳُڙ نہ ڏجي، تہ ڳُڙ جهڙي ڳالهہ ڪجي.
- مُئي جا مِٺَ گهٽا.

**ڳوناٽي ڏاهپ:** سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اڳ جڏهن پري پري تائين ويجهن ۾ حڪيمن تائين رسائي نہ هئي، تڏهن گهرن، ويڙهن ۾ ڳوٺن ۾وڏڙيون جتي ويم ڪان اڳ ۾ پوءِ سوانجي تائين، عورتن جو سُتين ڦڪين ۾ ٽوٽڪن سان علاج ڪنديون هيون، اُتي ٻارڙن جي ليس، تپ ۾ ڪنگهہ ڪان وٺي وڏن جي بيمارين جا گهريلو ڏس بہ ڪنديون هيون. اها چاڻ گهر جي ٻين عورتن تائين منتقل ٿيندي رهندي هئي. اها ڏاهپ چوٽين ۾ پهاڪن جي صورت ۾ بہ محفوظ ٿيل آهي. ان ڏاهپ کي اڄ جي ميڊيڪل سائنس بہ تسليم ڪري ٿي. جيئن:

- نِم، ٻنيهن مرضن تي پوي.
- ڪوسا نانوي، تڏا کاوي، ويچ پاس نہ جاوي.
- ليسُ، تپ، لنگهڻ، ڦٽُ ڦرڙي، ٻڏڻ.
- ڳُڙ جيرو کائي، پُٽن ماءُ وِيائي.
- گهٽو کاڌو وِهہ برابر.
- ڇٽ ۾ ڦٽ ٻڏو چڱو.

ڳوناٽي ڏاهپ ۾ ڪن اهڙن طبي مسئلن جا تُرت حل ۾ علاج بہ ٻڌايا ويا آهن، جن جو ميڊيڪل سائنس ۾ اهڙو تُرت ۾ بنان خرچ وارو علاج شايد ڪو هجي. مثال طور ماڻهوءَ جي ڇڪ مُنجهي ٿي، تہ ان سان ساهہ بند ٿيڻ جو امڪان بہ رهندو آهي. وڏڙا چوندا آهن، تہ اهڙي حالت ۾ سج ڏانهن نهارڻ سان ڇڪ اچي ويندي آهي.ان ڏاهپ کي چوٽيءَ ۾ محفوظ ڪيو آهي تہ

- "ڇِڪَ مُنجهي، تہ سج ڏانهن نِهارجي."

**شهرن تي ٺهيل پهاڪا:** ڪي چوٽيون ۾ پهاڪا سنڌ جي شهرن جي خاصيتن ۾ شهريت جي ڪارڻ تي سرجيل آهن. اُهي نہ رڳو انهن شهرن بابت جُڙيل عوامي راءِ ۾ تاثر کي پڌرو ڪن ٿا، پر انهن جي پس منظر ۾تاريخي واقعن ڏانهن بہ اشارو ڪن ٿا. جيئن:

- مٽيارين جو موٽُ، ويندي جي ويرمَ.
- سيوهڻ ڏي تہ وڃ، نہ تہ ٽپڙ ڪڻ.
- آمري، آءُ تہ مرين.

هونئن نہ مرين، تہ بک مرين.

- جوهي، مکڻ موهي.
- جاتي قرب جي ڪاتي.

**ذاتين وارا پهاڪا:** ڪجهه چوڻين ۽ پهاڪا، سنڌ ۾ رهندڙ ذاتين، برادرين ۽ قبيلن جي مزاج، سوچ ۽ ڪردار تي سرجيل آهن، انهن ۾ اهوئي ڪجهه آهي، جيڪا انهن جي باري ۾ عوامي محسوسات آهي، جيڪا سندن سڃاڻپ جو حوالو بڻجي وئي آهي. ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

- سيد سائو ماڪ لاءِ ڦاهو.

سيد سچو ملڪ لاءِ ڏُجو.

- ڪوسي جي خيرڪان، ويڙ پلو.
- ڪماريا، ڪنهن نـ ماريا.
- آرائين،مطلب تائين.

**گمنام ڪردار:** پهاڪن ۽ چوڻين ۾ اهڙا گمنام ڪردار بـ ملن ٿا، جن جي ڪردار، لڇڻن ۽ عادتن تي پهاڪا سرجيا آهن. اهڙا ڪردار مختلف دورن ۾ تي گذريا آهن.جيئن:

- پهرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ پاڻ ٻچا.
- ٻڌيءَ ۾چريو الهڏنو ڪنير.
- ڳهڻو جهڙو ڳوٺ،تهڙو ٻڌڻ سان.

**صوفياڻي مزاج ۽ روشن خيال سوچ وارا پهاڪا:** صوفين ۽ بزرگن جي تعليمات ۽ ڪردار جو اثر ۽ ثمر ئي آهي، جو سنڌي ماڻهو صدين کان صوفياڻو مزاج ۽ روشن خيال سوچ رکندڙ رهيا آهن. سهپ، رواداري ۽ درگذر سندن وَڙُ رهيو آهي. مذهبي ڪٽرپڻو سندن مزاج ۾ئي نـ رهيو آهي،ان ڪري اهي مذهب توڙي ذات پات ۽ رنگ نسل جي بنياد تي ٻين کان نفرت ڪرڻ سکيائي نـ آهن. سنڌي ماڻهن جي ان سُرهي سوچ ۽ انسان دوستيءَ واري سياءَ جا اولڙا چوڻين ۽ پهاڪن ۾ بـ ملن ٿا. جيئن:

- جهڙي ڏُوڙ تهڙي ڇائي.
- ڪک سان بـ نـ ڦٽائجي، متان اُڏامي اک ۾ پوي.
- رکيو نالو ٻٽ جو بـ چڱو ڪونهي.

- الله جي هنئي فقير ڪٽي، فقير جي هنئي الله بہ نہ ڪٽي.
- ملو مجاور مچلو تئي ڪميٽي ذات، هڏو ڏئي واتِ، ڏٽيءَ ڏُتاري ڇڏيا.

**مُلان ۽ موالي:** سنڌي سماج ۾ مُلان ۽ موالي، پنهنجي سوچ ۽ مزاج ۾ هڪٻئي جا نقاد ۽ ضدُ رهيا آهن. سنڌ ۾ ملان ۽ مواليءَ جو فطري ٽڪراءُ رهيو آهي. پر اهو ٽڪراءُ لٺ ڏُڪي، جهيڙي جهٽي، فساد ۽ نفرت وارو نہ، پر سوچ جي حد تائين رهيو آهي. انهن وچ ۾گفتن،ٽونٽڪن،چوٽين ۽ پهاڪن جي هٿيارن سان سرد جنگ ٿيندي رهي آهي پر ان ٽڪراءُ هوندي بہ انهن وچ ۾ سماجي تعلقات ۽ مرٽي پرٽي جا لاڳاپا ڪڏهن بہ متاثر نہ ٿيا آهن. ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

- ڦٻيا اُهي، جيڪا ڦاٽي مُئا، اسين تہ پاڻ ڪٽايو پيا وڃون.
- رهو حلال، ٻوٽيون مردار.
- ڊِنگ مار ڊنگ مار جهڙوتهڙو مار پر ڏينهن نہ کارِ.

ملان بہ ماٺ ۾ نہ رهيا آهن،اُهي بہ موالين تي جوابي حملا ڪندا رهيا آهن، جيئن.

- پٽ ڏنڊو پگھو هيل ُڪونڊو ڏڪن متان ڏَڪَ.
- پنهنجي گهر ڪو ٽَٽ پيو ڏيندو تنهن سان ڪو ٻڏل آهي ڇا؟
- سُتا اُٿي جاڳُ،سُلفي آئي اٿئي سِرَ تي.

**دُعائون:** سنڌي ماڻهو ڪنهن جا مَٽَ گُهريا نہ رهيا آهن. انهن جي سوچ ٻين جي خير گهرڻ واري رهي آهي. ان سوچ جا اولڙا پهاڪن ۽ چوٽين جي صورت ۾ بہ ملن ٿا،جيئن.

- الله! مون نہ ڏئين، مَن پاڙي ڏئين.
- جيئنس ڏٽي،مَرنِس چورَ.

**پاراتا:** پِٽَ يا پاراتو جيڪو ڪنهن جي اندر مان پاٽمردو آهہ ٻڄي، نڪرندو آهي، اُن ۾ اڳلي لاءِ نيڪ خواهشون نہ هونديون آهن، جيئن.

- ٿارا، ناري، جائين!
- گهاٽي پوئي ڪا!
- ٻوا، پوئي ڪا!

سنڌي سماج ۾ اهڙا ٻـ پاراتا آهن. جن ۾ پِٽَ ۽ مَٽ گُهرائيءَ بدران پيار ۽ دعا شامل هوندي آهي. ماءُ پنهنجي ٻچن تي ڪاوڙ ڪندي آهي تـ سندس واتان ٻي اختيار نڪري ويندو آهي.

- ٻيڙي ترئي ڪا!
- شل ڪا سٽائي ٿيئي!

**اڳڪٿيون:** ڪجهہ چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا بـ آهن جن ۾ اڳڪٿيون ٿيل آهن. آڳاٽي دور ۾ ڏاهن جون اُهي اڳڪٿيون سچ بـ ثابت ٿيون آهن. مثال طور سمن جي

- دور ۾ ڪنهن ڏاهي بزرگ جي هيءَ اڳڪٿي تـ.
- سنڌ ڦُربي، ڦَڪِي ٿيندي، پڇندي پٽئون پَٽ.

ايندي تن جي هَٽِ، رتي رحم نـ جن جي روح ۾.

اها اڳڪٿي اڳتي هلي سنڌ تي ارغون، ترخان ۽ مغلن جي هلائن ۽ قبضا گيريءَ جي صورت ۾ سامهون آئي. اهڙيون ٻيون بـ اڳڪٿيون ملن ٿيون. جيئن:

- اُهي ايندا ڏينهن، ڪندا شينهن، سلام سَهن کي.
- چوڏهين چَٽُ، پندرهين پَٽُ.

**مشاهدو:** پهاڪن ۽ چوڻين مان زندگيءَ جي ڪاروهنوار جو ڳوڙهو اڀياس ۽ مشاهدو ملي ٿو ۽ ان مشاهدي مان چنڊبيل چاڻيل نتيجا بـ ملن ٿا. جيئن:

- درياهہ مينهن جي چاري مان بـ وَهي پوندو آهي.
- امانتَ، زمين بـ نٿي کائي.
- اولادُ پنهنجو زال پرائي.

**نصيحت وارا پهاڪا:** هونئن، تـ هر پهاڪو ۽ چوڻي،زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙ ۽ اڀياسُ آهن،جن مان نصيحت جو ڪو نـ ڪو نُڪتو ضرور ملي ٿو پر ڪجهہ چوڻيون سڌن سادن لفظن ۾ نسوريون نصيحتون آهن. انهن ۾ ڏاهن ۽ عاقلن پاران سادن ماڻهن لاءِ اصلاحون سمايل آهن. پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين سينا بـ سينا سفرڪري اسان تائين پهتل وڏڙن جي ڏاهپ جي ان ورثي ۾ رهنمائي ۽ رهبريءَ سمايل آهي، جيئن:

- ضامن، ياءُ جو بـ نـ پئجي.
- اڌارو ڏئي وينو روءُ.

● پائيوارو پاءُ سان بہ نہ ڪجي.

**جانورن جي عادتن سان پيٽ واريون نصيحتون:** ڪجهہ نصيحتون، جانورن جي عادتن ۽ خصلتن کي مثال بڻائي ڏنيون ويون آهن، جيئن:

● ڪُتو بہ ويهندو آهي، تہ پُڇ هٽي پوءِ ويهندو آهي. (صفائي)

● ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان (عزت)

● مِرُون چوڻ ڪائي، پنهنجو سِرُ وڃائيندو آهي (لالچ)

● هرڻ نيٺ هڪ ڏينهن اوجهہُ ڏئي. (ڪيتو لوڙڻ)

**اُهڃاڻي رنگ واريون نصيحتون:** سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڃاڻي رنگ بہ سجيهہ ملي ٿو. ڪنهن ڳجهي، اُگري، ڪڙي ۽ اڻوڻندڙ ڳالهہ کي رومالي انداز ۾ ورجائڻ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيئن.

ميٺُ مٿي ۾، پاڻي آءُ ڏيان. (ڪنهن کي تڪڙو سڏائڻ لاءِ مامَ ۾ ويڙهيل نياپو) ڪڪَ رنجايو آٿس،

يا

ڪاني پڳي اٿس. (ڪنهن کي ٻلان ڪائي وڃي، تہ ائين چوندا آهن)

جهنگَ جو خيالُ. (رفع حاجت جي ضرورت)

اهڙا اهڃاڻي رنگ وارا پهاڪا ۽ چوٽيون بہ ملن ٿا، جيڪي، لوڪ ڏاهپ جو انوکو مثال آهن، جيئن:

● جنهن کي ماءُ نہ ماءُ ڄائو

سو بہ گهٽن ماءُ پيءُ وارن کان سائو

(گهر ۾ مٿن مائٽن کان پري پرديس ۾ ڪمائڻ وارو ماڻهو)

● ماءُ ڄڻي بار بار، زبان ڄڻي هڪ وار. (پڪو واعدو وچن)

● هڪ اک کلي، هڪ اک روئي. (ڪو رنج رهي يا خوش رهي)

**کل يوڳ ۾ نصيحت:** ڪجهہ چوٽيون ۽ پهاڪا، مزاحيا انداز ۾ائين سرجيل آهن، جو نہ رڳو چپن تي مُرڪون وکيرين ٿا، پر کل يوڳ ۾ وڏي نصيحت بہ ڏين ٿا،جيئن:

● مڱٽهار کي نياڳُ، گهورَ مهل ٿورو!

● ابي جو موت ڏسي، منهنجو مرڻ تان ارواح ڪڇي ويو آهي.

- سِرُ ڪپي، تہ حاضر آ، گاھہ جو گڏو ڪونهي.
- بھ جي پري نہ ڏين،باقي عيد مبارڪ.

**طنز ۾ ويڙهيل نصيحت وارا پهاڪا:** اهڙا پهاڪا ۽ چوڻيون بہ آهن،جيڪي سهپ جوڳي طنز پوڳ چرچي ۽ وندر ورونهن ۾ نصيحت بہ ڏين ٿا، جيئن:

- ڪائڻ مهل گڏ، سمهڻ مهل مسيت ۾.
- هنگڻ پچر چڏيسون، رڳو پچون چڙهي.
- هڪڙو وکر پلو پيو وري زبانَ مِٺي!

**زراعت:** سنڌو سڀيتا، نہ رڳو هزارين سالن کان آسودي ۽ تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو رهي آهي، پر صدين کان پيداواري سگهہ رکندڙ ملڪ بہ رهيو آهي،جنهن جي علم، هنر،ڪاريگري،واپار ۽ زراعت جي ڏيهان ڏيهہ هاڪ رهي آهي، سنڌ هزارين سالن کان زراعت ۾ اڳيري رهي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليل ڪٽڪ جي داڻن مان ثابت ٿئي ٿو تہ آرين جي هلان کان اڳ بہ سنڌ ۾ پوکي راهي ٿيندي هئي، ان دور ۾سنڌ ۾ اناج سان گڏ وونٽڻ جي پوک بہ ٿيندي هئي، جيڪا ڏيساور ۾ ”سنڌڻ“ جي نالي سان شهرت رکندي هئي.

زراعت صدين کان سنڌ جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکندي پئي اچي. سنڌ ۾ زراعت کي واپار ۽ نوڪريءَ سميت سمورن شعبن کان مٿانهون درجو ۽ اوليت ڏني پئي وئي آهي. تڏهن تہ چوڻي مشهور آهي، تہ ”اتم کيتي، وڏندڙ واپار نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.“

آڳاٽي دور ۾ بہ سنڌ جا ماڻهو زراعت جي جديد اصولن کان واقف هئا. زراعت جو جديد سائنسي تصور، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سنڌ ۾ موجود رهيو آهي. پهاڪن ۽ چوڻين مان جديد زراعت جي ان شعور جا اهڃاڻ ملن ٿا. ان ڏس ۾ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

**اُونهو هَرُ:** زراعت جي جديد اصولن موجب، پوکيءَ لاءِ زمين ۾ اُونهو هَرُ ڏيڻ تمام ضروري آهي، آڳاٽي دور ۾ زراعت سان واڳيل هاري ناري، پوکائيءَ لاءِ زمين کي بہ هَرَ ڏيندا هئا ۽ ان کي کيڙ بيلهہ چوندا هئا. جيئن.

- جيترو هَرُ، اوترو ڦرُ.

**زمين جي سنوت:** سٺي فصل لاءِ زمين جي سنوت، زراعت جو مکيه اصُول آهي. سنڌ جا آبادگار ان اهميت کان واقف هئا. اُهي زمين کي ڪيڙ ٻيلهه هَرُ ڏئي، زمين جي سنوت لاءِ ترَ يا سانئر گهمائيندا هئا، ته جيئن ڪيڙيل ٻنيءَ جا پتر پڄي پنجهو ٿين ۽ زمين سنوت ۾ اچي، ته جيئن پاڻيءَ جو زيان نه ٿئي ۽ فصل کي هڪ ڪرو ۽ گهرج آهر پاڻي ملي سگهي. ان لاءِ هيءَ چوڻيون مشهور آهن ته:

- سؤ هَرَ، هڪ سانئرُ.
- زمين جي سنوت، پاڻيءَ جي بچت.

**پاڻيءَ جو زيانُ:** پاڻيءَ کي زيان ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، آڏ جا ڪنا ۽ ٻارن جا ٻنا مضبوط رکڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن. اُهي مضبوط هوندا، ته پاڻيءَ جي زور تي پڇندا ڪو نه ۽ پاڻيءَ جو اجايو زيان نه ٿيندو جيئن:

- آڏَ جو ڪنو ٻنيءَ جو ٻنو.
- پِهرَ، هيٺيءَ هنڌان پڄي.

**ناڙي:** اڄ جي جديد زراعت ۾ ناڙيءَ جي پوکيءَ واري طريقي تي زور ڏنو وڃي ٿو ان جو تصور به گهڻو اڳ سنڌ ۾ موجود هو. سنڌ ۾ چَٽ ۽ ڪيرو جهڙن پوکيءَ جي طريقن کي گهڻ اهميت ڏني ويندي هئي.جيئن چوڻي آهي، ته
"ناڙي راڻي، ڪيرو وزير، چَٽ ٻانهي."

**ٻجُ:** اَڄُ سٺي فصل لاءِ ٻج جي معياري هجڻ ۽ نچپڻي تي زور ڏنو ويندو آهي. سنڌ ۾ اهو تصور به آڳاٽو آهي.

- ٻجَ هجي نِجُ.
- جهڙو ٻج، تهڙو سَلو.

**وٿيرڪي پوک:** جديد زرعي اصولن موجب، وڏيڪ پئداوار ۽ فصل جي صحيح نشونما لاءِ ٻوٽن جو وٿيرڪو هجڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ته جيئن فصل جا ٻوٽا گهربل هوا، اُسَ ۽ کاڌ خوراڪ حاصل ڪري صحتمند رهن. ان لاءِ به پهاڪا ۽ چوڻيون ملن ٿيون.

- ڇڊي پوک، دُنبا سنگَ.
- ڏيڏر ٽپُ جُوار، ڪوئي ڪُڏا واڙ.

**پاڻ جي اهميت:** جديد زراعت ۾ پاڻ جي اهميت تي زور ڏنو وڃي ٿو جڏهن ته سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان فصلن ۾ مال جو پاڻ استعمال ڪيو ويندو هو جيڪو نه رڳو زمين جي سگهه وڌائيندو هو پر ڪيميائي ۽ زهريلي اثرات کان به پاڪ هوندو هو. پهاڪن ۽ چوڻين مان اهڙيون شاهديون به ملن ٿيون جيئن.

- پاڻ پوي ته کيتي، نه ته ڪوري ريتي.
- پاڻ، سدا جواڻ.

سياري جي مند ۾ پارو فصلن، خاص ڪري ڪڻڪ جي پوک لاءِ ڪارائتو ٿيندو آهي. جيترو وڌيڪ پارو پوندو ڪڻڪ جو فصل اوترو ئي مچندو آهي، نه رڳو ايترو پر پاري ۾ وهنتل فصل کي سج جي روشني وڌيڪ سگهه ڏيندي آهي، ان ڏاهپ کي به پهاڪن ۽ چوڻين ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

- سورج تپي، کيتي مچي
- سياري جو پارو، پاڻ جو ٻورو.

**فصل جا دوست ۽ دشمن جيت:** هڪڙا جيت فصلن کي نقصان ڏيندا آهن ۽ ٻيا جيت وري انهن جيتن کي کائي ناس ڪندا آهن. ان ڳالهه کان سنڌ جا آبادگار واقف هئا. اڄ جي جديد زرعي کوجنا ثابت ڪيو آهي ته زرعي دوائن جي استعمال سان فصلن کي نقصان ڏيندڙ جيتن سان گڏ فصلن جا دوست جيت به مري تا وڃن، ان ڏس ۾ به چوڻيون ملن ٿيون، جيئن:

- جيت سڄڻ به، دشمن به.

**مُنڊائتي پوک:** سنڌ جا آبادگار فصلن جي وقت سر ۽ منڊائتي پوک جي اهميت کان واقف هئا. ان ڏس ۾ چوڻيون ملن ٿيون، جيئن.

- پاڇاٽي ناڙيءَ کان، آڳاٽي ڇٽ ڀلي.
- پوکٽي اٽئي، ته پوک، نه ته ويندئي مُنڊَ چڙهي.

**گُڏ جي اهميت:** جديد زراعت ۾ فصلن جي گُڏَ ۽ گند گاهه جي صفائيءَ تي زور ڏنو وڃي ٿو ڇو ته گاهه، فصلن جي ٻوٽن جي ڪاڌ خوراڪ کائي وڃن ٿا ۽ ٻوٽا ڪمزور ٿي وڃن ٿا. ان لاءِ پڻ سنڌ ۾ اڳ به تصور موجود هو. جيئن:
جيتري گُڏَ، اوتري اَڏَ.

**مُندائتا مينهن:** اڳ، جڏهن سنڌ ۾ بئراجي ۽ نهري نظام نه هو سنڌ ۾ زراعت وَس تي ٿيندي هئي، بوڏ تي يا نارن تي ٿيندي هئي، يڪ سالا فصل ٿيندا هئا. تڏهن آکاڙ يا ساوڻ مهيني ۾ وسندڙ مينهن، فصل کي فائدو ڏيندا هئا. ان ڏس ۾ پڻ چوڻيون ۽ پهاڪا ملن ٿا. جيئن:

- آکاڙسون، ساونڻ چاندي، ڀڏي تو کو ٻٽڪي يادي
- منداڻو هڪڙو، اڻ مُندائتا سَو.
- جي وسي چيٽ، ته اَنُ نه ماپي کيٽ.

**محنت:** ان سموري مرگ ۾، وڏي ۽ اهم ڳالهه آهي محنت ۽ لڳاءَ سان پوکي راهي ڪرڻ جي، فصل ۾ جيتري وڌيڪ محنت ٿيندي، اوترو ئي وڌيڪ لاڀُ ملندو. ان ڏس ۾ پڻ ڪجهه چوڻيون ۽ پهاڪا ملن ٿا. جيئن:

- دَبي وَهاءِ، رڄي ڪاءِ.
- جيڪو هٽي ڪوڏر، تنهن کي ڏُڪر جو ڪهڙو ڏَرُ؟

**واپار:** قديم زماني کان سنڌ جي واپار جي وڏي هاڪ رهي آهي، سنڌ جا ماڻهو ڪاروباري ذهن، سُرت ۽ شعور رکندڙ هئا. سنڌ ۾ زراعت کان پوءِ واپار کي گهڻي اهميت حاصل رهي آهي. موريا گهراڻي، راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي کان وٺي عربن، سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور تائين سنڌ جو خشڪي توڙي سامونڊي رستي د نيا سان واپاري ڳانڍاپو رهيو آهي. سنڌ خشڪيءَ رستي چين ۽ وچ ايشيا سان واپاري لاڳاپن ۾ ڳنڍيل رهيو آهي. جڏهن ته ڪئپيسن سمنڊ جي ساحلي بندرن ۽ کاري سمنڊ جي ڪنارن تائين سنڌ جو واپاري مالَ پهچندو هو. جتان يونان، روم ۽ ٻين مغربي ملڪن جي منڊين تائين پهچندو هو. جڏهن، ته ايران ۽ ايراني نار جي بندرن تان اولهه ڏکڻ وارن ملڪن ڏانهن ويندو هو جتان عراق، شام، عربستان ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي ڪنارن وسيلي آفريڪا تائين ويندو هو. شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ پڻ اهڙي شاهدي ملي ٿي.

- وکر سو وهاءِ، جو پٽي پراڻو نه ٿئي،
  ويچيندي ولات ۾، ذرو نه ٿئي ضِاع.
  سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي اُبهين (شاهه)

سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين ۾ پڻ اهڙا اشارا ملن ٿا جيئن،

● جي ويا جاوا، سي وَلِ نہ آيا،
جي آيا، تہ ٻال ٻچا ڏايا.

اڄ جي ڪاروباري دنيا ۾ جيڪي اصول رائج آهن، انهن جو تصور اڳ سنڌ جي ڪاروباري دنيا ۾ بہ موجود هو. پهاڪن ۾ چوڻين مان بہ اهڙا مثال ملن ٿا. جديد مارڪيٽنگ ۾ اگهہ جي ڪٽَ، مال جي کپت، معيار ۽گهرج (Demand) جي آڌار تي ٿيندي آهي ۽ پاڙي جو تعين مفاصلي جي آڌار ڪيو ويندو آهي، جيئن،

● مالَ تي مٺائي آهي.
● مال تي مٺائي، پنڌ تي پاڙو.

اڄ جي ڪاروباري دنيا۾ اوپن مارڪيٽ جو لاڙو ڪجهہ سجيهہ آهي، اڳ سنڌ ۾ بہ اهڙو تصور موجود هو. جيئن:

● مالَ مٽين، جنهن کي کُٽي ڪٽي.
● هَٽ جي مِٺائي آهي، جيڪو وٽي سو ڪائي.

اڄُ واپار ۾ اسٽاڪ جي اهميت وڏيڪ آهي، واپار ۾ مال جو جيترو ذخيرو ۽ مال جي موجودگي هوندي، اوتروئي ڪاروبار ۾ نفعو ٿيندو. انڪري تہ ترڪوٽيءَ ۾ڪسو ۽ لانئون مال بہ سٺي اگهہ ۾ وڪروٽي ويندو آهي. سنڌ جو ڪاروباري طبقو بہ ان ڪاروباري گُر کان اڻڄاڻ نہ هو:

● اگهہ پوي بازار، تہ ٻوها بہ جَوار.
● وکر ٿو وڪامي،واٽيو ڪو نہ ٿو وڪامي.

پبلسٽي ۽ مشهوري اڄ جي ڪاروبار جي ضرورت ۽ اڻ ٽر گهرج بڻجي وئي آهي. اڳُ ان مقصد لاءِ سهوليتن آهر واپار ۽ وکر جي پبلسٽي ڪئي ويندي هئي، جيئن،

● اگهہُ ساڳيو، تورَ سُنوالي.
● واٽيو ڳوٺ جي سُونهن. .

واپار ۾ لاها چاڙها بہ ايندا آهن. واپار ۾ جتي وڏا فائدا ٿين ٿا،اُتي عالمي مارڪيٽ ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي لاهين چاڙهين ڪري، واپار ۾ وڏا نقصان بہ ٿين ٿا. خاص ڪري اناج جي واپار ۾ تہ ان جو گهٽو امڪان رهندو آهي. سنڌ ۾ بہ اهڙو تصور موجود هو جيئن:

• سيٺ سِيرُو مل يا جُتي هٽَ ۾.

• اَنَ جو واپار هَسَ مان چلو ڪري يا چلي مان هَسُ ڪري.

واپار ۾ سيڙپَ ۽ مُوڙيءَ جو وڏو عمل دخل هجي ٿو. واپار ۾ جيتري سيڙپ هوندي، اوترو سجيهه منافعو ٿيندو ۽ ڪاروبار چمندو جيئن:

• هَتِي سَتي، پوءِ کِتي.

• جيترو ڳڙُ وجهبو اوترو مٺو ٿيندو.

مٿين ڪانسواءِ، سنڌ جي واپاري طبقي جا ڪجهه نيم ۽ اصول هئا، جيڪي ڪامياب ڪاروبار لاءِ ضروري سمجهيا ويندا هئا. جهڙوڪ:

• اوڌر قربَ جي ڪئنچي آهي.

• ڏنو وِسري، لکيو نه وِسري.

• اگهه ڪٽيو ڪائجي، وَٽَ ڪٽيو نه ڪائجي.

**منظوم پهاڪا ۽ چوڻيون:** سنڌي ٻوليءَ ۾، جتي سڌن سنواتن لفظن ۾ ڪيل سڌي پڌري ڳالهه واريون چوڻيون ۽ آرٽ جي حسن سان ڀرپور هڪ ياٻن پدن وارا تخليقي پهاڪا ملن ٿا. اُتي منظوم پهاڪا ۽ چوڻيون به ملن ٿيون. توڙي جو انهن چوڻين ۽ پهاڪن جا سرجڻهار سمورا شاعر ۽ سگهڙ نه هئا، پر اهو سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي وجداني حِس جو ڪمال آهي، جو انهن منظوم چوڻين ۽ پهاڪن مان گهڻا تڻا پنهنجي رواني، نغمگي لفظن جي سهڻي سيبتي جڙاءَ ۽ گهاڙيٽي جي حوالي سان شاعراڻين صنفن سان ڪلهو هڻي بيٺا آهن. ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

**بيت:** ڪجهه چوڻيون ۽ پهاڪا بيت جي گهاڙيٽي ۽ سٽاءَ وارا آهن، جيئن:

• اسان جنين سان، تر وٽي تيرهن ڪيو

تنين اسان ڪان، ڍڳو ڍڪي ڪاڏو.

**دوها:** ڪي پهاڪا ۽ چوڻيون، پنهنجي مضمون ۽ سٽاءَ ۾ دوهي جهڙا آهن، جيئن،

• لوڪَ ليکي چَري ڪَري، مڙَسَ ليکي حُورَ

چٽي ڏنائينس پنڙا، لهي ويس سُورَ.

**ڏيڍ سِٽا:**

• ڦگڙُ ڦلاريو.

راتيان سيارو ڏينهان اونهارو.

**ٽِـ سٽا:**

- رنگُ رتو چڙجي،

ميلو متو چڙجي،

يارُ پرتو چڙجي.

**ٽيڙو:**

- ماسي ورائي،

ڏَمُ پنهنجي،

ڏَمُ پرائي.

**ورجيسون:** ڪجھ چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا بہ آهن، جن ۾ ورجيس جملي جو هڪ ڀاڱو ٿي استعمال ٿيندو آهي. انهن چوڻين ۾ ورجيس اکري معنيٰ ۾ چوڻيءَ جو جزو ٿي ڪم اچي ٿي، جيئن:

- ائين پڳو جيئن "ڪانُ پڄي ڪمان ڪان."
- ائين ڦِريو جيئن "ڪافر ڪلمي ڪان."
- ائين سِڪيو جيئن "مير صاحبيءَ ڪان."

**محاوري وارا پهاڪا:** ڪي پهاڪا اهڙا بہ آهن، جن ۾ محاورو جملي جو هڪ ڀاڱو ٿي استعمال ۾ اچي ٿو ۽ محاورو اکري معنيٰ ۾ پهاڪي جو جزو ٿي ڪم اچي ٿو جيئن:

- گهوڙي جو پُڇ وڏو تہ بہ پنهنجيون مکيون هڪليندو.
- پيرُ پُٽ نہ ڏيندو زالَ ڪو نہ کسيندو.

ڪي پهاڪا تہ اهڙا بہ آهن، جن ۾ محاورو هڪ ڪان وڌيڪ ڀاڱن ۾ جملي ۾ استعمال ٿئي ٿو جيئن:

- وات ۾ مُڱ،مُلڪ ناڙ گهرُ سُڄَ.

سنڌي پهاڪن ۾ جتي ٻوليءَ جو نجيٽي وارو حُسن، معنويت ۽ خيال جي گهرائي ملي ٿي، اُتي بيساختگيءَ واريون اُهي جملي نزاڪتون بہ ملن ٿيون، جيڪي سٺي ۽ معياري شاعريءَ جي سڃاڻپ هونديون آهن. ڪجھ مثال ڏجن ٿا.

**رواني ۽ موسيقيت:** ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون، لفظن جي فطري جڙاءَ، وجداني حِس ۽ تخليقي ڏانءَ سان سرجيل آهن، جو اُهي نہ رڳو نثر جا خوبصورت شاهپارا

ٻڌجي پيا آهن. پر اُهي شاعراڻي رواني، نغمگي ۽ غنايت بہ رکن ٿا. ائين جو انهن کي ڪلاسيڪل شاعريءَ جيان جهونگاري ۽ ڳائي بہ سگهجي ٿو. انهن ۾ شاعراڻو ردم بہ آهي، موسيقيت بہ آهي، تہ پاڻيءَ جي وهڪري جهڙي رواني بہ آهي، ڪٿي بہ زبان ۾ اٽڪ محسوس نٿي ٿئي. جيئن:

- ٻري تيلُ، ڪامي وَٽِ، واهہ ڙي ڏيئا واهہ!
- سُڪُ سمهن ڪنيار چورَ نہ چائن. مِٽي.
- ڪنئي ڪپي ڪا نہ ڳولي ليپي ڪا نہ.

**تجنيس حُرفي:** هونئن، تہ سنڌي عوامي شاعريءَ جيان، سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين ۾ تجنيس حرفيءَ جو استعمال ملي ٿو. پر ڪجهہ چوڻيون ۽ پهاڪا تہ اهڙا بہ آهن، جو انهن ۾ تجنيس حرفيءَ جو فن ڪمال درجي جو نظر اچي ٿو. مثال طور:

- ڏنُ، رکڻ رک، ميڙڻ مٽي، ڏيڻ ڏات ۽ خرچڻ خوراڪ آهي.
- سيج ڪيائون سُرهي، مُنا مگُٺهارَ.
- جنهن جي ناني نياڳي، تنهن جا ڏوهٽا ڪهڙا ڏاتار ٿيندا؟

**مقفيٰ نثر:** پهاڪن ۽ چوڻين ۾ مقفيٰ نثر جا بہ مثال ملن ٿا. جيئن:

- هَڻُ ڪَڻُ، هَڻُ ۽ ڪَڻُ.
- ٻهڻ، مٽي پَهَڻُ، هيٺ ڳَهَڻُ.
- ڪيڙي ٺيڙي، ٻوءِ ميڙي.

**استعارو:** پهاڪن ۽ چوڻين ۾ استعاري جو استعمال بہ ملي ٿو. جيئن:

- ماءُ جو پيٽ، ڪُنيرَ جي آوي.
- سيڻ ڏيڻ.

**ننڍڙيون ڪهاڻيون:** يورپ ۽ ٻاهرين دنيا جي افسانوي ادب ۾ ننڍڙيون ڪهاڻيون بہ لکيون پيون وڃن. نہ رڳو ايترو پرهڪ ٻن جملن واريون ڪهاڻيون بہ لکيون پيون وڃن. جيئن،

تو ڪڏهن جِنُ ڏٺو آهي؟

"نہ" هن وراڻيو.

۽ هو اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويو.

**عدالتي ۽ راڄوڻي فيصلن وارا پهاڪا:** ڪجهه پهاڪا ۽ چوڻيون، سنڌ ۾ رائج راڄوڻي فيصلن ۽ ڪوڙ ۽ ناانصافيءَ جي تڪسات تي بيٺل عدالتي نظام بابت آهن، جيئن:

- سِولِ، آهي، ڪِولِ.
- ڪورٽ، ڪچهري ڪانهي، جو ڪوڙُ هڻجي.
- ڏڪَ، ڏڪن ۾ ڦوڪَ.

**ٻاراٽين راندين تي ٺهيل پهاڪا:** ٻاراٽين راندين جي ٻولن ڪي ٻه وهنواري جيون جي مسئلن ۽ مامرن لاءِ اهڃاڻي طور پهاڪن ۽ چوڻين ۾ ڪم آندو ويو آهي، جيئن:

- ساڱيا لاتون، ساڱيا ڇُگهه.
- ڪيڏي تو راند، آڳَ نه ڏيندو!
- ڇُتِ نه ٻڌي، هيهو ڪيڏي.

**نصابي چوڻيون:** ڪجهه چوڻيون، اڳوڻي درسي نصاب ۾ شامل نظمن جون سِٽون يا سبقن جا عنوان آهن. جيڪي گهڻي عوامي ورجاءَ ڪري، چوڻيون بڻجي ويون آهن، جيئن،

- جو ڪيرُ پئي، سو ويرُ ٿئي.
- دل ڪر درخت جي دستور.
- سَگهو چوڪر، اگهو شاهوڪار.

**ساڳي معنيٰ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون:** ڪنهن به ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۾ اهڙا ٻنهه گهڻ مثال ملندا، جو ڪنهن هڪ مقصد، نصيحت يا نڪتي کي پڌرو ڪرڻ وارا ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم رکندڙ (20) ويهن کان وڌيڪ پهاڪا ۽ چوڻيون هجن. انهن پهاڪن ۽ چوڻين جو واقعاتي پسمنظر ڌارڌار هوندي به معنيٰ ساڳي نڪري ٿي. جيئن:

- ڄائي ڪانهي، نانيءَ مُهاندي.
- ڪنگر ۾ ڪڪڙا، پڙي مبارڪ.
- ڪڳا ڪوهر ۾، مريون مآنڌ پيون ڪنجن.

يا

● ڪُڪڙ ڪورين جي، ناموس وڏيري جي.

● ٻري وٺ ڪامي تيل، واهہ ڙي ڏيئا، واهہ!

● نالو نارائڻ جو ڪوهي ڪنگهار جي.

**گهڻ پاسائين معنيٰ وارا پهاڪا:** سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۾ شاهوڪاري ئي آهي، جو اهڙا پهاڪا بہ ملن ٿا جيڪي هڪ کان وڌيڪ ۾ ڌار ڌار معنائن ۾ استعمال ٿين ٿا. اهڙو مثال ٻين ٻولين ۾ ٻنهہ گهٽ ملندو ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

ٿهيو تہ ٿهيو.

هن پهاڪي جي ظاهري معنيٰ تہ شهہ ڏيڻ واري آهي، مثال طور هڪ دوست ٻئي کي چوي تہ "راڻي باغ گهمڻ ٿا هلون." ۽ ٻيو چوي تہ "ڪو نہ ٿا هلون" ۽ اڳلو لاپرواهيءَ مان ورائي، تہ "ٿهيو تہ ٿهيو." جنهن در گذر ڪئي، سو آباد ٿيو." جيئن چوڻي آهي تہ "جيڪو مُڙيو سو جُڙيو."

ڏرجي بہ ڏجي بہ.

هن چوڻيءَ جي هڪڙي معنيٰ، تہ اها ٿيندي تہ پلي دان، ديا ۾ سخا ڪجي، ٻيو بہ ڏٽيءَ در ڏجي تہ متان ڏمرجي نہ پوي. ٻي معنيٰ اها ٿيندي، تہ جيڪوڏارو پاڻ لاءِ ڏرجي يا جيڪو ڪاڏو پاڻ ڪائجي، ان مان ٻين جي سارَ لهجي.

ڏِنو پُٽ چُٽي جو.

هن پهاڪي جون ٻن کان وڌيڪ معنائون آهن. لفظي معنيٰ تہ ظاهر پئي آهي، تہ ڏِنو خان، چُٽي خان جو پُٽ آهي. ٻي معنيٰ اها ٿيندي، تہ ڏيتي ليتي، وهنوار يا قرض مان آجائپ تڏهن ٿيندي جڏهن لهڻو ليکو ڪري جند ڇڏائبي، پر هن پهاڪي جي ٽين معنيٰ هن سماج ۾ رائج نظام تي وڏي چٽر آهي، تہ ڪو جائز ڪم بہ بنا رشوت ڏيڻ جي نٿو ٿئي.

ڪجهہ پهاڪا اهڙا بہ آهن، جيڪي ٻن يا ٽن کان وڌيڪ معنائن ۾ استعمال ٿين، اهي گهڻ مقصدي ۽ گهڻ پاساوان پهاڪا آهن، جيئن:

● جيڏو هَڏُ، تيڏو سَڏُ.

1. ڪنهن وٽ پئسو پاڇي هوندو تہ اوڪيءَ مهل ۾ سَڏ ۾ سَڏُ ڏيندو.

2. جنهن وٽ چوپايو مال آهي، تہ تڪڙي گهرج ۾، مال جا هڪ بہ ڪن وڪڻي، پنهنجي مان پنهنجو ڪري سگهي ٿو.

3۔ شادي مرادي يا ڪاڄ ۾ ايترو سَڏُ (دعوت) ڏبي آهي جيتريون ڦنڊرون هونديون آهن.

4۔ پنهنجو هَڏُ رت، ويجهو مائٽ ئي اوکيءَ ۾ اُچلجي اچي مٿان پوندو آهي.

**علائقائي فرق وارا پهاڪا ۽ چوڻيون:** سنڌ جي ساهتي ۽ وچولي واري علائقي ۾ رائج ۽ مقبول عام پهاڪا ۽ چوڻيون سنڌ جي ٻين حصن ۾ لفظن جي ٿورڙي ڦير گهير ۽ لهجي جي فرق سان ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا، جيئن:

● جَٽُ سچو ٿئي، تہ ڪڙهِ تي ڪيرُ پياري.

(مهر سچائي تي اچي، تہ ڪڙهِ تي ڪير پياري.)

● گهرَ جو پيرُ، چُلهہ جو مارنگُ.

(اوڏڙو پيرُ، چلهہ جو مارنگ)

● اها ئي زبان اُس ۾ وهاري، اها ئي زبان ڇانءَ ۾ وِهاري.

(هڪڙو ڳالهو ڪٽ تي وِهاري، هڪڙو ڳالهو پٽ تي وِهاري.)

**سواليا ۽ سوال جواب وارا پهاڪا:** ڪي پهاڪا ۽ چوڻيون سواليا آهن، سوالن ۾ رچيل انهن چوڻين ۽ پهاڪن ۾ ڳوڙهي معنيٰ سمايل آهي، جيئن:

● جنهن رُني نہ ڏنو سو گُهرئي ڪهڙو ڏيندو؟

● سيِ رئيسَ، گهوڙو ڪير ٻڌي؟

● ڇا ڇنڙو پَٽُ ، ڇا بسم الله؟

ڪجهہ پهاڪا ۽ چوڻيون اهڙا بہ آهن جن ۾ سوال سان گڏ سوال جو جواب بہ ڏنل آهي، جيئن:

● ننگرُ ڪيئن ڦِٽو؟

چي، ”ڇٽو وٽو.“

● ڳاتا يلا، ڪہ سٽتا؟

چي، ”سٽتا.“

**گفتگوءَ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون:** ڪجهہ پهاڪا، گفتگوءَ واري انداز ۾ سرجيل آهن. جيئن:

● ڪاٺا سُوامي، نَمسڪار.

چي، ”ابا! وِڙهڻ جا پارَ.“

• گُتو آهين،
چي، ”هٿ ۾ آهين.“
**ٻن يا ٽن لفظن وارا پهاڪا:** سنڌي ٻوليءَ ۾ مختصر پهاڪا ته گهڻا ملن ٿا، پر اهڙا پهاڪا ۽ چوڻيون به آهن، جيڪي ٻن يا ٽن لفظن تي ٻڌل آهن. اهي آهن ته بنهه مختصر پر پنهنجي مختصر وجود ۾ وڏي معنيٰ رکن ٿا. مثال طور سنڌي سماج ۾ سيٽپي جي رشتن وچ ۾ روايتي مسهائپ وارن روين کي ٻن لفظن جي هن پهاڪي ۾ ڪيڏي نه مهارت ۽ خوبصورتيءَ سان آندو ويو آهي، ته:
سيڻ، ڏيڻ.
عربي ۽ قرآن جي لفظن کي به سنڌي پهاڪن ۾ آندو ويو آهي. مثال طور ڪو ماڻهو چوي، ته سياڻ هيءَ ڪم ڪرڻو آهي ته اڳلو موٽ ۾ چوندو.
گهڻو خيرُ.
هتي اهو پهاڪو ”انشاءَ الله“ جي معنيٰ ۾ ڪتب آيو آهي.
شاخ يا واٽر جي پڇڙيءَ جون زمينون، پاڻيءَ جي کوٽ ڪري سُڪنديون آهن يا پاڻيءَ جي گهٽائيءَ ڪري ٻڏنديون آهن. ان سموري مسئلي کي ٻن لفظن جي هن پهاڪي ۾ ڪيڏي نه مهارت سان آندو ويو آهي، ته
پُڇڙي ٻُڇڙي.
پڇڙي ٻڏي يا سڪي
اهڙيءَ ريت ٽن لفظن وارا پهاڪا به ملن ٿا، جيڪي معنوي حوالي سان ڏاڍا ڀرپور آهن. جيئن:
• گُهر، ته گهرئين.
• ڪار آهي ياٺيوار.
• رتُ، راڻو آهي.
**متضاد پهاڪا ۽ چوڻيون:** ڪجهه پهاڪا ۽ چوڻيون، معنوي حوالي سان هڪ ٻئي کي رد ڪندڙ ۽ متضاد آهن. هڪ پهاڪي ۾ آيل نصيحت کي ٻئي پهاڪي ۾ ان جي ابتڙ منفي معنيٰ ۾ آندو ويو آهي. اهو پهاڪن جي سرجڻهارن جي سوچ ۽ ذهنيت جي ڪري به آهي ته ڏار ڏار مشاهداتي پسمنظر جي ڪري به. جيئن:
• اوڏر جي ماءُ ڪا نه مُئي آهي.

(اڌارو ڏئي، وينو روءِ)

- پائرن سان ڪهڙا ليکا؟

(ٻـ پائر، ٽيون ليکو)

- ٻارُ تـ پيارُ.

(ٻارُ تـ مارَ)

**منفي سوچ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون:** پهاڪن ۽ چوڻين ۾ جتي سنڌي سماج جو اُجرو پاسو نظر اچي ٿو اُتي سماج جو منفي پاسو بـ ڏسڻ ۾ اچي ٿو انڪري تـ پهاڪن جا گمنام سرجڻهار جتي وقت جا ڏاها، سگهڙ ۽ وقت جا نبض شناس هئا،جن ٿورڙن لفظن ۾ عقل ۽ ڏاهپ جا واهڙ وهائي، نصيحتن جا نڪتا نرواركيا آهن، اُتي گهٽ سمجهـ وارا عام ماڻهو بـ پهاڪن جا سرجڻهار رهيا آهن،جن پنهنجي سطحي ذهن جي آڌار تي پهاڪا ۽ چوڻيون سرجيون آهن، جيئن:

- چوڪرُ پڙهيو قسمت جاڳي،

چوڪري پڙهي، مُنهن تي دانگي.

- نـ ڄمي ها، نـ دَرَ تي دُهل وڄي ها.

- مايا ميڙ مڪر سان، کاءِ شڪر سان.

**غير مهذب پهاڪا ۽ چوڻيون:** ڪجهـ پهاڪا ۽ چوڻيون بنهـ غير مهذب ۽ اخلاق کان ڪريل، گارين جهڙا آهن، هتي لکڻ جهڙا نـ آهن. جڏهن تـ ڪجهـ چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا بـ آهن، جن ۾ اگهاڙپ جي شدت گهٽ گهٽ ۽ سهپ جوڳي آهي، جيئن:

- ڳُئي اگهاڙي هٿ ۾ رومال.

- وَڻ، وَڻ کي ڳُئي نـ ڏيکارجي.

- ڳُئي اُگهاڙي، لالَ ڦيري.

- ڪانوڻ کي پيلا هجن ها، تـ اڏامندي ڏسجن ها.

**آفاقي پهاڪا ۽ چوڻيون:** ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون، ڳوڙهي معنيٰ فڪر ۽ عالمگيريت جو وسيع ڪينواس رکن ٿا. انهن کي جاگرافيائي سرحدن ۾ قيد نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري جو انهن ۾ پيغام جي وُسعت ۽ فڪر جي گهرائي ايتري تـ گهڻي آهي جو اهي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿين. تـ سنڌ جي عالمگير سوچ

۽ جڳ جهان جي خير گهرڻ واري عالم انسانيت واري فڪر ۽ ڏاهپ ڪي اُجاگر ڪري سگهجي ٿو. جيئن،

- ڏِڙيءَ ڪان لنگهيو ڏَرڳُ ٿيو.
- مورک جي خوشامد ڪان، سياڻي جي ٺوڪَ ڀلي.
- ناڻو هٿ ايندو، ناڻو هٿ نہ ايندو.

وغيره

**اونهي فڪر ۽ فلسفي وارا پهاڪا ۽ چوڻيون.** ڪجھ پهاڪن ۽ چوڻين ۾ وڏو فلسفو سمايل آهي. هڪ جملي ۾ ايتري تہ فڪري اوتَ ۽ گهرائي آهي جو ان تي طويل مضمون يا ڪتاب لکي سگهجي ٿو. مثال،

- جهڙيءَ ڏُوڙ تهڙي ڇائي،

يا

- ڏوڙ ڇائي، ٻڪَ ادائي.

هن پهاڪي جي هڪ جملي ۾ آرٽسٽڪ انداز ۾ زندگي ۽ موت، جسم ۽ روح جي فلسفي ڪي آندو ويو آهي، تہ انسان فاني آهي، انسان جو جسم بہ فاني آهي، پر روح ڪي فنا نہ آهي. مرڻ ڪانپوءِ مسلمان ڪي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ٿو وڃي، هندو باھ ۾ ساڙيندا آهن. ٻنهي حالتن ۾ انسان جو جسم فنا ٿي وڃي ٿو پر روح فنا نٿو ٿئي.

- ڪائبا، سو پائبا،

ڇوڙيا، سو ٻوڙيا.

انسان سڄي ڄمار هڻ هٽان ڪري ڪمائي ٿو ان ڪمايل دولت مان اهوئي ڪيس ڦٻي ٿو جيڪو هو ڪائي پي ۽ ڇوڙي ماٺي ٿو يا ان ڪمايل ڏن مان ٻين جي واهر ڪري نيڪي ڪمائي ورتائين، پر اهو ڏَنُ جيڪو هو ڇڏي، مري ٿو وڃي. اهو مرڻ ڪانپوءِ سندس ڪنهن بہ ڪم نٿو اچي. اهو ڏَنُ سندس لاءِ جڻ ٻڏي ٿو وڃي.

آئي مڃي، جهڳڙا ٽُٽا.

آنا، تمام خرابين جي جڙ هوندي آهي، پاڻ تي انائن جا خول چاڙهي گُهمندڙ انسان، سدائين جهيڙن، تڪرارن ۽ فسادن جي ٻوهي ۾ پوندو آهي پر

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي انا کي پاسي تي رکي، فراخدليءَ سان پنهنجي غلطيءَ کي مڃي ٿو وٺي، تہ پوءِ جهيڙي ۽ فساد جو ڪهڙو امڪان ٿو رهجي؟ اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي پهاڪا آهن. جيئن،

- ٻہ، تہ ٻارهن
- ٻُڍيءَ جا ٻيٽا

**بهترين پهاڪا:** بهترين پهاڪي لاءِ پرک جي ڪهڙي ڪسوٽي هئڻ گهرجي؟ اهو پهاڪو جنهن جي بيهڪ آرٽسٽڪ ۽ رواني واري هجي ۽ ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهہ هجي، آءُ پنهنجي ذاتي راءِ ۾ ان خيال جو آهيان تہ وجداني سطح تي سرجيل اهو گفتو، جنهن ۾ خيال جي گهرائي ۽ تخليقي حسن بہ هجي، پر گڏوگڏ سنڌ جي سمورن حصن ۾ مقبول عام ۽ گهڻو استعمال ٿيندو هجي، اهو ئي بهترين پهاڪو آهي، جيئن،

- تِرَ جي گُتِي، سؤ چوٽون کائي.
- پيءُ مري اڌ ڇورو، ماءُ مري سڄو ڇورو.
- ربَ جي آسري، درياهہ ۾ نہ گهڙجي.

سنڌ جي وڏڙن، بزرگن ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻو عالمن، جتي سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين کي ميڙي چونڊي گڏ ڪري، ڪتابن جي شڪل ۾ محفوظ ڪرڻ جو وڏو ۽ بنيادي ڪم ڪيو آهي اتي انهن ڪتابن ۾ اهڙا پهاڪا ۽ چوڻيون بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي معنوي حوالي سان غلط آهن، يا انهن مان اڻ ڄتي ۽ غلط معنيٰ نڪري ٿي. ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

- ٻي سيڪا ويٺي ڏِيي، بيٺي ڏِيي اُٺ. (گلقند: 49)

(اُٺ ڪيئن ڏيندو؟ هتي اُٺ بدران ڏاچي هئڻ گهرجي ها.)

- ڏندَ آهن، تہ مکڻ ڪونهي.

مکڻ هو تہ ڏند نہ هئا. (ماٿيلي اوباوڙي جي ٻولي. 106)

(مکڻ کائڻ لاءِ ڏندن جي ڪهڙي گُهرجُ؟)

- ڪاريهر جي ٻر مٿان، جيڪو لنگهائي لنگهہُ

جي نہ ڳڙڪائي ڄنگهہ، تہ ڪاريهر ڪيئن سڏجي؟ (اترادي پهاڪا_55)

(ڪاريھر نانگُ، زھريلو ٿئي ٿو اھو ڏنگ ھڻندو آھي، اُھو ارڙ بلا يا ڪوراڙ بلا جيان ڳڙڪائيندو نہ آھي.)

● ڇڃُ ٻڏي، ڪاري ٻڏي،

پرڻ ڪيئن ٻڏي، جنھن کي سئو ٽُنگ؟ (ماٽيلي - اوڀاوڙي جي ٻولي 186)

(مشاھدي جي وڏي غلطي آھي، تيلين مان ٺھيل ڇڃُ ۽ لئي جي سنھين ڪاٺين مان ٺھيل ڪاري ڪيئن ٿا پاڻيءَ ۾ ٻڏي سگھن؟

جڏھن تہ پرڻ لوھہ جو ھوندو آھي، انکي پلي سئو ٽُنگَ ھجن، پر پاڻي ۾ ٻڏي ويندو آھي)

● مينھون چاري، ميھر فقير. (اترادي پھاڪا. 56)

ڪير کا وچن ڪوٻلي.

(ڪيرُ پاٽيٺ آھي، پيئبو آھي، کائبو نہ آھي)

● ائين اچي، جيئن ڏُکي گھوڙي ڦَرَ تي. (پھاڪن جي حڪمت _66)

(ھتي ڏُکي گھوڙيءَ بدران وياميل گھوڙي ھئڻ گھرجي)

● ٿَرُ شينھن، رڍن جي لشڪر کان نہ ڊڄي.

(رڍن جو لشڪر نہ پر ڌَڻُ ٿيندو آھي)

پھاڪن جي ڪتابن ۾ ڪجھہ اھڙا گفتا بہ شامل ڪيا ويا آھن. جيڪي پھاڪن ۽ چوڻين جي وصف تي پورا نٿا لھن. اھي نہ تہ پھاڪا آھن ۽ نہ ئي چوڻيون، پر عام رواجي جملا آھن. جيڪي وھنواري جيون ۾ ڳالھايا وڃن ٿا. ڪجھہ مثال ڏجن ٿا.

● ھڪڙي ڪن کان ٻُڌي، ٻئي ڪن کان وھايو ڇڏي. (پھاڪن جي حڪمت 90)

● ٻن ٻاھين جي وچ ۾ آھيان (پھاڪن جي حڪمت 70)

● چوڏھن طبقَ روشن. (پھاڪن جي حڪمت 77)

● ھن جا ٽيڙَ نيشن تي رکيا آھن (پھاڪن جي حڪمت 99)

● ساھہُ مُٺِ ۾ اٿس. (پھاڪن جي حڪمت 22)

● پيٽ ۾ ڪُئا. (پھاڪن جي پاڙ 116)

● گھٽي ويھين سئو آھي. (گل ڦُل 116)

●اٿي ۾ لوڻُ (گل شڪر 11)

● منهنجو ڪم واڪا ڪرڻ
ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو. (سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح 146)

عربي، فارسي، هندي ۽ ٻين ٻولين جا پهاڪا ۽ چوڻيون، جيڪي سنڌ جي مٿئين ۽ پڙهيل طبقي وٽ عام استعمال ٿيندا هئا. اهي پنهنجي ڪچهرين ۽ گفتگوءَ ۾ پنهنجي علميت ۽ مٿيرائپ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن جو استعمال ڪندا هئا. جيئن:

● لباس المؤمنين، قلوب الڪافرين.
● دير آيد، درست آيد.
● يڪ نہ شُد، دو شُد.
● چلتي ڪا نام گاڙي.
● مجبوري ڪا نام شڪريہ.

سنڌ جي عام ماڻهوءَ ٻين ٻولين جي پهاڪن ۽ چوڻين جو ايترو اثر قبول نہ ڪيو پر انهن پهاڪن کي ٿوري مروڙي، پنهنجي لهجي ۽ رنگ ۾ آڻي استعمال ڪيو آهي، اُهي، انهن پهاڪن کي اُچاريندا بہ هئا. تہ بہ پنهنجي بگڙيل صورت سان اُچاريندا هئا. جيئن.

● ياڪن منجهان ڪنهن، پِرايو ڪينڪي.
● ناست ڪان آست يلي.

ڪجھ چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا بہ آهن، جيڪي عربي، فارسي، هندي ۽ اردو لفظن جي ميلاپ سان سرجيا ويا آهن. ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

**عربي سنڌي:** طلبہُ تہ مِلہُ.

هن پهاڪي ۾ خيال جي گهرائي، پنهنجي جاءِ تي، پر عربي ۽ سنڌي لفظن جي جڙاوت ميلاپ ڪيڏو نہ وڻندڙ ۽ فطري ٿولڳي، جو اوپرائپ جي هواڙ بہ ڪانہ ٿي اچي.

**فارسي سنڌي :**

● پرائي بُودن ڪاٺ،ڪپھ ڪان ڪٿونرو.
● گڏون فرستاد. ڏوئي رسيد.
● رڙهندي، روان باشد.

**سنڌي هندي ۽ اردو:**

- ليي لٺ نہ لائو ميري بندوق.
- لنگهي لاتي لوئي، تہ ڪيا ڪريگا ڪوئي.
- ناڪ ڪٽا، ترڪٽا، گِهہ تو چٽا.
- جو ويکي، نہ پتيجائو ڏوڙ تنهن جي مُنهن ۾.

**موجوده دور:** ڀهراڙيون، ٻوليءَ جا واهڙ هونديون آهن. جتي نج ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ٿيندي آهي، سُگهڙن جون ڪچهريون پڻ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. ڏاڙيل ڪلچر ۽ ڏش ڪلچر ڪانپوءِ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اوطاقون اُجڙي ويون آهن. اوطاقي ڪلچر جڻ ختم ٿي ويو آهي. سگهڙن جو فن پڻ پوين پساهن ۾آهي. وڏي ڳالهہ تہ سنڌ ۾ ٻيلن جي ختم ٿيڻ ۽ وڻن جي قتلام کان پوءِ ڪچي جو جڻ تصور ئي ختم ٿي ويو آهي، ان ڪري ٻوليءَ جا واهڙ سُڪندا پيا وڃن ۽ ٻوليءَ جو نجپڻو خطري ۾ پئجي ويو آهي تہ ٻئي پاسي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ انٽرنيٽ جي تيزلهر ڪري، سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ٻولي جو واهپو گهٽجندو پيو وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ خطرناڪ حد تائين شامل ٿيندا پيا وڃن. وڏي ڳالهہ تہ پهاڪن ۽ چوڻين جو نہ رڳو سرجڻ، پر استعمال بہ ڳڻتيءَ جوڳي حد تائين گهٽجندو پيو وڃي. بنهہ گهٽ پهاڪا سرجن ٿا. جيئن،

- چوري ڪانهي، زوري آ.
- ڪلر ۾ ڪير جو مانُ.
- جڏو ڪائو ماستر، لنب لوفر سپاهي.

هيءَ منهنجي ٿيهارو سالن کان بہ وڌيڪ عرصي جي ميڙا چونڊي آهي، ننڍي هوندي کان سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين سان گهڻو چاهہ ۽ لڳاءُ رهيو اٿم. جڏهن کان ادب سان ساڃاهيوآهيان، اهو مشغلو رهيو اٿم تہ ڪچهريءَ يا گفتگوءَ ۾ ڪنهن جي واتان ڪو نئون پهاڪو ٻڌندو آهيان، تہ اهو ٽُرت پني تي لکي وٺندو آهيان. يا ڪو ڪتاب، مضمون يا ليک پڙهندي، ڪو نئون پهاڪو يا چوڻي نظر مان گذرندي آهي، تہ نوٽ ڪري ڇڏيندوآهيان.

ڳوناٽي ڏاهپ جا هيءُ املهہ موتي ۽ ٻوليءَ جو خزانو مون ڪٺو ڪٺو ڪري ميڙيوآهي. گهڻا ٽڻا پهاڪا، ڳوناٽي نج ماحول مان وڏي ڄمار جي ڏاڏين،

نانين کان سواءِ ڳوناٽن، هارين نارين، سُگهڙن، ڪچهريءَ جي ڪوڏين ۾ ٻوليءَ جي وينجهار وڏڙن جي گفتگوءَ مان جهٽيا اٿم. جن جا سينا، ٻوليءَ جا دفينا آهن. ڪيترائي اڻ ڇپيل ۽ اڻ لڀ پهاڪا ۽ چوڻيون، مون پنهنجي سَسُ، مرحيات ماسي زليخان وٽان هٿ ڪيا آهن، جنهن کي نُنڍا وڏا پيار ۽ احترام سان ماسي جُلي يا جيجي جُلي ڪري سڏيندا هئا. وڏي همت ڀري، ڏاهي، سگهڙ ۽ ٻوليءَ جي وينجهار عورت هئي، اڻ پڙهيل هئي، پر ٻوليءَ جي ڄڻ وٽس کاڻ هئي. ڳالهہ تي موقعي جي مناسبت سان پهاڪي ۽ چوڻيءَ جو جملي ۾ هنرمنديءَ سان جڙاءُ جو وٽس ڏانءُ هو. هو ڊسمبر 2012ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي. رب ڪريم شل سندس درجا بلند ڪري.

مون اُهي پهاڪا ۽ چوڻيون ميڙي چونڊي گڏ ڪيا آهن. جيڪي اڄ بہ سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ گهڻو ورجايا وڃن ٿا. پر اڄ تائين انهن تي ڌيان ڏئي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي، جيئن،

- جتي تون پڙهيو هئين، اُتي آءُ ماستر هئس.
- ٿهيو تہ ٿهيو.
- ڪوڙي تي لعنت، سچي تي رحمت.
- قضا سان، ڪُتي اٿو کائي وئي.

آءُ يقين سان چوان ٿو تہ اڄ بہ سنڌ جي مختلف حصن ۾ اهڙا هزارين اڻ ڇپيل ۽ اڻلڀ پهاڪا ۽ چوڻيون ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اڄ بہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماسي زليخان جهڙا ٻوليءَ جا کوڙ وينجهار، پنهنجي سينن ۾ ٻوليءَ جا خزانا سانديو ويٺا آهن. رڳو انهن خزانن کي ڳولي ڦولهي محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مڃيان ٿو ۽ ان ڳالهہ جو انڪاري نہ آهيان، تہ ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ کان وٺي ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ تائين ۽ عبدالڪريم سنديلي کان عبدالوهاب سهتي تائين، پهاڪن جي ٽڙيل پکڙيل مواد کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ جو واکاڻ جوڳو ڪم ٿيو آهي. پر ٻوليءَ جو اوترو ئي خزانو اڃان بہ اڻ ڇپيو موجود آهي. ان کي محفوظ نہ ڪيو ويو تہ گهٽ استعمال ڪري ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي.

آخر ۾ آءُ ٿورائتو آهيان، سائين تاج جويي جو جنهن جي اُتساهہ ۽ ڏيان ڇڪائڻ تي، هن ميڙا چونڊيءَ کي سهيڙي سگهيو آهيان. سائين مير محمد پيرزادي ۽ خان محمد جروار جا بہ ٿورا آهن، جن وقت بہ وقت سٺيون صلاحون پئي ڏنيون آهن. گڏوگڏ ادب دوست ۽ علم دوست محمد حنيف سومري جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪم ۾ گهربل ڪتاب مهيا ڪري ڏنا.

**محمد صديق منگيو**

**سڪرنڊ**

## انسانُ ويچارو آهي.

انسان بيوس آهي پاڻ وهيٽو نہ آهي.

مثال: "واڳ ڌڻي تنهنجي وَس آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي" (شاهہ)

## اِنهيءَ ترِيءَ تيلُ نہ لڳي.

چوڻ نہ مڃڻ پنهنجي غلط يا صحيح ڳالهہ تي اڙجي بيهڻ.

مثال: "ڪُتي جو پُڇُ، نَڙَ ۾ وجهہ تہ بہ ڏنگي جو ڏنگو" (گلقند 37)

## اَلا بلا برگردن مُلا.

الا بلا = ابڙا پيڙا، ڏوهہ گناهہ، مصيبت، سڀ ڪجهہ.

برگردن = ڪنڌ ۾، ڳچيءَ ۾.

اڳ جڏهن مواصلاتي وسيلا عام نہ هئا، تڏهن ڳوٺن ۾ ملانُ موراڻا ئي سادڙن ماڻهن لاءِ جاڻ جا وسيلا هوندا هئا. ماڻهو پنهنجي مسئلن ۽ مونجهارن ۾ ملن جي جاڻ ۽ صلاح تي ڀاڙيندا هئا ۽ چوندا هئا. "ڪوڙُ سچُ، ملان جي ڳاتي ۾."

مثال: "دوزخ برگردن راوي." (فارسي)

## اللهُ اللهُ، خير صلاح.

الله کي ياد ڪجي ۽ ٻين جو خير ۽ چڱائيءَ لاءِ دعاڳو رهجي.

## اللهُ اُهي ڏئي، جي اَبو امان وساري ڇڏين.

اولادُ ابي امان کان بہ مٿو ٿو ٿئي. اولاد جي موهہ ۾ ماءُ پيءُ بہ وِسري ويندا آهن.

## اللهُ بي پرواهہُ بادشاهہ آهي.

الله جي ذات، بي نياز آهي.

## اللهُ بَس، باقي هَوس.

اللهُ جو نانءُ ئي باقي رهڻو آهي باقي ماڻهو جيڪا بہ مرڳ ڪري ٿو اها اکين جوڙيءَ ۽ اجائي حَوس آهي.

## اللهُ بہ سياڻي سِڱ ٿو ڏئي.

الله جي هر تخليق ۾ وڏي حڪمت رکيل آهي. انسان کي بچاءَ لاءِ هٿ ڏنا اٿس تہ جانورن کي سِڱ ۽ پنجا ڏنا اٿس. جيڪڏهن انسان کي سڱ ۽ جانورن کي هٿ هجن ها تہ جهانُ ڪيئن هلي ها؟

## اللهُ ڏاڍو آهي، ماري پُڇندو.

اللهُ هر ڀانهي کي سُڌرڻ ۽ ڪيل غلطين کي سڌارڻ لاءِ ڍڳهو رسو ڏئي ٿو پر مرڻ کان پوءِ پُڇاڻو ضرور ڪندو.

## اللهُ ڏئي ٿو، پر ڪنگهائي ٿو ڏئي.

هيءَ پهاڪو وتائي فقير جي ٽوٽڪي تي آڌاريل آهي. "الله ڏئي ٿو" ان ڳالهہ کي پرکڻ لاءِ وتايو صبح ساڻ جهنگ ۾ وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. منجهند ڌاري هڪ ڇڄ، ان وڻ هيٺان اچي ڊراپو ڪيو ۽ ديگ رڌي کائڻ لڳا. جڏهن کائڻ لڳا تہ وتائي کي بہ اچي بک تپايو هن مٿان کنگهڙاٽ ڪيو ان تي هيٺ ويٺلن ڪيس ڏنو ۽ سڏي ماني کارايائونس. ان موقعي تي وتائي فقير جي واتان اُئين نڪتو.

الله رازق آهي روزُ ڏئي ٿو پر ان لاءِ هٿ پير هڻڻا ٿا پون.

## اللهُ ڏئي مانُ، تہ گڏهہ بہ خاندان.

اللهُ جنهن کي چاهي عزت ڏئي، گدا مان شاهہ ڪري يا بادشاهہ مان فقير ڪري وس وارو آهي.

## الله جا ڳُجهہَ، اللهُ ئي ڄاڻي.

غَيبَ جو علمُ الله کي آهي.

مثال: "وڏيون اکيون، الک کي." (گلقند 104)

"اگهہ ۽ ڳُجهہَ جي سُڌِ، الله کي." (گل شڪر 27)

## اللهُ جي ديگ، دير سان تَپي ٿي.

اللهُ ظالم کي تڙي ڪڙي سزا نٿو ڏئي تہ من صحيح ڏِگ تي اچي، پاڻ کي سُڌاري، پر جڏهن سڌرڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي وڃن ٿا. تڏهن ڍڳهي رسي کي ڇِڪ ڏئي ٿو.

## الله جي حڪم کان سواءِ پَنُ بہ نٿو ڇُري.

اللهُ ڪائنات جي هر شيءِ تي قادر آهي.

مثال: "ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي، تہ ڪنهن کي عقل منجهايو آ." (گلقند 124)

## اسان بہ اُس تي وار اڇا تہ ڪو نہ ڪيا آهن.

ڪو ماڻهو ڪوڙ هٽي، زوريءَ مڃائڻ جي ڪري تہ موٽ ۾ اُن کي زندگيءَ جي تجربي ۽ مشاهدي جو حوالو ڏئي ائين چوندا آهن.

## اسان بہ چوڙيون تہ ڪو نہ پاتيون آهن.

اڳلو داہو ڏئي ڳالهائي يا دهمان ڏڏي تہ ڪيس موٽ ۾ ائين چوندا آهن تہ اسان توهان جهڙا مرد آهيون عورتون نہ آهيون.

## اسان دا لوڙها بہ تون، تہ ڪُتا بہ تون.

هڪ پيرُ، مريدن وٽ ويو ۽ کين هدايت ڪيائين تہ "بابا چورا ڪاري لڳي پئي آهي. گهر کي لوڙهو وڏو ڏيو ۽ ڪُتو بہ ڏاريو." ان تي هڪ مريد هٿ ٻڌي ائين چيس تہ "اسان جو سڀ ڪجهہ تُون آهين."

## اسان جا هٿ بہ ڪوسا ڪو نہ وڍي ويا آهن.

ڏسو پهاڪو: "اسان بہ چوڙيون..."

## اسان جي آگوني مَٿي سورَ.

ڪو ماڻهو سمجهائڻ کان پوءِ بہ نہ سمجهي تہ ان کي ڪاوڙ مان ائين چوندا آهن.

## اسان جي دانهہ آهي، مائي مسيت کي.

ڪنهن ڏاڍي جي ڏاڍ ۽ ظلم تي بي پهچ ۽ هيٺين ماڻهوءَ کان بيو ڪجهہ نہ ٿيندو تہ ائين چوندو آهي.

## اسان جي دل ۾ خيرُ.

ناهہ کان پوءِ، اڳلو دل ۾ بُغض ڪِينو ۽ ٻيائي رکي تہ ان لاءِ چوندا آهن.

## اسان جو اللهَ، اسان سان.

جڏهن ڪو ماڻهو ڏُکئي وقت ۾ دلاسي ۾ رکي ڏَڪُ ڪڍي وڃي ان موقعي تي ائين چوندا آهن.

## اسان جو ڏُول، ڪو چَمٽو؟

ڏُول = حُقي يا چلم جي ٽوپيءَ جو لوهي ڍڪڻو.
چمٽو = ٽانڊي کي پڪڙڻ لاءِ لوهہ جي پٽين مان ٺهيل اوزار جنهن سان چلم ۾ ٽانڊو رکندا آهن.
ڪنهن معاملي کان لاتعلقي ظاهر ڪرڻ لاءِ چوندا آهن.

## اسان جون اکيون، توهان جون لتون.

مهمان جي آدر ڀاءَ ڪرڻ لاءِ نهٺائي مان چوندا آهن. عقيدت جي اظهار لاءِ بہ چوندا آهن.

## اسان جَنين ساڻُ، ٽڙ وٽي، تيرهن ڪيو، تنين اسان کان، ڍِڳو ڍڪي ڪاڏو.

ٽِڙ وٽي تيرهن ڪرڻ = ٽِر جي داڻي جا ورهائي تيرهن حصا ڪرڻ.
ڍڪي = لِڪائي.
جنهن کان ننڍڙي شيءِ يا معمولي ڳالهہ بہ نہ رکجي، اهو ڪا وڏي شيءِ يا وڏي ڳالهہ لِڪائي تہ ڏک ضرور ٿيندو.

## اُستاد جي مارَ، سَنوار آهي.

اُستاد ۽ ماءُ پيءُ جي مارَ ۾ بہ پيار هوندو آهي، اها ٻار جي سُڌاري ۽ سنوار لاءِ هوندي آهي.
مثال: "استاد جي مار ٻار لاءِ سنوار." (گلقند 16)
"جورِ استاد، بهتر زمهر پدر." (گلقند 16)

## اَسي وٺي گَسِي، سؤ ناهي پَئو.

هٿ چوٽ بيپرواهيءَ مان وڏا خرچ ڪرڻ.

## اَويلو مهمان، پَٽائي پنهنجو پاڻُ.

اويلو = بي وقت اچڻ وارو
پٽائڻ = گلا ڪرائڻ.
ڪُمهلي مهمان لاءِ ماني بہ ڪُمهلي تيار ٿيندي. سڄي ڏينهن جي هڏ اُلوڙ ڪم ڪار کان پوءِ آرامي عورتون ڪچي ننڊ مان اٿنديون تہ ماني پچائيندي مهمان لاءِ چپن ۾ جيڪي پِٽڪا پيون ڪنديون آهن. انهن ۾ مهمان لاءِ عزت نہ هوندي آهي.
مثال: "اَويلو مهمان، پِٽائي پنهنجو پاڻ." (سنڌي پهاڪا 51)

**اوڏر قرب جي ڪئنچي آهي.**

اوڏر قرب کي ڪئنچيءَ جيان ڪُتريندي آهي. قرب، محبت ۽ سنگت واري جاءِ تان اوڏر وٺي وقت تي نہ موٽائي ڏيڻ تان ماڻهو ڪنو پئجي ٿو وڃي.

مثال: "اوڏر جا پيٽا بہ ٻڙِ پوڻ." (اترادي پهاڪا 30)

**اوڏ، مٽيءَ جا ڪوڏ.**

اوڏ = سنڌ جو قديم قبيلو. اُن قبيلي جا ماڻهو مٽيءَ جا ڪوٽ ۽ پٽيون ڪڻندا آهن.

اوڏن جو وهنوار روزي ۽ سڃاڻپ مٽيءَ سان آهي. ائين جيئن اوڏڪي پٽ ۾ ڪوڏ سلهاڙيل هوندا آهن.

**اونڌي کوپري اُلٽي مَتِ، مٽان ڪري ڪوانُ تي پَتِ.**

اونڌي کوپري = پاڳل چريو غائب دماغ حِرص وارو.

اُلٽي مت= اونڌو اُبتو عقل، اونڌي اُبتي صلاح.

پَتِ = يقين، اعتبار.

پاڳل غائب دماغ ۽ حرص واري ماڻهوءَ جي عقل ۽ صلاح تي نہ هلجي.

**اُونڌو دِلو، پاڻيءَ سان نہ پرجي.**

لالچي، هبچي ۽ حرص واري ماڻهوءَ جو پيٽ ڪڏهن بہ نہ پربو آهي.

**اُونهاري جي اڳياڙي، سياري جي پڇاڙي.**

اونهاري جي اُتڪ ۽ سياري جي پڇاڙي خراب هوندي آهي.

مثال: "نانوائيءَ جي اڳياڙي، ڪاسائيءَ جي پڇاڙي." (اترادي پهاڪا 62)

**اولادُ پنهنجو زال پرائي.**

پرائي شيءِ سُٺي لڳندي آهي. ايستائين جو زال بہ پرائي سٺي لڳندي آهي. سواءِ اولاد جي، اولاد پنهنجو وڻندو آهي.

مثال: "پرائي مينهن جو اوهڙ وڏو ڏسڻ ۾ ايندو آهي." (ماتيلي 104)

**اولهہ لڳي سائي سُڪائي.**

اولهہ جي ڪُنڊ لڳندي آهي تہ ڪڻڪ جي پوک داڻو ماري ويندي آهي. ڪڻڪ جي داڻي جو وزن ۽ سائيز گهٽجي ويندي آهي.

مثال: "اوير وائي، تہ ڏن اُپائي،
اُتر وائي، تہ سيءُ آڻي،
اولهہ وائي، تہ ڏوڙ اُپائي،
ڏکڻ وائي تہ هِيرَ آڻي." (اترادي پهاڪا 114)

**اوڻٽيهہ اُپت، ٽيهہ کَپت.**

اُپت = آمدني، ڪمائي.

کپت = خرچ

آمدنيءَ کان خرچ وڏو.

ڏسو: پهاڪو "آنُ اٺ ٽويا...."

**اوهہ وڏو، کيرُ ٿورو.**

اوهہ = مينهن، ڍڳي، ٻڪري ۽ کير ڏيندڙ مال جي کير واري ڳوٿري، جنهن مان کير ٿڻن ۾ ايندو آهي.

ڪم ٿورو ڏيکاءُ گهڻو.

مثال: "ٻاهران چَکي مَکي، اندر ٻڙ ٻڙ دکي." (گل شڪر 35)

**اوجهري ناهي گوشت، پوليس ناهي دوست.**

جيئن اوجهري گوشت نٿي ٿي سگهي، تيئن پوليس جو ماڻهو دوست نٿو بڻجي سگهي.

مثال: "سپاهيءَ جهڙو يار ٻيو دشمن نہ ڏار." (سنڌي پهاڪا 140)

**اوجهڙ هليا نہ پُليا، راهہ هليا پُلجن.**

اوجهڙ = جهنگ ۽ ڪنڊن وارو گس، اٽانگو پنڌ، گمراهہ سڌي راهہ کان ٿڙيل.

مثال: "جهنگل هليا، سي نہ پُليا، راهہ هليا ڦرجن." (شاهہ - ڪاهوڙي)

**آنُ گُهريا موتي ملن، گُهريا ملن نہ دان.**

دانَ = خيرات، ڀيک.

هوند وارن کي تہ اڻ گهرئي گهڻو ڪجهہ ملي، پر گهرج واري کي گهرج ۾ خيرات بہ نٿي ملي.

مثال: "ڪنئي اگهي نہ ڳولي لڀي نہ." (گلقند 113)

**اُهي ايندا ڏينهَن، ڪندا شينهَن سلام سهن کي.**

وقت ۽ ڦرندڙ حالتن تي تکي تور ۽ پرک واري نظر رکڻ وارا ڏاها ۽ وڏڙا پري جي نظر رکندا آهن. اُهي

**ٻه ٻه ويون، ته ڇهه ٻه ويون.**

ڪجهه ٻه هڙ ۾ ٻه ٻچڻ، ٻنهي پاسن کان ڏئوءِ خراب ٿيڻ. گهڻي حرص ۽ هيج ۾، گهٽو ته وڃي، پر ٿورو به وڃي.

مثال: "جيڪو اڌ کي ڇڏي، سڄيءَ ڏي وڃي، تنهن کان اڌ به وڃي." (پهاڪن جي پاڙ 6).

**ٻپڙ بي خبر، جنهن جا اونڌا آکيرا.**

ٻپڙ = ننڍڙو پکي، جيڪو وڻ جي سنهڙي لامَ ۾ مرليءَ جهڙا اونڌا لڙڪندڙ آکيرا ٺاهيندو آهي.

**ٻيرن تي چڙهبو، ته سيلهن پر ڪهڙو ڏجبو؟**

سيلها = ڪنڊا

ڏکين ۽ جوکائتن ڪمن ۾ هٿ وجهبو ته پوءِ تڪليفن ۽ ڏکيائين کان ڪهڙو ڏجبو؟

مثال: "سيلهن ۾ جي هٿ وجهندا، سي سُور ته سهندا." (گلقند 118)

**ٻيرُ ڪُلهي تي ڦريو وڃي.**

ٻيرَ وڻ جو ڪاٺُ سُڪڻ کان پوءِ ٻه ڦِري ويندو آهي. ڦِرٽي گهرٽي ماڻهوءَ لاءِ ائين چوندا آهن.

**ٻهَ ٻرن ڪو نه، ٽي ٽِمڪن، چار چوياري ڪن.**

چُلهه، ٻَنِي يا مَچَ ۾ جيترين وڌيڪ ڪاٺيون هونديون، باهه اوتري تيزْ ۽ تاءُ واري هوندي، مِڙي مُٺِ ٿيڻ ۾ چڱائي آهي.

مثال: "ٻه ته ٻارهن." (پهاڪن جي حڪمت 67)

**ٻتيهيءَ مان ٻولجي، ته شُپ ٻولجي.**

ٻتيهي = واتُ

شُپ = سُٺو چڱو

ڳالهائجي ته سوچي سمجهي چڱو ڳالهائجي.

مثال: "ٻتيهن ڏندن مان، سپ ٻولجي." (گلقند 40)

**ٻَتيهہ منڍَ مَنڍي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو، گنجو ساماڻو، ته مِڙني ڪٽي ماٺِ ڪئي.**

منڍَ = ڪريب

ساماڻو = پيدا ٿيو

ظاهري جسماني عيب وارو ماڻهو ڪا ڪوچرائپ واري حرڪت ڪري ته ائين چوندا آهن.

**ٻِه ٽَنگي ۽ ٻه ٻانهين کي الله جَهلي ته جهلي، ٻندو ڪيئن ٻَلي؟**

ٻَلي = باز رکي، پري رکي، روڪي.

جنهن ماڻهو کي وڙهڻ جون ٻه ٻانهون ۽ ڀڄڻ لاءِ ٻه ٽنگون سالم هجن، ان کي ڪيئن ٿو روڪي سگهجي؟

**ٻه ڳَڏيون، ٽِيون حقي جو پاڻي.**

سيکت ڏيڻ لاءِ ائين چوندا آهن.

**ٻيڙي ٻه ڏارجي، ٽڙهو ٻه تارجي.**

ٽُرهو = ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺين کي ٻڌي ٺاهيل هنجو جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ جو ڪم ڏيندو آهي. ٻئي جي آسري ۾ هٿ هٿ تي ڌئي ويهي رهڻ کان چڱو آهي ته آسرو ٻه رکجي، پر پاڻ ٻه هٿ پير هڻجي.

مثال: "ٻيڙيءَ سان ٺي پير، جا سين رتو راس ٿئي." (گل شڪر 88)

**ٻيڙي ۾ل جَر ۾ هجي جَرُ ٻيڙيءَ ۾ نه هجي.**

ٻيڙي پاڻي ۾ ترندي آهي، پر ٻيڙيءَ جي ڪنهن سوراخ مان پاڻي ٻيڙيءَ ۾ ڀرجي وڃي ته اهو ٻيڙي کي ٻوڙي ڇڏيندو آهي.

**ٻين کي نڳڻ کان پاڻ کي نڳڻ چڱو آهي.**

ٺڳي ۽ دولاب سان ٻين کي نقصان پهچائڻ کان چڱو آهي ته پاڻ ڪس کائجي.

**ٻين جا پري، اسين پنهنجو دشمن پاڻ سان ڪٽيو وتون.**

دشمن جهڙي نادان دوست لاءِ ائين چوندا آهن.

**ٻين سان ته ٻَبئُون، پر مون سان ٻه ٻَبئُون؟**

ٻَبئُون = نابري وارڻ، انڪار ڪرڻ.

هڪ وڪيل، جوابدار کي سمجهايو ته عدالت ۾ جج جيڪو ٻه سوال ڪري، ان جي جواب ۾ رڳو وات سان "ٻبئون" چئجانءِ. هن ائين ئي ڪيو ۽ جج ڪيس

**تَري بہ تارو ٻڏي بہ تارو.**
اڻ تارو پاڻيءَ ۾ لهندو ئي ڪو نہ تہ ٻڏندو ڪٿان؟ تارو ترڻ جي مغروريءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اونهي ۽ اوياري پاڻيءَ ۾ ٻانهون هڻي، تڪجي ٻڏي ويندو آهي.

**تِري ڪُيتي، مَلهہ چُتي.**
مَلهہ راند ۾ ضروري ڪونهي تہ پهلوان جا پُنا ڪُپن. پهلوان جي هٿ جي تِري بہ زمين کي لڳي تہ مَلهہ وئي.

**ترڪيءَ جو جوابُ، ترڪيءَ ۾.**
جهڙو ڪو چوي، تهڙي موٽ ڏيڻ.
مثال: "جهڙو ٻوٽُ، تهڙي چماٽ." (گلقند 72)

**تَنگِي ڪاٽجي، پر مَنگِي نہ ڪاٽجي.**
ڏکيو سکيو گذران ڪجي، پر ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ٽنگجي.
مثال: "شڪو ٽُڪر ساءَ جو چگو ۽ چوکو
لعنت انهيءَ لپيءَ تي جنهن مان جيءُ جو جوکو."
(گلقند 97)

**تَن جي اڪ سان جهانُ ۽ مَن جي اڪ سان پِگوان ٿو پَسجي.**
بدني ۽ ظاهري اکِ ظاهر ۽ حاضر شيون ڏيکاريندي آهي، باطني ۽ روح واري اک، سان الله کي پسي سگهجي ٿو.

**تُنهنجا پُٽَ ڪليٽر ٿين.**
ڪليٽر = ڪليڪٽر
چڱو ڪم ڪرڻ تي وڏڙا خوش ٿي اها دعا ڏيندا آهن تہ "شل، ترقي ڪري، شُني رُتبي کي پهچين."

**تُنهنجي مُنهن ۾ بہ اکيون.**
ڪنهن کي ڪا سچي ڳالهہ وراڻي مُنهن ۾ ڏيڻ. ڏورابو يا ميار ڏيڻ.

**تنهنجي واتَ ۾ گلابُ.**
هلندڙ گفتگوءَ ۾ ڪنهن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽبي آهي يا ڪو ماڻهو ڪنهن جي ڳالهہ کي تيڪو پرائي تہ ائين چوندا آهن.

**تُنهنجو ٿيو واتَ خرچ، مواليءَ جو سِرُ ئي ويو.**
پائلي وزم رکڻ جي ڪيس ۾ جج جڏهن مواليءَ کي هڪ سال جي سزا ٻڌائي تہ مواليءَ جي واتان، بي اختيار ائين نڪتو. ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڪنهن جو خرچ ڪو نہ ٿو اچي، پر پوڳنا مان تہ اهو گذرندو جيڪو ان ڳالهہ جو پورائو ڪندو يا جنهن تي گذرندي.

**تلوار ڪان زبان تکي، زبان ڪان ويڻ ۽ ويڻ ڪان وير.**
ويڻ = گُٺو لفظ طعنو ٽُنڪو.
ويرُ = دشمني
زبان ۽ ويڻ جي ڪاٽ ۽ چُڀن ڏاڍي ايذائيندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ آهي. پر وير جي باهہ ان کان بہ وڌيڪ هاڃيڪار ٿئي ٿي.
مثال: "ترارڙ جي گهاءَ ڪان، زبان جو گهاءُ ٻُڇڙو. (گلقند 127)

**تو جهڙا تہ ڪيسي ۾ پيا آهن.**
ڪنهن کي ليکي ۾ نہ آڻڻ.

**توڙي پُگت پُوري، شادي پوءِ بہ ضروري.**
پُگت = پهچ، حيثيت، آمدني، آمدني پلي پوري پُني هجي، پر شادي ڪرڻ ضروري آهي.
مثال: "جُهڳا هووي جوءِ مِل ويسي" (اترادي پهاڪا 123)

**توڙي پئسي لڳي خوارُ، تہ بہ شيدي اَنُ آٽين رلين ۾.**
غُربت ۽ اٺهوند ڪا عيب جهڙي ڳالهہ نہ آهي، پر جيڪڏهن جيئڻ جو سليقو ۽ ڍنگ نہ هوندو تہ هُوندي شوندي بہ جيون ۾ ترتيب نہ هوندي.

**تُون پنهنجي خرچ پاڙي تي، هلي آ يارُ جهٽ پٽ ۾.**
جهٽ پٽ = بنا دير، تُرتِ، تڪڙ ۾.
ڏسو پهاڪو: "ادا، پائو..."

**تُون ڪاڇين، ڇا سان ٿو؟**
ڪنهن کي ليکي ۾ نہ آڻڻ. بہ جٽا پاڻ ۾ ڏند چَڪ ڏيندا آهن. تڏهن ڪاوڙ مان چوندا آهن تہ "تنهنجي ڪهڙي حيثيت آهي؟"

**تُون خُوش، تہ اسين اِڳي ئي خوش.**

ٻين جي خوشيءَ تي خوش ٿيڻ وارو ماڻهو.

**تون سوهاري، آءٌ ڏوهاري.**

سوهاري = ساهميءَ جو هڪ پاسي جو وزن، ٻرتر. نهٺائي ۽ انڪساريءَ مان چوندا آهن. جيئن "تون ئي وڏو اسين ننڍا."

**توهان جي ٻلي ٻہ ٻہ مَيئي.**

ڪو پاڻ پڏاڻو ماڻهو پنهنجي شئي کي ٻين کان اعليٰ ۽ اوچي ڄاڻائي، تڏهن ٽوڪ مان ائين چوندا آهن.
مثال: "پنهنجي ڏونري کي، ڪَٽو ڪو نہ چوي." (گل شڪر56)

**توڪَل جا ٻيڙا پار.**

ڏسو پهاڪو: "پوءِ جا ياڳ..."

**توڪل جو تُرهو لُڏي تو پر ٻُڏي نٿو.**

ڏسو مٿيون پهاڪو

**ٿ**

**ٿارا، ناري ڄائين!**

هيءَ پاراتو آهي. جيڪو ٿري ماڻهو ڪاوڙ ۾ ڏيندا آهن. تہ شل، ناري وڃين. ٿر ۾ جڏهن ڏڪار پوندو آهي تہ ٿر جا مالوند ماڻهو بکن کان بيحال ٿي، ناري واري علائقي ڏانهن لڏ پلاڻ ڪندا آهن ۽ مال بہ ڪاهي ويندا آهن. هن پهاڪي ۾ بہ ڏڪار ۾ گهر کان ٻي گهر تي ڏنڙجي لڏڻ واري ڪربناڪ پيڙا کي پاراتي طور آندو ويو آهي، تہ "شل ڏُنڙجي ناري وڃين."

**ٿَڏي ڇانءَ، مِٺي ٻَڪ.**

گهٽي ٻک بہ ماڻهوءَ کي ڇتو ڪري ٿي. تہ گهٽو ڏِءَ بہ چڱو ڪونهي. ائين ماڻهو نہ گهٽي ٿڏ ٿو سهي نہ گهٽي گرمي. هتي پوري پني ٻک مان مراد "مني ٻک." ۽ پوري پني ٿڏ لاءِ "ٿڏي ڇانءَ." آهي. يعني ٻک ۽ ٿڏ ۾ وچولي سطح مزي واري آهي ۽ وٽي ٿي.

**ٿڏو گهڙو پاڻ کي ڇانءَ ۾ رَکائيندو آهي.**

ٿڏي مزاج ۽ سهپ وارو ماڻهو جتي ڪٿي مان ماڻيندو آهي.

**ٿَر آهي ٿَڻ تي، نہ کَڻ تي[1].**

مال جو کير ڪاڙهبو آهي، تہ ٿرڻ وقت ان جو سٽُپ ٿريءَ جي صورت ۾ مٿاڇري تي تري بيهندو آهي. اها خاصيت اناج يا گاهہ جي ذرڙن ۾ ڪانهي، پر مال جي ٿڻ جو ڪمال آهي. جيڪو اها سٽُپ ۽ تري جوڙي ٿو.
ٿر جي مارو ماڻهن جو گذاريو چوپائي مال تي آهي. پوک ۽ اناج جي اهميت ان کان پوءِ آهي.

**ٿُلهو ڏسي ڊِڄجي نہ، سَنهو ڏسي وڙهجي نہ.**

هر ٿلهو ماڻهو دلير ۽ هر سنهو ماڻهو ڪانئر نہ هوندو آهي.
مثال: "ايمان نہ آهي تہ ٿلهائپ بہ ڪم جي نہ آهي." (موزون...32)

**ٿورا ٻارَ پيار ئي پيار.**

ٻار ٿورا هوندا تہ انهن جي تعليم ۽ تربيت بهتر ٿي سگهندي ۽ ماءُ پيءُ لاءِ پريشانين جو ڪارڻ نہ بڻجندا.

**ٿورا ڪٽا، ٿالهيءَ ۾ ڀلا.**

سليقي ۽ عزت سان کائبو ۽ کارائبو تہ ٿورو بہ گهڻو لڳندو پر بي ترتيبيءَ سان گهڻو بہ ٿورو ٿي پوندو ان ڪري، تہ عزت ۽ مان سان ٿورو اُن گهڻي کان بهتر آهي. جنهن ۾ عزت نہ هجي.

**ٿوري مان ٿورو، گهڻي مان گهڻو.**

ڏيڻ چڱو آهي. حيثيت آهر ٿوري مان ٿورو ۽ گهڻي مان گهڻو.

**ٿورو لاهجي نہ تہ ڳائجي.**

ڪنهن جو احسان يا ڳڻ هجي تہ لاهڻ جي ڪوشش ڪجي. لاهي نہ سگهجي تہ ڳائجي.
مثال: "احسان لاهي نہ سگهجي تہ ڳائجي"
(اترادي پهاڪا 128)

---

1 اهي پهاڪو ناميارې ڪهاڻيڪار امر لغاريءَ وٽان مليو.

**پَنيرُ ڦَڪيو وَتي.**

پَنيرُ = پسارڪو ڪڙ جيڪو ڪڙو ۽ ڪسارو ٿئي ٿو. ڪڙو ۽ اُگرو ماڻهو جيڪو سدائين آپي کان ٻاهر نڪتل هجي ان لاءِ اِئين چوندا آهن.

مثال: "ڪڙوهڻ پيتو وتندو آ." (ماٺيلي.... 108)

**پِنڻ پَچر چِڏيم، تہ بہ ڪُتو نتو ڇڏي.**

ڪو ماڻهو برائي ۽ بچڙائيءَ وارا ڪم ڇڏي بہ ڏئي تہ بہ ڪو وقت تہ ماڻهو پيا سندس ماضيءَ جون ڳالهيون پچاريندا آهن.

مثال: "جِنُ تہ جنيءَ کي ڇڏي، پر جَني بہ تہ جن کي ڇڏيا" (اترادي پهاڪا 180)

**پنهنجا پاڻ ۾ آهيون، سِراين مان پهرِ بہ ڪانهي.**

سِرائي = ڳوٺ جو چڱو مُڙس، وڏو ماڻهو.

هڪجهڙائي، ڪو بہ ڪنهن کان حيثيت ۾ مٿيرو نہ هئڻ. سڀ هڪ حال ۽ حيثيت وارا هئڻ.

**پنهنجائيءَ جو ڪنهن کي سيڪُ نہ سوادُ.**

پاڻَ پٽي ۽ موتمي پرستيءَ جي اهڙي تہ هوا لڳي جو رت جا رشتا بہ وٿيرڪا ٿي ويا آهن. رت جي چڪ ۽ دانگيءَ تي رتُ ورڻ واري سيڪُ ۽ ساءُ نہ رهيو آهي.

**پنهنجي ٻارجي، پنهنجي چاڙهجي.**

ٻئي تي ڀاڙڻ ۽ محتاجيءَ وارا هٿ تنگڻ بدران پنهنجي پگهر پورهئي سان پنهنجي گهر جي چُلهہ ۽ چمني ٻارجي ۽ رڌي پچائي شان سان کائجي.

**پنهنجي ٻَني، پنهنجو هَرُ.**

ٻَنيءَ جا چار ٻارا پنهنجا هجن ۽ ڍڳن جو جوڙو ۽ هرُ بہ پنهنجو هجي، اهو ئي آسودگيءَ جو اهڃاڻ آهي.

**پنهنجي پُٺِ، ورائي ڪنهن ڪا نہ ڏٺي آهي.**

ماڻهوءَ کي پنهنجا عيب ۽ اوڻائيون ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن. ٻئي جي گِلا ڪرڻ کان اڳ پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسجي.

**پنهنجي ڦاٽي پيٽ جي، ڪهڙي مَلمَ پَٽي.**

ڏسو پهاڪو: "پيٽُ پنهنجو ڪريو..."

**پنهنجي ڦرڙي، پاڻ کي سَتائي.**

پنهنجو پيٽ ڄائو اولاد جڏهن ماءُ پيءُ کي ڏنجها ڏيندو آهي تڏهن ائين چوندا آهن.

**پنهنجي ڪاڏي ۾ وهہُ ڪير ڳڏائيندو؟**

ڄاڻي واڻي پاڻ کي ڏُچي ۾ ڪير وجهندو؟

**پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏِسجي.**

ٻئي جو درد ۽ پيڙا، پاڻ تي محسوس ڪري ڏسجي.

**پنهنجي هاڻ تي هٿ رکي ڏسجي.**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

**پنهنجي، هٿن نارڻ ۽ ٻئي جو اندرُ ساڙڻ کان پنهنجي ڪاوڙ مارڻ گهرجي.**

ٻئي تي هٿ کڻي ٻاهر ڪڍڻ ۽ ڪُٽن لفظن سان اندر ساڙڻ کان چڱو آهي تہ پنهنجي ڪاوڙ کي مارجي.

**پنهنجي گهر ڪو ٽِڏُ پيو ڏيندو، تنهن سان ڪو بڏل آهي ڇا؟**

ڪو موالي اُٿي ويٺي پيو چوندو هو تہ "سِرُ سيد کي ڪم اچي" هڪ ڏينهن ڪو سيد اتان اچي لنگهيو ۽ موالي‌ءَ جو گفتو ٻڌي ورتائين. موالي‌ءَ کي سڏي چيائين "موالي، اڄ تنهنجي سر جي ضرورت پئجي وئي آهي." تڏهن موالي‌ءَ تہ پهرِ اها ورندي ڏيندي.

**پنهنجي گهوڙي جا پنڌ ۽ پنهنجي ڳابي جا ڏند، هر ڪنهن کي سارِيا پيا آهن.**

هر ماڻهوءَ کي پنهنجا حال سارِيا پيا آهن.

**پنهنجو فائدو ڪنهن ڇڏيو آهي؟**

پنهنجو مفاد، هر ماڻهوءَ کي پيارو هوندو آهي.

**پنهنجو رکي ٻئي جو چکي.**

پاڻ ڏي سيانو ۽ ٻين کي اياڻو سمجهڻ وارو ڪنجوس ماڻهو جيڪو ٻين جي مُروت ۽ لحاظ واري ورتاءَ جو غلط فائدو وٺندو آهي.

مثال: "آپ چي خورچي، ٻِئي کي چوي مکي کاءِ." (پهاڪن جي حڪمت 65)

هَلندي پچندي ۽ اثر رسوخ واري ماڻهوءَ جو سالو مائٽ يا خاص ماڻهو بہ وڏي آڪڙ ڏيکاريندو آهي.
مثال: "سالا شينهن کي بہ پيارا آهن" (سنڌي پهاڪا 139)

**پئسا، پاڇي هوندا، تہ سَڏَ ۾ سڏُ ڏيندا.**
پئسو پنجڙ تاريل هوندو تہ ڏکيءَ مهل ۾ ڪم ايندو.
مثال: "ڪَڏَ، چي جيءَ سَڏَ." (گل شڪر 187)

**پئسا ئي پاڻيءَ ۾.**
خرچُ اجايو ٿيڻ، خرچ ڪري ورتل شَي، ضايع ۽ بي فائدي ٿيڻ.

**پئسي بنا پرساد، هَرو ڏئي نہ هٿ ۾.**
هرو = نالو ماڻهوءَ جو
پرساد = ڪاڏو
هيءَ ساميءَ جي سلوڪ جي سِٽ آهي. خيراتي شئي بہ حيثيت ۽ مطلب بنا نٿي ملي. ٽڪاڻي جو ٻائو بہ حيثيت واري کي مان ڏئي ٿو.
مثال: "اُٺ بہ ناڻو ويهہ بہ ناڻو ناڻي بنا ٽڙ ويڳاڻو" (گلقند 8)

**پئسي کي پَر ۽ پيرَ آهن.**
پئسو پير ڪري اچي ٿو ۽ پَرَ ڪري اُڏامي، ٿو وڃي.

**پئسي جي تانگهہ بہ بُري تہ تار بہ بُري.**
تانگهہ = کوٽ، ڪمي
تارِ = گهڻائي
پئسي جي کوٽ ۽ اڻهوند بہ خراب آهي تہ پئسي جي گهڻائي بہ خراب آهي. ٻنهي حالتن ۾ ماڻهوءَ جي بگڙڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن.

**پئسي سان جيڪا نہ ماسي، سا بہ ماسي.**
سُکئي ۽ شاهوڪار ماڻهوءَ سان پري جي مائٽاڻي لِڇَ بہ ويجهي پئي لڳندي آهي.
مثال: "پِتڙ تہ بکيو غريب تہ گڊو خاشو تہ خاصخيلي، تونگر تہ طاهراڻي" (ماجر... 178)

**پئسن کي ڪُتو بہ نٿو کائي.**
پئسو خرچڻ جي شئي آهي، کائڻ جي شئي نہ آهي، نوٽن جون ٿهيون ڪتي جي اڳيان اُڇلائيبيون تہ مُنهن بہ نہ هڻندو.

**پئسو آهي، شينهن جي کَنَ ۾.**
پئسو سُترو نٿو اچي، وڏي محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ حاصل ٿئي ٿو.

**پئسو اکين جو ڏيءُ آهي.**
پئسو ڪوڙو ڏيُ آهي، جنهن تيزيءَ سان اچي ٿو ان تيزيءَ سان هٿن مان نڪري ٿو وڃي.

**پئسو اچڻي وڃڻي شئي آهي.**
پئسو هڪ جاءِ تي نٿو ٽڪي ڪالهہ جا اميرَ اَج جا ڪنگال ۽ ڪالهہ جا سُڃا اَج جا امير بڻجي ٿا وڃن.

**پئسو اِسمُ اعظم آهي.**
پئسي ۾ ڪرامت آهي، نہ ٿيڻ وارا ڪم بہ پئسي جي ڪرامت سان ٿي وڃن ٿا.

**پئسو پئسي کي ڇڪي ٿو.**
پئسو ئي پئسي کي ڪمائي ٿو.

**پئسو عيبن کي ڍَڪي ٿو.**
پئسي سان ماڻهوءَ جا عيب ۽ اوڻايون ڍڪجي وڃن ٿيون.

**پئسو هٿن جي مير آهي.**
پئسو هٿن سان ڪمائجي ٿو ۽ هٿن مان ئي خرچ ٿي وڃي ٿو.

**پئسو هجي ساڻُ، تہ کهڙي کجي پُڇاڻ؟**
هَرَ ۾ پئسو آهي تہ پوءِ پُڇا ڳاڇا ڪهڙي؟

**پٽون ٻارهن.**
چوپڙ راند ۾ وڏو داءُ، ٻهريون داءُ ٻن چڪن جو. اُتندي ئي سوڀ، سڀ سٽائي ٽڙي ڪڙي ڪاميابي حاصل ٿيڻ.

## ج

**جاڳ، تہ وَرئي ڀاڳ.**
جيڪو ننڊ مان صبح سوير جاڳندو اهو زندگيءَ ۾ ضرور ڪاميابيون ماڻيندو.

### جي ٻڌو آهي، تہ ڪھڙا ويهي گھيڙ پچبا؟

گھيڙ = درياهہ يا واهہ جي ڪپ جو اهو هنڌ جتان پاڻيءَ ۾ گھڙجي يا ٻاهر نڪرجي.

پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي ٻڏي مرڻ جو ارادو هجي، تہ پوءِ پاڻي ۾ لهڻ يا ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڳوات سهوليت ڇو ڳولجي؟

### جيترا وات، اوتريون ڳالهيون.

ڪنهن واقعي کي، هر ماڻهو پنهنجي انداز سان ڏسندو ۽ سمجهندو آهي ۽ پوءِ ان کي بيان بہ پنهنجي انداز ۾ ڪندو آهي.

### جيتري گُذَ، اوتري اَذَ.

پوک مان جيترو گُذَ ڪڍي گندگاهہ صاف ڪبو، اوتروئي ٻوٽو صحتمند ۽ پوک پلي ٿيندي. ان ڪري تہ فصل ۾ گند گاهہ فصل جي ٻوٽن جي کاڌ خوراڪ کائي ٿا وڃن.

### جيترو اوڇڻ، اوترو سيءُ.

اوڇڻ = سيءُ کان بچڻ لاءِ سمهڻ مهل مٿان وجهڻ لاءِ سوڙ يا ڪمبل.

جيتريون سهوليتون هونديون، اوترو ئي سهپ جي سگهہ گھٽبي، جن وٽ وسيلا گھٽ هوندا آهن، انهن وٽ سهپ ۽ مدافعت جي قوت سجيهہ هوندي آهي.

مثال: "ناهي گندي، ناهي سيءُ." (رني آهي... 120)

### جيترو ڇاڻُ، اوترو ٻُهرُ.

ڇاڻ = ڇٽيل، صاف ٿيل اَنُ

ٻُهر = گند، ڪچرو، ڪک، مٽي

ڇٽي جي داڻي کي ڪٽ کلون هونديون آهن. ان کي جيئن پيو ڇڙبو آهي، تيئن پيون کلون لهنديون ۽ ٻهرپيو نڪرندو.

### جيترو ڳُڙ وجهبو، اوترو مِٺو ٿيندو.

جيتري وڌيڪ محنت ڪبي اوترو وڌيڪ لاڀ ملندو.

### جيترو ڦَرُ، اوترو ڦَرُ.

ڏسو پهاڪو "ڪيتي آهي...."

### جيتَ سڄڻ بہ، دشمن بہ.

ڪجهہ جيت، فصلن کي نقصان ڏيندا آهن ۽ ڪي جيت وري انهن جيتن کي کائي ناس ڪندا آهن ۽ فصلن کي فائدو ڏيندا آهن.

### جيڏانهن پيرَ، تيڏانهن خير.

سفر تي اُسهڻ واري لاءِ دعا ۽ نيڪ خواهش جو اظهار.

### جيڏانهن گاهہ، تيڏانهن راهہ.

جنهن جُوءِ ۾ گاهہ جامَ هوندو آهي، اُن جوءِ ڏانهن مالوند ماڻهو اچ وڃ جا چارا ناهي ڇڏيندا آهن.

### جيڏانهن ڪَنڌُ، تيڏانهن پنڌُ.

ڏسو پهاڪو "جتي پئي...."

### جيڏو اللهُ، تيڏو آسرو.

اللهُ جي پاڃهہ اڻ ڪُٽ آهي.

مثال: "الله جيئن نالو، تيئن مون وڏو آسرو" (شاهہ)

### جيڏو هَڏُ، تيڏو سَڏُ.

هن پهاڪي جو استعمال، هڪ کان وڌيڪ ڌار ڌار معنائن ۾ ٿئي ٿو.

1ـ پيٽ ۽ ڪاڄ جو سَڏُ. ايترو ڏجي، جيتريون ڦنڊرون هجن.

2ـ پاڇي ٿيل پئسو يا چوپايو مال جيترو هوندو اوتروئي اوچتي گهرج ۾ ڏکي مهل ۾ ڪم ڏيندو.

3ـ جيتري جسم ۾ سگهہ هوندي، اوتروئي وات مان واڪو يا سڏ نڪرندو. جوان ۽ صحتمند ماڻهوءَ جو سڏ يا واڪو جيترو مارُ ڪندو، ڪراڙي يا هيٺي ماڻهوءَ جو آواز اوتري فاصلي تائين نہ رسندو.

### جي چَرن، سي نہ مَرن.

جنهن جو معدو صاف ۽ هاضمو درست هوندو ان کي کاڌو پيتو وڻندو ۽ سٺي غذا کائڻ وارو بيمار نہ ٿيندو.

مثال: "جنهن اَنُ ڇڏيو تنهن قبر کي ڪن هنيو."

جنهن پاڻي ڇڏيو تنهن قبر کي ماٽي ڇڏيو." (اترادي پهاڪا 40)

"چُر پُر ۾ حياتي آهي." (اترادي پهاڪا 43)

**جي رکين پياس پسڻ جي، تہ مَکڻ سيخ پچاءِ.**

محبوب جي ملڻ جو گھرو ۽ گُھرجائو آهين، تہ فِراق جي ڏوڙائي مان لنگھي پارِ پئہ.

**جي روحُ ڏٿي ريلو، تہ وطن هڪڙي وکَ تي.**

رُوح جو ريلو = روح جي سَٽ کائڻ، دل ڪيڻ.

سِڪ سچي آهي ۽ وطن جي مِٽيءَ جو هڳاءُ اُتاولو ڪري تہ وڏو پنڌ بہ ڪا ڏِک نٿو ڏئي.

مثال: "سِڪندين کي سيد چوي، ڪوهہ جهليندو جهنگُہ" (شاهہ)

**جيلَ بہ، مَرسن لاءِ نهيا آهن.**

حق ۽ سچ جي راهہ ۾ وڙهندي جيل وڃڻ مردانگي آهي، پر چور ڌڙي ۽ لُچ ماڻهو بہ جيل وڃڻ تي فخر ڪندا آهن.

**جيل کي، حضرت يوسف عہ جي دعا آهي.**

ڏسو مٿئين چوڻي.

**جيسين سچيءَ کي سارجي، تيسين پڳيءَ کي پيرجي.**

آسري يا دلاسي ۾، هٿَ تي هٿَ ڏئي ويهي نہ رهجي. جيسين نئون چرخو يا اٺت ملي، تيسين پڳل تنل چرخي سان ئي ڪتڻ جو ڪم ٻاري رکجي.

مثال: "پڳي سان ئي پير، جيسينءَ رتو راسِ ٿئي." (شاهہ)

**جيسين سچُ سچ ٿئي، تيسين ڪُتجي ڪوڙ.**

سچُ تہ سچُ ئي آهي، پر جيسين سچ پڌرو ٿئي، تيسين ڪوڙ کائي ٿو وڃي.

**جي ويا جاوا، سي وَل نہ آيا،**
**جي آيا، تہ بال ٻچا ڏايا.**

اڳُ سنڌ جا وڻجارا وکر جا ٻيڙا ۽ غوراب ڀري انڊونيشيا جاوا تائين واپار لاءِ ويندا هئا. پاڻيءَ رستي جاوا جو پنڌ اڻانگو ۽ خطرن ڀريو هوندو هو پر وڻجارا اتان موٽندا هئا تہ ججهو ناڻو ڪمائي موٽندا هئا.

مثال: "جيڪو وڃي جائي، سو وَل نہ آئي، جي آئي، تہ پڙپوٽا ڏائي. (ماجر... 178)

**جي وڃان وڃان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو؟**

وڃڻ وارا مهمان، ڪنهن وٽ ڪيترو ترسندا؟ نيٺ تہ ويندا، انسان فاني آهي، جڳ ۾ ڪيترو وقت رهندو؟ نيٺ تہ مرڻو آهي.

مثال: هلڻ هارا منهنجا سپرين، وڃڻ وايون ڪن." (لوڪ گيت جي سِٽ)

**جي وڃڻ ڪاڻ ويا، سي رهي ورندا ڪِين ڪِي.**

مرڻ وارا ماڻهو جيڪي هيءَ جهانُ ڇڏي ٿا وڃن،سي وري ڪڏهن بہ موٽئا نہ آهن.

مثال: "مُئا بہ ڪڏهن، حسڻ تان موٽيا آهن؟"
(گل شڪر 231)

"مڙهہ بہ، ڪڏهن مُقامن مان موٽيا آهن.؟
(گل شڪر 231)

**جي هوندو پيٽَ ۾ داڻو، تہ پوءِ ئي وڻندو راڳو.**

پيٽَ ۾ ٻڪ هوندي، تہ سُونهن سوپيا بہ ڪا نہ وڻندي.

مثال: "پيٽ نہ جيسين روڄي، تيسين ڳالهہ مِڙئائي ڪوڙي." (گلقند 34)

"ڏءُ بنا ڏوليا، ناهي ساڄهہ سونهن جي." (شيخ اياز)

**جيڪا پهرين پينهي، پوءِ ٽ ي پَٽي، تنهن جو اٽو، ڪڏهن نہ کٽي.**

جيڪو مکيہ ۽ ضروري ڪم پهرين اُڪلائي ۽ پوءِ ٻيا رواجي ڪم اُڪلائي، ان کي ڪڏهن بہ کوٽ نہ ٿيندي.

مثال: "اڄ جو ڪمُ سڀاڻ تي نہ ڇڏجي." (گلقند 13)

**جيڪا دائيءَ کان پيٽَ لڪائي، سا ٻارَ سان گڏ پنهنجو بہ سِرُ وڃائي.**

ڊاڪٽر، حڪيم ۽ دائيءَ کان ڪجهہ بہ نہ لڪائجي، بيماري يا بيماريءَ جو اصل ڪارڻ لِڪائڻ سان فائدي بدران اٽلندو نقصان ٿيندو.

**جن جتي پاڙيو، تن کي تتي مليو.**

پنهنجي سوچ سمجهه ۽ ذهني سطح آهر. جنهن جتي توڪل ڪئي، تنهن کي اُتي ئي ملي ٿو وڃي.
مثال: ”جن جاتي جاتو تن تاتي پاتو.“
(اترادي پهاڪا 39)

**جن چاڙهي، تن چکي به ڪا نه.**

جن جُهدَ پٽي ڪٽي ڪمائي ميڙا چونڊي ڪئي تہ انهن جو سمورو پورهيو پوتارن ۽ سيٺين جي کيسن ۾ هليو ويو.
ڏسو ”پڪل ماني بہ...“
مثال: ”ڪاهوڙي ڪِجن، پَسي پورهيت وِيسرا.“ (شاهہ)

**جن چاڙهيو، تن چکيو.**

جن هَڏا لوڙي محنت ڪئي تن کي ان محنت جو ڦلُ مليو.

**جن چڏي دعويٰ، سي ٿيا ساوا.**

جن درگذر ڪئي ۽ مُڙي ويا، سي آباد ٿيا.
مثال: ”مُڙيا، سي جُڙيا.“ (گل شڪر 234)
”جن ڪسيرو قيمت، سي بہ سوداگر نہ جهلي، تنين لڏا لک، جي پري ڪان پريِ ٿيا.“ (خواجہ محمد زمان)

**جِنَ خدا جا واوَ آهن.**

واوَ = هوا.
جن بہ انسان جيان خدا جي مخلوق آهن. جيڪي هوا جيان وجود تہ رکن ٿا. پر ڏسڻ ۾ نٿا اچن. ان ڪري خدا جا واوَ سڏجن ٿا.

**جن سندا، تن سامهان.**

جيڪو ڪندو تنهن کي ئي پنهنجو ڪيتو اڳيان ايندو.
مثال: ”جيڪو ڪري، سو پري“
نئڊري روپ..... ص14)
”پيون ڪوهہ پُڇهن، جن سندا تن سامهان. (شاهہ)

**جِنس ئي جنس کي ڳولي ٿي.**

هر ڪو پاڻ جهڙي حال ۽ حيثيت واري جوڙ جيسين کي ڳولي ٿو لهي.
مثال: ”ستُ، سَتَ کي ڳولي. (رئي آهي... 104)

**جَنوري جِنُ آهي.**

جنوري مهيني ۾ سيارو ڦوهہ مُند ۾ هوندو آهي، ماڻهن چواڻي، جيئن جن ماڻهوءَ جي سرير ۾ واسو ڪري ويندو آهي تيئن سيءُ بہ ماڻهوءَ جي سرير ۾ داخل ٿي سُن ڪري ڇڏيندو آهي.

**جنهين سندي مَنهين، تنهين سندو آچارَ.**

مَنهين = گهر. تڏو ڪکائين جهوپڙي
آچ'ر = فيصلو نبيرو
جنهن جو تڏو هوندو ان جي ڳالهہ مٽي ٿيندي.
مثال: ”جنهن جو تڏو تنهن جي ڳالهہ“ (رئي آهي... 77)

**جنهن اُلاريو، سو هَٽندو.**

جنهن ڏَڪُ هٽڻ لاءِ هٽُ ڪنيو ان ۾ مُروت ۽ لحاظ نہ هوندو اهو ڏڪ اُلاري سگهي ٿو تہ ڏڪ هٽي بہ سگهي ٿو.

**جنهن نَهيو ڪئي، سو نَهيو.**

نهيو = درگذر ڪريو مُڙيو جُڙيو آباد ٿيو.
ڏسو ”جن ڇڏي دعويٰ.....“

**جنهن گوڏي تان ڪنئي، تنهن لاءِ جهڙو تارِ تهڙو تانگهو.**

گوڏي تان ڪڻڻ = اگهاڙو ٿيڻ. لڄ لاهي ڇڏڻ.
تار = اُونهو پاڻي.
تانگهو= ننڍو گهٽ پاڻي
نَڪ نرجو ماڻهو اگهاڙو ٿي ويهي تہ ان کي ٻين جي لڄ ۽ شرم جو ڪهڙو خيال ٿيندو؟
مثال: ”لنگهي لاٿي لوئي، تہ ڪيا ڪريگا ڪوئي.“ (گل شڪر 207)

**جنهن کي، الله رکي، تنهن کي ڪيرُ چکي.**

جنهن کي اللهُ پنهنجي حفاظت ۽ آمانِ ۾ رکي، اُن کي ڪو بہ ڇيهو نٿو رسائي سگهي.
مثال: ”اُهي ڳري ڪين ڳَرن، جي قائم رهن. ڪِيرَ سان.“ (اترادي پهاڪا 30)

**جنهن کي پنهنجي گهر جو داڻو، سو، ٻين ڪڙمين سياڻو.**

ڪُڙمي= هاري
جيڪو هاري پنهنجي هارپئي جي ونديءَ مان، ٻچن جي پيٽ قوت لاءِ سال جو اناج، گهر ۾ سانڍي ٿو رکي، اهو ٻين هارين ۾ سمجهو ۽ ڏاهو هجي ٿو.

مثال: "ذات پلي اُن جي جنهن جي گهر مهندان پلي." (ماجر...182)

**جنهن کيتَ کانياٺي ڇڏي، تنهن جو ريع پاٺيءَ سان ڇا؟**

کيتُ = پوک فصل، هاريو

کانياٺي = جهار هڪلڻ لاءِ سُٽَ مان ٺهيل ۽ وَٽيل رسي، جنهن جي وچ ۾ مٽيءَ جو ڳوڙهو وجهي گهمائي هڻندا آهن ته ٺڪاءُ ٿيندو آهي ۽ پکي اڏامي ويندا آهن.

جنهن ڪم سان واهپو ۽ تعلق نه رهي، ته اُن ۾ مداخلت به نه ڪجي.

مثال: "سا ٿُون ڪچاڙياءِ، سڪڻ جون سڏون ڪرين؟" (شاهه)

**جنهن کي جُوءِ تي غيرت نه آئي، تنهن کي جوءِ تي به ڪا نه ايندي.**

جُوءِ = ماڳُ، مُلڪُ، ٿَرُ

جوءِ = زالُ.

پنهنجي جنم يومي ۽ ماتر يوميءَ سان، هر ماڻهوءَ کي اُنسيت ۽ لڳاءُ هوندو آهي.

مثال: "سجڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اٺاسيءَ وسري" (شاهه)

**جنهن کي ڄڻجي سائين، تنهن جي ڪهڙي لانئين؟**

لانئين = گهٽتائي، اوڻائي

جنهن لاءِ دل ۾ عزت، احترام ۽ پيار هجي، اُن جي اُوڻاين کي ڪهڙو ڏسبو؟

**جنهن کي ماءُ نه ماءُ ڄائو، سو به گهٽن ماءُ پيءُ وارن کان سائو.**

ماءُ ڄائو = ڀاءُ، ڀيڻ، گهر ڀاتي.

سائو = سکيو ستابو آسودو.

پرديس ۾ رهندڙ ماڻهو جتي ڪو به مِٽ مائٽ يا گهر جو ڀاتي يا ڄاڻ سڃاڻ وارو نه هجي.

ڇورو ڇنو جنهن کي ڀاءُ ڀيڻ نه هجي.

مثال: "نه مون ناناٽنان ڪنيو نه مون ڏاڏاٽنان، پرينءَ جي پاران، مون سين وڏا وڙ ٿيا." (شاهه)

**جنهن کي مُنهن ۾ نَڪُ ئي ڪونهي، ان کي ناسَ پِتو، ڪهڙو هوندو؟**

اٺاسي، نٺودو ۽ بي لڄي ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن.

مثال: "جو ڄائوئي ڪونهي. سو مرندو ڪيئن؟

"اديون آتڻ واريون نرجا نَڪ ٿيانِ.

وڏيا تان نه ويانِ، پاٽان مورين مُنهن ۾. (شاهه)

**جنهن کي ناهي سر جو سانگو، تنهن لاءِ جهڙو تارِ تهڙو تانگهو.**

سانگو = پرواهه خيال

بي ڊپو ۽ سِربُت مان بيزار ماڻهو ڪنهن به خطري يا جوکم کان نه ڊڄندو آهي.

مثال: "تَرَّ تڪِڙ، تار گهڙڻ ايءُ ڪانيارين جو ڪمُ." (شاهه)

**جنهن کي هيٺين واتَ پئہُ نه مٿين وات پئہ، تنهن کي سؤ ڪٽي چئہ، ته به ساڳي ڪار ڪمونءَ جي.**

بي ڊپو ۽ ضدي ماڻهو پنهنجي رٽيندو ۽ پنهنجي هلائيندو آهي ان تي ڪنهن به نصيحت يا سمجهاڻيءَ جو اثر نه ٿيندو آهي.

**جنهن کي واتُ هوندو، سو کائيندو به ضرورُ.**

جيئري ماڻهوءَ کي جياپي لاءِ کاڌو پيتو ضروري آهي.

**جنهن يار جو پارُ نه سڃاتو، تنهن ڄڻ يارُ نه سڃاتو.**

پارُ = طرف، نشاني،

جنهن يار جي ڪنهن نشاني، حوالي موڪليل ماڻهوءَ يا نياپي کي مانءُ نه ڏنو ان ڄڻ يار کي مان نه ڏنو.

مثال: "بانيڻ ٿيءُ ٻُوٽيون، ته ڪُتا کائني ڪيچ جا." (شاهه)

**جنهن جي عمر جي خير هجي، ان جا ڏند ڪهڙا ڏسبا؟**

اُضحيءَ لاءِ خريد ڪرڻوتت ڍور جو واتُ پٽي ڏند ڏسبا آهن. ته ٻڙاندو ٿي ويو آهي يا نه پر جي گهر جو پاليل هوندو ته ان جي عمر ساري پٽي هوندي، ڏند نه ڏسبا.

جائي جمر کان جنهن جا لچڻ سارا پيا هجن، ان جي باري ۾ پڇڻ ڳاڇڻ اجايو آهي.

مثال: جنهن جي ساکن جو سهي، تنهن جا ڏندَ ڪهڙا ڏسجن؟" (اترادي پهاڪا 121)

**جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني.**

ڏسو "جنهن جي مَنهين..."

مثال: "جنهن جي ويلا، تنهن جي رکيا." (گلقند 77)

**جنهن جي مغز ۾ واءُ، تنهن جو هوش نہ جاءِ.**

هوڏيري ۽ مت موڙهيل ماڻهوءَ جو هوڏ تي چڙهي عقل چڏائجي ويندو آهي.

**جنهن جي ناني نياڳي، تنهن جا ڏوهٽا ڪهڙا ڏاتار ٿيندا؟**

نَسلُ انساني هجي يا حيواني، بڻياد جو اثر ۽ ڇڪ پيڙهين تائين رهي ٿو.

مثال: "جنهن جو بَدِ بڻيادُ، تنهن جو ميوو مِٺو نہ ٿئي." (سنڌي پهاڪا 89)

**جنهن جي هٿَ ۾ ڏوئي، بُکَ مري سوئي.**

ٻوڙيا پِتَ جو ڪُنو ونڊڻ واريءَ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪُنيءَ ۾ ڪجھ بچندو ئي ڪونهي.

**جنهن جي گهر ۾ ڪاهي، تنهن جي چري بہ ڏاهي.**

ڪاهي = اَنُ ڪٽڻ لاءِ بہ ٻورا گڏ سبيل، وڏو ٻورو.

ڏسو "جنهن کي پنهنجي گهر...."

مثال: "دلي ۾ داڻا، ڪُڏنِ ڪُتاڻا." (ماتيلي...106)

**جنهن جو پاورَ، تنهن جو پادر.**

ملڪ ۾ سياسي ڪلچر جي بدعت بابت جرّيل چوٽي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ مخالفت لاءِ رڻ تپائي ڏيندا آهن.

**جنهن جو ڪائجي، تنهن جو ڳائجي.**

جنهن وراثتي ماڻهوءَ جو وڙُ هجي تہ اُن کي ڳائجي.

مثال: "مان ديوان جو نوڪر آهيان، نہ واڱڻ جو." (پهاڪن جي پاڙ 103)

**جنهن جو جيترو تنهن جو تيترو، فقيرَ جو ڪهڙو ڪمُ ڪڇڻ جو؟**

ڪنهن فقير کي اچي ريڇڪ ٿيو تہ گڏھ جو پُڇُ وڏو آهي يا گهوڙي جو؟ پڪ ڪرڻ لاءِ ڪانيءَ جو ٽڪرو ڪٽي گڏھ جو پُڇُ ماپڻ لڳو تہ گڏهڙاٽ وهائي ڪيس تڏهن ڪانيءَ مان هٿُ ڪڍي ائين چيائين.

ٻين جي اندروني ۽ ذاتي معاملن ۾ ٽنگ اڙائيبي تہ ان مان چڱائي ڪا نہ ٿيندي

**جَنهنَ جو خُلقُ، تنهن جو مُلڪ**

جنهن وٽ مِٺي زبان، صاف سُٿرو ڪردار ۽ اخلاق وارو سياءُ هوندو اُهو هر هنڌ جيءَ ۾ جايون جوڙيندو.

**جنهن جو ربُ، تنهن جو سَبُ.**

ڏسو "الله مهربان....."

مثال: "بي واهن جو واهي، اللهُ." (اترادي پهاڪا 31)

"جَنين ريجهايو ربُ، وِير نہ وڙهي تن سان." (شاهہ)

**جنهن جون سارُيون، تنهن جو پلال.**

پلالُ= سارين جو اَنُ نڪرڻ کان پوءِ بچيل ڪک پن، پراڙ

لاڀُ بہ تنهن جو ٿيندو جنهن جو مُورُ هوندو.

**جنهن جو واءُ ٿئي ويري، تنهن جو ڊينگو ئي ڊيري.**

ڊينگو = هُرلي يا نار جو مُهڙ وارو چڪر يا ائٽ جو چرخو.

جڏهن الهندي جي ڪُنڊَ لڳندي آهي، تہ ڪٽڪ جو سائو فصل بہ اُن جو داڻو ماري ۽ سُڪائي ويندو آهي. فصل کي ڪاپاري ڏڪ لڳندو آهي.

مثال: "والي، واهرڪا ڪري، واءُ سٽائو وارِ." (شاعري سِٽ)

"ڪاچي واءُ، ٻوڙي يا ٽوڙي." (ماڇر...168)

**جنهن جوءِ جا ڳابا ڏنا، تنهن جوءِ ڏني.**

اڳ چوپائي مال جي جسم تي ڏنپ سان نشان هڻندا هئا. ان مان پتو پوندو هو تہ هيءُ مال فلاڻي مالوند يا

مثال: "جهيڙو ڪُهه پيو جهيڙو جهيڙو گلي جو هارُ جهيڙو" (گلقند 78)

**جهيڙي مان، وَري نـ سَري.**

جهيڙن مان ڪجهه حاصل تـ ڪو نـ ٿو ٿئي رهندو جيءَ جو جوکو ۽ گهر جو گهاتو پلئه پوي ٿو.
مثال: "جُهڙُ جهيڙا، سدا نـ رهندا." (ماٺيلي... 105)

**جهيڙي ۾ ڏڪ ڳڻي ڪو نـ هڻبا آهن.**

جهيڙي ۾ ڏڪن جو هوش ۽ حسابُ نـ رهندو آهي، اَولو سولو ڏڪ بـ لڳي سگهي ٿو.
مثال: "جهيڙي ۾ لڏون ڪو نـ ورهائبا آهن." (اترادي پهاڪا 23)

**جهيڙن جا مُنهن ٻَرن ڏانهن.**

جهيڙا ۽ تڪرار پري هجن.
مثال: "جهيڙي ۽ باهه جو منهن ٻَر ڏي هجي." (ماٺيلي... 105)

**جهرڪيءَ جي ڳُٺيءَ ۾ مُهري.**

اڻ ٿيڻي ڳالهه تي پئسو وقت ۽ دماغ خرچ ڪرڻ.
ڏسو: "سئيءَ جي ناڪي مان..."

**جُهڙ جي اُس گنجي جي قوسَ ۽ پاڙي جي هُوسَ، خراب آهي.**

جُهڙ ڪان پوءِ تکي اُس ٿي نڪري، ٿوري گهٽي تان پاڙي جي اڻ سهو وارو ورتاءَ خراب آهي.
مثال: جُهڙ جي اُس، انڌي جي ٺُڪَ ۽ ماتيجي ماءُ جي مُڪَ جتي لڳي اُتي سُڪَ. (سنڌي پهاڪا 98)

**جهنگ جو گڏهـُ، شينهن جو شڪارُ.**

گڏهـُ جيڪو جهنگ ۾ رهندو سو نيٺ هڪ ڏينهن شينهن جو شڪار ٿيندو.

**جهنگل ۾ منگلُ.**

منگل = ميلو منڊل، خوشي
سُڃَ ۽ جهنگ ۾ ميلي جهڙا خوشيءَ جا رنگَ.
مثال: "جَهنگ، پنهنجا رنگ" (گلقند 77)

**جُهولي لالُ، ٻيڙا پار.**

لالُ = صوفي بزرگ اُڏيرو لالُ جنهن کي هندو ۽ مسلمان مڃين ٿا. جيڪو سنبت 1007 يعني 51-1550ع ۾ نصرپور ۾ رتن راءِ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن بزرگ کي هندو اڏيرو لال ۽ مسلمان شيخ طاهر جي نالي سان ياد ڪندا آهن. هن بزرگ جا هندو عقيدت مند هيءُ نعرو هڻندا آهن.

**جهولي لالُ، ناهي خيالُ.**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

**جُهو جُهو ماتي، لسي پنهنجي گهاتي.**

ٽِڪر جي چاڙهيءَ ۾ مانڌاڻيءَ سان لسيءَ کي ولوڙيو آهي تـ "جُهو جُهو" جو آواز نڪرندو آهي.
ٻاراڻو ٻولُ جيڪو ٻهراڙيءَ جا ٻار راند رُوند ۾ چوندا آهن.

## چ

**چاچي بـ چوي، ڇُهندڙي بـ هَٽي.**

بـ اکيائي ڪرڻ وارو ماڻهو جَنهن جي دل ۾ گدڙ ويٺل هجي، اهو پنهنجي مطلب جي پورائي لاءِ هڪ ئي وقت بـ متضاد ڳالهيون ڪندو آهي مطلب نڪري تـ بـ واهـ نـ تـ بـ ڳالهه ڏِڪ ۾ رهجي اچي.
مثال: "واڻئي جو دستورُ ڏڪَ بـ هٽي، ڏاڙ ڏاڙ بـ ڪري" (اترادي پهاڪا 91)

**چار ڏينهن چاهـَ جا، پوءِ وٺ ڪَپڙ واهـَ جا.**

ڪچي سنگت ۽ ڏيکاءَ جي پُرٺي دوستي پتر جيان پُري ويندي آهي. گهڻو جَتاءَ نـ ڪندي آهي ڪجهه وقت چاهـَ سان هلندي آهي، پوءِ چِڊي تي ويندي آهي.
مثال: "چار دن ڪي چاندني، ڦر انڌيري رات." (پهاڪن جي حڪمت 76)

**چار جَٽا رِليءَ ۾، پاءُ گَهـَ ديگ ۾، پلي تـ نيڪي ٿئي.**

سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ چِتن شاهه ۾ بزرگ ڪامل شاهه (سرڪار پير) جو هر سال ميلو لڳندو آهي، پري پري کان مريد، عقيدت مند ۽ تر جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. مريدن ۽ پانڌيئڙن جي رهائش

**ڄِتو پُٽُ گھر جي سُونهن.**
لاڏلو ٻارُ گھڻو ڪري بگڙيل ۽ بدعادتو ٿيندو آهي. ڇريو ڪريو پوءِ به مائٽن کي پيارو هوندو آهي.

**ڄِتو رَن جا يار به گھڻا ته ٻار به گھڻا.**
ڪِني ۽ بدلچڻي عورت جا لاڳاپا هڪ کان وڌيڪ مردن سان هوندا آهن.
مثال: "ڪِني رَن جا ٻار، جيئن ٿورا تيئن چڱا." (گلقند 110)

**ڄِتو رهي پر ڄِتوءَ جي ڄِتِ نه رهي.**
هيرَ خراب آهي. بدعادتو ماڻهو ڀاڻ کي ڪيڏو به ڪٽي پلي پر پراڻي عادت ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏيندي.
مثال: "هيرَ ڇني پيرَ." (ننڍڙي روپ....86)

**ڄِتائي آهي مِتائي.**
ڄِتائي= معاملي جي اَڄائي فيصلي جي پڌرائي، نبيرو. جهيڙي ۽ تڪرار کان پوءِ اُلڪي ۽ ڪُتڪي واري ڪيفيت ۽ گونگ ٻوڙ ۽ بي يقينيءَ واري حالت ۾ رهڻ کان معاملي جي اڄائي ۽ نبيرو وبهتر هجي ٿو.
مثال: "ڄتي، مِٺي آهي." (ماجر.... 172)

**ڄَتِي چانڊين جي، پئي پرٽيجن تي.**
غلط صحبت ۾ رهڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ماڻهو اڻ ڪئي جي سزا ڀوڳيندو آهي. ڪندو هڪڙو آهي ۽ ڀريندو ٻيو آهي.
مثال: "ڄَتِي ڄنيجنِ جي، پئي پَرٽيجن تي. (ڀهاڪن جي ڀاڙ 55)

**ڄتَ ڏياري ٽتَ.**
سنڌي مهيني ٻڍي جو سڄو مهينو ۽ آسو مهيني جا ڏهه ڏينهن جن ۾ ڪتيءَ جوان پڇندو آهي گُهٽ ۽ ٻوسٽ جي ڪري گرمي گهڻي ٿيندي آهي. هوا جي سِٽ به ڪا نه گُهلندي آهي ڄٽ جي گرمي ماڻهوءَ جي سهپ کان ڇڙهي ٿي وڃي ته دانهه ڇڏائجي ٿي وڃي.

**ڄتَ ڏئي ڄِتوءَ کي ڪانُ ڪٽايائون ڪلهي تي.**
ڄتَ - سڪڻو دلاسو ڏنو ڀوزي، ڦُلي.
ڪنهن پر متڙئي ماڻهوءَ کي ڦندائي ۽ ڪوڙي واڪاڻ جي ڦُلي ڏئي سخت ۽ ڏکيو ڪم وٺڻ.

**ڄٽَ جي اُبڙاسَ، ڊور به ڪيرائي ڇڏي.**
اُبڙاس = زمين مان نڪرندڙ گرميءَ جي اُٻ.
ڄٽ جي گُهٽ ۽ ٻوسٽ نه رڳو انسان پر جانورن کي به ساڻو ڪري وجهندي آهي.

**ڄتَ نه ڪنهن جي مِتَ.**
ڏسو ڀهاڪو ڄتَ ڏياري ٽِتَ.

**ڄنيءَ تي ڪمُ ٿئي، پاڻ وڃي ته بي آبو ٿي اچي.**
بي آبو = بي مانو بي عزت.
لباڙي ۽ ٻتاڪي ماڻهو جيڪو ٻَرپٽ هام هڻي، پر هلندي پُڇندي نه هجيس ان کي ٽوڪ مان ائين چوندا آهن.

**ڄُگي ته ڄڪورُ نه ته مورُ ته هَئي ئي هئي.**
ڪنهن ماڻهوءَ کي جهنگ مان ڪو ٿتيل پکي هٿ لڳو ڳوٺ وارن جڏهن پکيءَ کي نه سڃاتو ته ڄگي مڙس وٽ سڃاڻپ لاءِ ڪٺي آيا. ڄگي مڙس، پکي کي غور سان ڏسي، ائين چيو.

**ڄگا به ڪنهن ورهايا آهن؟**
ڄگا مڙس ڪنهن به ذات برادريءَ جا هجن پر انهن ۾ سيني جي حُجت هوندي آهي. ڪمن ڪارين ۽ جهيڙين نبيرين لاءِ ڄگي وٽ سڀ ڪو ويندو آهي.

**ڄگائي ڪري گهوگها پيو ڏيانس ته اکيون پيو ڦوٽاري.**
گهوگهو= گُهٽو ساهه ٻوساٽڻ.
زوال پذير معاشري ۾ غلط ڪم لاءِ دليل گهڙي وٺڻ ڪو مسئلو نه آهي.

**ڄگائيءَ جو وقت ٿي ڪونهي.**
پاڻ پٽي جي مرض ۾ ورتل سماج ۾ ڄگائيءَ جي موت برائيءَ ۾ ملي. ته ڏک ۽ مايوسيءَ مان ائين چوندا آهن.
مثال: "ڄگائيءَ کي چار ڳِتي هٽجن موچڙا." (ڀهاڪن جي حڪمت 77)
"نيڪي برباد گناهه لازم" (ڀهاڪن جي حڪمت 97)

**چريءَ چڪيو لڳس مِنُو ڇي، "هل ڪالهوڪي هنڌ."**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

مثال: "چريءَ جا پُورَ متي جا سُورَ. (گلقند 79)

**ڇَرنِ تي ڇَمِ ڪنڍيءَ تي رَمِ،
جي تڪڙا آهيو تہ سُوٽي ڏئي وڃو.**

ڇرن = چرندڙ مال، چوپايو مال.

رَمَ = ڇوڏو، ٻير ۽ ڪنبڙيءَ جا ڇوڏا، جنهن سان چمڙي کي رڱيندا آهن.

سُوٽي = بيانو

اڳ موچي چمڙي کي رڱي ان مان هٿ سان جوتا ٺاهيندا هئا. ڪم جي گهڻائيءَ ڪري گيراڪن کي چوندا هئا تہ چم اڃان مال جي بَتَ تي آهي ۽ چمڙي رڱڻ لاءِ ڇوڏا ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ آهن. ان هوندي بہ گهٽي تڪڙ آئو تہ سُوٽي ڏئي وڃو.

**چرسَ ذري، تماڪَ پَري.**

چرس جو ذرو يا ٿورڙو مقدار بہ تماڪ جي پريءَ کان وڌيڪ نقصانڪار آهي.

چرس جي ذري تماڪ جي پريءَ ۾ ملائي استعمال ڪجي تہ بہ هاڃيڪار آهي.

مثال: "چرسُ. بي ترسُ." (ننيڊڙي روپ...... 35)

**چرسَ ناهي، تہ پِٽَ نُنئي تي ٿيندي.**

پِٽَ = ماتم

نُنيو= آڱوٺو

ڪنهن ڳوٺ ۾ محرم جي ڏهاڙن ۾ وزم جي آسري تي مڪان ۾ ايندڙ موالي‌ءَ کي وزم نہ مليو تہ ايئن چيائين.

**چمَ جي سُونهن چمار ڏسي، ڱُڻ جي سونهن گياني.**

چمار = چمڙي جي رڱائيءَ جو ڪم ڪندڙ. چمڙي جو ڪم ڪرڻ وارو سوچي.

عام ماڻهو ڪنهن جي ظاهري سُونهن ۽ چمڙي جو واپاري چم جي سونهن ڏسندو پر علم ۽ ڄاڻ وارو ماڻهو ۽ پارکو ماڻهوءَ جا ڱڻ ڏسندو آهي.

**چَمڙي لاءِ ڏينهن ٿئي ئي ڪو نہ.**

چمڙو ساري رات جاڳندو ۽ شڪار ڪندو آهي ۽ ڏينهن جو سمهندو آهي.

مثال: چورَ چمڙي جي ڪئي سج جي گلا چا ٿي پيو؟ ناهہ ڪا پرواهہ سج کي، سج سدا روشن رهيو. (عبدالقادر سيتائي)

**چَمڙي ڇيو مهمانن کي "اسين بہ پيا لڙڪون، اوهان بہ لڙڪو."**

چمڙو وڻ جي ٽاريءَ ۾ چنبا کوڙي اونڌو لڙڪي ننڊ ڪندو آهي. ان ڪري آيل مهمانن کي پنهنجي حال آهر آڇ ڪيائين.

مثال: "جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پرين. (گلقند 73)

**چَمڙي وڃي، دَمڙي نہ وڃي.**

ڇيهہ جو ڪنجوس، پيچڙ ۽ مرچوٽ ماڻهو پنهنجي جان کي نقصان ڏيندو پر پئسي تي ساهہ پيو ڏيندو.

**چَمُ نئو وٽي، ڪمُ ٿو وٽي.**

سيڪو ڪم لاءِ مزدور ٿورڪي ۽ اُجرت بہ ڪم جي ڏئي ٿو اڇي چمڙيءَ واري کي ڪم جي معافي نٿي ملي.

مثال: "ڪم پرين سڀ ڪو آهي، چَمَ پرين ڪو نہ آهي." (پهاڪن جي حڪمت 82)

**چندَ ٻَڪي، چوڏهينءَ وهانءُ.**

تڪڙ ۾ بازُ لاهڻ. سادگيءَ ۾ وهانءُ جو لڳ لنگهائڻ. ڪنهن بہ ڪم کي تڪڙ ۾ اُڪلائڻ.

مثال: "ٽُرت دان، مُها پِنُ." (گلقند 46)

**چَندَ جي پِڳَ ٽاري تي.**

وڏن جي معاملي يا ڳالهين ۾ ڪو ننڍو ٽنگ اڙائي تہ ان موقعي تي ائين چوندا آهن.

**چندُ چڙهندو، تہ جهانُ ڏسندو.**

عام ۽ رواجي ڳالهہ. پٽ پڌري ڳالهہ جنهن ۾ ڪا بہ لِڪ لڪوتي نہ هجي.

**چوٽين يار جو اولاد آهين ڇا؟**

چوٽون يار = حضرت علي عہ سيد. پِيرُ.

ڪو ماڻهو پاڻ کي ضرورت کان وڌيڪ ڦُندائي ۽ مٿيرائپ ڏيکاري تہ موٽ ۾ ائين چوندا آهن.

مثال: "لولي ڇُني ڪتڻ کان، ڪُنڊڻ لڳس ٻارَ." (سنڌي پهاڪا 83)

## ڇڏ، تہ ڇڏيئين!

ٻہ همراهہ وڙهي پيا ۽ هڪ ٻئي جي وارن ۾ هٿ وجهي ڌونڌارڻ لڳا. وڙهي ڍانگا ٿيا تہ هڪڙي چيو "وارن مان هٿ ڪيد." ٻيو جيڪو اڳ ئي بيزار هو تنهن نهہ ٻهہ وراڻيو تہ "ڇڏ تہ ڇڏئين."
ڪو بہ ماڻهوءَ خوشيءَ سان مصيبت پنهنجي ڳاٽي ۾ نہ وجهندو آهي. هڪڙو درگذر ڪندو تہ ٻئي کي بہ درگذر ڪرڻي پوندي.

## ڇڄي پوک، دُنيا سنگ.

پوک جا سلا ۽ ٻوٽا وٺيرڪا وائکا ۽ ڇڊا هوندا تہ گهربل اُس ۽ هوا حاصل ڪري صحتمند ٿيندا ۽ سنگ بہ ٿلها ٿيندا.
ياري دوست ۽ ميل جول ۾ جيتري ڇڊائي هوندي، اوتري سِڪ ۽ محبت وڌندي.
مثال: "ڏيڍَر ٿَپ جوان ڪوئي ڪوئي. ٿُڏا واڙ (اترادي پهاڪا 129)
"دورباش، خوش باش." (سنڌي پهاڪا 49)

## ڄُري سوني هوندي، تہ بہ ڪاٺي تہ ڪا نہ.

ڪاڏي جا ٽانءَ ڀلي سون جا هجن، تہ بہ ڪاڏي جو نعم البدل نٿا ٿي سگهن. ٻاهريون ڏيک ويک ڪٿي ڪيڏو بہ نٿ وارو هجي پر ڪم جو نہ آهي.

## ڄُڙي مِڙي، شاهہَ جي.

اڳُ ماڻ ويامندو هو تہ ان مان هڪ ڦرُ مرشد جي نالي ڪندا هئا. ان موقعي تي ائين چوندا هئا. يعني مري، بچي، چوري ٿئي يا موتي ملي يا وڏي ويجهي مرشد جي آهي.

## ڄُڙي وئي، ڄُلندي آئي.

ماڻ ڄُڙي ويندو آهي تہ ٻيلي يا جهنگ مان چَري ٻاٽي پي شام جو وٿاڻ موٽندو آهي. ڪچي جيه مالوندن جو مال گهٽو ڪري، بنا ڌنارن جي گور چرندو آهي ۽ پاڻ ئي وٿاڻ تي موٽندو آهي.

## ڄَڙي ڪري ڄَم ڄَم، تہ وديا اچي گم گم.

ڄَڙِي= لٺِ، لڪڻُ.
وِديا = علم
اڳ مدرسن مڪتبن ۽ اسڪولن ۾ مار کي ٻار لاءِ سنوار سمجهيو ويندو هو. اُن لاءِ دليل ڏنو ويندو هو تہ ٻار کي استاد جي مار جو ڊپ هوندو تہ مار کان بچڻ لاءِ شوق سان علم پرائيندو.

## ڇَڙهو ڇاندُ، اُضحيءَ جو ڏاندُ.

ڇَڙهو= غير شادي شده، اڻ پرڻيل.
ڇڙهو ماڻهو گهر ۽ ٻارن جي خفن خرچن ۽ ڳڻتين کان آجو هوندو آهي، ان ڪري ڪائي ٻي مچي مواڙ تي پوندو آهي.

## چورو پڙهيو قسمت جاڳي، چوري پڙهي مُنهن تي داڳي.

سنڌ جي لاڙ واري علائقي سان تعلق رکندڙ هيءَ چوڻي سنڌي زرعي سماج ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ منفي ۽ جاهلاڻي سوچ کي پڌرو ڪري ٿي.

## ڇوڙن جو واهي، گدڙُ.

ڇوڙو = ماڻ جو ڇَمُ.
ڏسو "آنڊن جو واهي...."
مثال: "ڀِهير ڇور، تہ واهي ڪيرُ وِهي؟" (گلقند 89)

## چوڪر جي ياري، گڏهہ جي سُواري.

چوڪر سان ياري رکڻ ۽ گڏهہ جي سواري ٻنهي مان ڌڪ کائبو ۽ خواري، بدناميءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيندو.
مثلاً: "ڪچيريءَ جو يارُ ٻَحريءَ جو شڪار سدا خوار." (گل شڪر 169)

## ڇِڪي رکُ، سَٺ تي ڪانٽو.

اڳُ گاڏين جي رفتار ميل واري حساب سان وڌ ۾ وڌ سٺ تائين هوندي هئي، ڪنهن ڪم کي تيزيءَ سان اُڪلائڻ لاءِ ائين چوندا آهن.

گذريو آهي. ڪمن ڪارين سان ايندڙ ماڻهن کي چڱن ۾ ڪامورن ڏانهن خط لکي ڏيندو هو ان ڪري هيءَ چوڻي مشهور ٿي. ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم لاءِ گهڻا پنڌ ڪري ته ايئن چوندا آهن.

**خيرُ ڪندي هٿ سڙن ته سڙڻ ڏي.**

چڱائيءَ جو ڪم ڪندي ڏکيائيون ۾ وقتي تڪليفون اچن ته گهبرائڻ نه گهرجي.

مثال: "دال روٽي ڪاڏي، ڏَنُ ڪُتي، ته ڪتڻ ڏي" (گل شڪر 112)

**خرچُ ميهر جو، ڪائي جاني.**

ڪمائي هڪڙو ۾ ڪائي پيو.

مثال: "ڪتيو ڪائي ڪتيجان، ڏُڪَ جهلي ڏيڻس." (گلقند 110)

"کوهي ڪنگهار جي، نالو نارائڻ جو." (اترادي پهاڪا 89)

**خُشڪ ڪچهري، بند جو پاسو.**

مطلبي ۾ ڪم ڪيڏائو ماڻهوءَ جو ڪم نڪتو ته جڻ واقف ئي نه هوندو.

**خوابَ گهوڙا هجن ها ته فقير به سواري ڪن ها.**

خوابَ خواب ئي هوندا آهن. هوا جي ڳالهين جيان لمحن جا مهمان، هوندن به غريب ته رڳو خوابن ۾ ئي خوشيون ڏسندا آهن. باقي ساپيان جي جهان ۾ ته سُور ئي سُور هوندا آهن. ان لاءِ چيل آهي ته ڪو فقيرُ گهوڙي جي سواري ڪرڻ چاهي ته اها خواب جيان خام خيالي ئي هوندي.

**خونُ ۽ ڪتوري نه لڪي، توڙي بارُ پون باري.**

خوشبوءِ کي ڪيڏو به لڪائجي پر اها لِڪي نٿي سگهي، ايئن ڪنهن جو ناحق خون به ڪڏهن نه ڪڏهن نيٺ ڦاٽي ٿو پوي، ان ڪري ته خون کي ڊگهي زبان هوندي آهي.

مثال: "عِشق ۽ مُشڪ لڪي نٿا سگهن." (پهاڪن جي حڪمت 85)

"خونُ ۽ ڪتوري، ڳجهو نه رهي." (گلقند 8)

**خوشامد ۾ به آمد آهي.**

جيئن "خوش آمد" لفظ ۾ به آمد آهي، ايئن چاپلوسيءَ ڪرڻ واري جو ٽُڪر به گِهه ۾ ٻڏل هوندو آهي.

**خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي، ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.**

جيئن اُڏوهي ڪاٺ جي ويري آهي، تيئن ڳڻتي انسان کي جهوري ٿي وجهي خوشيءَ ۾ اگهو ماڻهو به ٽِڙي ٿو پوي پر ڳڻتيءَ ۾ چڱو ڀلو ماڻهو به ڳرندو ٿو وڃي.

**خوش رَهه پنهنجي خرچ تي.**

پنهنجي زور ٻَلَ ۾ همت سان جتي به هجين، شال خوش هُجين.

**خَطُ اَڌُ ملاقات آهي.**

خطَ مان حال احوال معلوم ڪري ماڻهو نئون سنئون ٿي وڃي ٿو.

## د

**دادلو بارُ، چَريو يا چُٽو.**

دادلو بارُ گهڻي لاڏ ڪوڏ ۾ پيار ڪري گهٽو ڪري موڳو ٿيندو آهي يا بد عادتو هوندو آهي.

مثال: "شاهُوڪاري بارُ چريو يا چُٽو." (سنڌي پهاڪا 46)

**دادو، جادُو.**

دادو شهرُ جادوءَ جهڙي ڇڪَ رکي ٿو. ان ڪري هيءَ چوڻي مشهور ٿي آهي.

**داناءُ مري اَکَر سان، نادان مري تلوار سان.**

سمجهه ۾ سُرت واري ماڻهوءَ لاءِ اکر جي مارَ به گهڻي آهي. نادان ماڻهوءَ تي وِٺو چٽر يا ٽوڪ اثر نه ڪندي پر تلوار سان جُهري پوندو.

**دائيءَ کان پيٽُ ۽ ڪرَميءَ کان کيتُ ڳجهو ڪونهي.**

رازدان حال محرم ۾ پِٽي کان واقف ماڻهوءَ کان حال ڳجهو نه هوندو آهي.

مثال: "دائيءَ کان ڏُنُ ڳجهو ڪونهي" (گل شڪر 112)

**دِل جو رازُ، ڦُرڙيءَ مثال.**
ڦُرڙي ڦاٽندي تہ گندُ ڇڏيندي ائين راز جيستائين دل ۾ آهي تہ رازُ آهي، پر کلي ويو تہ خواريءَ بدنامي ٿيندي
مثال: "دل جي ڳالهہ دوست سان بہ نہ ڪجي.
(اترادي پهاڪا 44)

**دل جو گهاءُ، هڪ راڻي ڄاڻي، بيو راءُ.**
ڳجهي صدمي جو درد ان کي ئي معلوم هوندو جنهن کي صدمو رسيو هوندو.
مثال: "جنهن تن لڳي، سو تڻُ ڄاڻي." (گلقند 69)

**دِل، خدا جو گهرُ آهي.**
ربُ، دلين ۾ وسي ٿو.

**دل ۾ ڏارُ ۽ آئيني ۾ وارُ پوي، تہ ڪڏهن نہ نڪري.**
ڏسو پهاڪو "ڀڳو سڄو نہ ٿئي....."

**دل ۾ جاءِ هجي، تہ سوڙهہ آهي ئي ڪا نہ.**
دل وڏي ۽ حوصلو سلامت هجي، تہ هر معاملي ۾ گنجائش نڪري ٿي اچي.
مثال: "دل سوڙهي نہ هجي تہ جاءِ سوڙهي نہ ڇئبي." (گلقند 84)

**دل ۾ خوش، بَغلَ ۾ تِين.**
مٿاڇرو ۽ ٻي دليو انڪار ڪرڻ، پر دل ۾ خوش ۽ راضي هئڻ.

**دل لڳي ڏائڻ سان، تہ پري ڪهڙي شئي آهي.**
ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪوجهي عورت جي نينهن جي ناوڪ لڳي وڃي تہ ان کي ٻي ڪا بہ عورت نہ وڻندي آهي

**دل ڪر، درخت جي دستور.**
دستور = جيان، وانگر.
اڳاٽي پرائمري نصياب ۾ شامل نظم جي سٽ، جيڪا چوڻي بڻجي وئي آهي.
ماڻهوءَ کي وڻ جيان ٿيڻ گهرجي، جيڪو پاڻ اُس ۾ سڙي ٻين کي ڇانءُ ڏئي ٿو ۽ پٿر ڇاٽيون سهي مٺو ميوو ڏئي ٿو.
مثال: "ڦٽي ڦَرُ ڏِين نيت مقابل پانهجن جي (شاهہ)

**دستار رفتار ۽ گفتار، سدائين سنڀالي رکُ.**
پنهنجي پڳ (عزت)، زبان (گفتگو) ۽ چال چلت ۽ اُٿي ويٺيءَ ۾ احتياط کان ڪم وٺجي.

**دستگير! ڪڍُ پناهگيرَ.**
سنڌ، سدائين ٻاهرين ۽ ڌارين جي پناهہ گاهہ رهي آهي. ڌرتيءَ ڌڻي، جڏهن پناهگيرن جي ڪينتس مان بيزار ٿيندا آهن، تہ ڪانئن ڇوٽڪاري لاءِ هن دعا جا ٻڪ کڻندا آهن.

**دَستر خوان جي ٻلي، گڏ ڪائي.**
دسترخوان = ماني کائڻ يا کارائڻ لاءِ وڇائڻ جي چادر يا ڪپڙو.
هيرايل، حجتي ۽ ويلا تار ماڻهوءَ کي ڄِتي ڪاڏي جي هواڙ پوي، اُتي پهچي ٿو وڃي.
مثال: "حمايتڻ گڏهہِ عراقيءَ کي لتون هڻي." (گلقند 82)

**دشمن کي مارڻ بدران ڪاري ڇڏ، دوست کي ڪارڻ بدران ماري ڇڏ.**
دوست کي خراب عادتن تي هيرائي زندگي تباهہ ڪرڻ ڪيس قتل ڪرڻ کان بہ وڏو ڏوهہ آهي. اهڙو ورتاءُ دشمن سان ڪجي.

**دشمن کي پاڻ کان، گهٽ نہ ڄاڻجي.**
دشمن ڀلي ڪمزور هجي، پر ان مان سدائين ڪٽڪو رکڻ گهرجي.

**دشمن جي دانگي، ڀڳي بہ چڱي آهي.**
دشمن جي ٿورڙي ۽ معمولي نقصان تي بہ خوش ٿيڻ.

**دشمن جي در ڇو ٿو وڃين؟**
**چي، "ادا، سڄڻ گروي.**
ڪنهن سان لاڳاپا ڀلي سُٺا نہ هُجن، پر رشتن جو ڀرم رکڻ لاءِ پنهنجي انا کي مارڻو ٿو پوي.
مثال: "ڄِتي وڃايا وارَ اُتي، کهڙا پارَ" (سنڌي پهاڪا 137)

**ڏُشمنُ، ننڍو بہ وڏو ڪري ڄاڻجي.**

دشمن کي ڪڏهن بہ پاڻ کان هيٺو ڪري نہ ڄاڻجي. ننڍي دشمن کان بہ ڪُنُ ڪرڻ گهرجي.

**ڏُشمنَ سان داناءُ ٿجي،**
**سڄڻ سان، حال اورجي.**

دشمن سان سياڻپ سان هَلجي ۽ سڄڻ سان دل جو حال ڪجي.
مثال: "دشمن لاءِ مال، سڄڻ لاءِ حال."
(ماجر.... 166)

**دوا اندر، دَمُ ٻاهر.**

نيم حڪيم ٺُڳڪو ۽ اڻ ڄاڻ ڊاڪٽر جو علاج فائدو ڏيڻ بدران سِر وڃائو هوندو آهي.

**ڏُونهان، سُونهان آهن.**

سونهان = راهہ جو ڏس ڏيندڙ رهنمائي ڪندڙ.
ٻهراڙين ۾ سانجهيءَ کان اڳ مالوند ماڻهو مچرن کان مال کي بچائڻ لاءِ دونهيون ڏُکائي ڇڏيندا هئا. اهو دونهون مٿي ويندو هو ۽ پري کان ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪو مسافر يا واٽهڙو دونهين مان ڪنهن ڳوٺ يا وسنديءَ جو اندازو لڳائي اوڏانهين وڃي نڪرندو.

**دولت آهي ترڪٽي، هڪ جاءِ ٽِڪي ٿي ڪا نہ.**

ڏسو "پئسي کي پَر...."
مثال: "مايا، چُلٽي آهي." (گلقند 84)

**دولتَ وَڻ جي ڇانءُ آهي.**

دولت نِنهڻ اُسَ ۾ وڻ جي ٽڏڙيري ڇانءَ جهڙي آسائش ڏئي ٿي.
مثال: لَڇِمِي، ڪُلڇڻ ڍِڪي." (گلقند 22)

**دولت مايا دورنگي، واريءَ جي مُٺِ،**
**جيڪو جهليس زور سان، تنهن سان ڪري ڇُٺِ.**

ڏسو "پئسو اچٽي وڃٽي...."

**دوست ٿئي دشمن، تہ ٻيو دشمن نہ ڌارِ.**

دوست حال محرم رازدان ۽ ڪچاين ڦڪاين کان واقف هوندو آهي. اهو دشمن ٿئي تہ وڏو نقصان ڏيندو آهي.

**دوستي، ڪچي تندُ آهي.**

دوستيءَ جو رشتو ڪچي ڌاڳي جي تند جيان نازڪ ۽ ڪمزور هوندو آهي. شڪُ بدگماني ۽ غلط فهميءَ جي معمولي ڇڪ بہ ان کي جهوري وجهندي آهي.
مثال: "دوستي رکڻ سَولي، نڀائڻ ڏکي آهي "(رئي آهي....)

**ڌُهل وڄي اورين گُهنبيا، دوسو نچي پرين گهنجيا.**

گهنبيا= ڳوٺ جو نالو.
سڪرنڊ تعلقي ۾ گهنبيا نالي سان بہ وڏا ڳوٺ آهن. جيڪي هڪٻئي کي ويجها واقع آهن. انهن مان هڪ کي اورين گهنبيا ۽ ٻئي کي "پرين گهنبيا" سڏيندا آهن. ٻنهي ڳوٺن ۾ ڪوري ۽ زرداري قبيلن جا ماڻهو رهن ٿا.
پيتوڙي ماڻهو جيڪو ڪاڏي جو موقعو ڏسي خوشيءَ مان هنبوڇيون هڻندو آهي.
مثال: "ڌُهل وڄي، دوسو نچي." (ماجر....66)

**ڌُهل وڄي ڌڌَ جي ڳوٺ، سڦوران نچي سڪرنڊ ۾.**

ڌڌَ= ان نالي سان بہ قديم ڳوٺ سڪرنڊ لڳ نيشنل هاءِ وي تي واقع آهن.
ڏسو: مٽيون پهاڪو.

# ڌ

**ڌاريا، ڌارين جا يارَ.**

ڌاريا پاڻ ۾ يلي ذات. قبيلي ۽ قوم جي حوالي سان ڌار ڌار هُجن، پر اُنهن جا مفاد پاڻ ۾ سلهاڙيل ۽ هڪجهڙا هوندا آهن. انڪري اُهي نہ چاهيندي بہ پاڻ ۾ جُٽُ ۽ گڏ هوندا آهن.

**ڌارين هنئي سيڪا، پنهنجن هنئي آءُ.**

ڌاريو تہ ڌاريو آهي. آهنجُ. ايذاءُ ۽ تڪليف ڏيندو تہ ان تي ميار بہ ڪا نہ نهندي ۽ ڏک بہ ڪو نہ ٿيندو پر ڪو پنهنجو ائين ڪندو تہ اُن جو ڌارين واري ورتاءُ جو ڏکُ هانءَ تي چڙهي تو بيهي.
مثال: "گهوڙن هنيون گهٽيون، اُنن هنئي آءُ." (شاهہ)

**ڌڳاٽو جهڙو گهر، تهڙو جهنگ ۾.**

ڌڳاٽو= ماڻهوءَ جو نالو.
ڏسو: "ڳهٽو جهڙو...."

## ڌڪَ، ڌڪن ۾ ڦوڪَ.

سنڌ جو سماجُ قبائلي نہ پر راڄوٽو رهيو آهي. هتي راڄَ هئا. راڄ وارا بہ هئا تہ راڄن ڀال بہ هئا. ان سماج ۾ فيصلا بہ راڄوٽي ٿيندا هئا. راڄن کي کير کنڊ ڪرڻ وارا اڳرائيءَ ڪرڻ واري تي ڇٽيون ۽ ڏنڊ رکندا آهن پر جهيڙي ۾ لڳل ڌڪن کي لئي مٽي ڪري فيصلو ٻڌائڻ مهل ائين چوندا آهن. "ڌڪَ ويا ڌڪن ۾ برابر ٿي."

## ڌڪن جا شاهد، ڦٽَ.

ڌڪَ لڳندا، تہ ڦٽَ بہ ضرور ٿيندا. ڌڪن جو ثبوت ڦٽن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿيندو؟

## ڌڪُ لڳو مڙس مئو، وڙن جي خبر پئجي وئي.

ڪنهن بہ ڪم ۾ نقصان پوي تہ سمجهو ماڻهوءَ کي ان مان سبق ملي ويندو آهي.

## ڌڪُ شيطاني، ڌڪُ رحماني.

جهيڙي ۾ آجايو سجائو ڌڪ لڳڻ جي خدشي کان ائين چئبو آهي.

## ڌڪُ هڻُ، رتَ جو ڦڙو نہ نِمي.

سراپيل حيرت ۾ ورتل ۽ پنهنجي شرم ۾ ٻڏل ماڻهو.

# ڏ

## ڏاتارُ لکن جا بہ ليکا نہ ڪري، ٻندو ڪَکُ بہ نہ ڇڏي.

الله ڀاڄهارو آهي ٻانهن سان ليکو نٿو ڪري، جتي نيڪوڪارن کي ڏئي ٿو اُتي گناهہ گارن کي بہ نٿو وساري پر ٻندو بي ايمان آهي. ننڍڙي بہ نيڪي ڪري ٿو تہ الله کان ان جي صلي جي طلب ڪري ٿو.

## ڏاڻَ جو علاجُ اَنبوري.

انبوري = لوهہ جو اوزار، پڪڙُ جنهن سان ڪوڪا، ڇڪي ڪڍبا آهن.

ڏاڻ جو سورُ ڏاڍو آزاريندڙ ٿئي ٿو. سُورَ واري ڏاڻ ڪڍائڻ سان ئي سور مان جِندُ آجي ٿئي ٿي.

## ڏاڻون ڪائي، اچي ڏندن کي لڳو آهي.

ڏسو: "ڪٽون ڪائي اچي....."

## ڏاڍو اُهو جيڪو مُنهن تي مڃائي.

ناٽُ ڪوڙو ماڻهو جيڪو ڪوڙُ هٽي نَڪَ نرڄائيءَ سان مُنهن تي مڃائي ۽ ٻئي کي ڪوڙو ڪري. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪيرُ ڏاڍو ٿيندو؟

مثال: "ڏاڍو اُهو جيڪو درياهہَ جي پرينءَ پر ٻيهي گاريون ڏي" (پهاڪن جي حڪمت 81)

## ڏاڍو مَري روئڻُ نہ ڏي.

ڀاڻ کان سگهو ۽ وڏو ماڻهو ڇيهو رسائيندو تہ اُن جي دانهن ڪُوڪ بہ ڪري نہ سگهبي.

مثال: "ڏاڍو سو ڳابو." (گلقند 85)

## ڏاڙهي جنهن جي پيٽ ۾، پهرين پٽڻ سي پهچن.

تنقيدي وَهيءَ ۾ وڏي سمجهہ سُرت ۽ ڏاهپ وارو جتي ڪٿي ڪاميابي ماڻي ٿو.

## ڏاڙهي نہ ڏَتُ تنهن تي ڪهڙي پَتِ؟

ڏَتُ= ٿورو اَحسان، وَڙُ.

پَتِ = يقينُ، اعتبار، ويساهُ.

بي وڙو ماڻهو جيڪو ننڍَ وڏائيءَ جو لحاظ نہ رکي ۽ ٻين کي اوکيءَ ۾ ڪم نہ اچي ان تي ڪهڙو اعتبارُ؟

مثال. "جنهن جون اڳي اڇن مُڇون، تنهن جي ڏاڙهي ڪنهن کان پُڇون؟" (پهاڪن جي حڪمت 93)

## ڏاهرين جا ڏاندَ، ڪَڙ ٻُهہَ جا هيراڪ.

مالوند ماڻهو کير ڏيندڙ مال مينهن يا ڍڳيءَ کي کيرُ وڌائڻ لاءِ کڙ، ٻُهہ کارائيندا آهن. ڏاندن کي کڙ ٻهہ گهٽ ڪري نہ ڏيندا آهن. بي سمجهہ مالوند ڏاندن کي بہ کڙ، ٻُهہ کارائيندا آهن پر ڏاندن جا خفتي ۽ آسودا مالوند ائين ڪندا آهن.

## ڏِيي رِڏَ، سَهڪي ٻروهي.

ڏسو پهاڪو "بارُ گڏهہ تي....."

مثال: "مٽي مُون، ڪنجهين تون." (ماجر..... 168)

**ڏيوالي جو ڏيئو، غريب جي گهر ٿي ٻرندو.**

ڏيوالو= واپار ۾ ٽوٽو نقصان، کُٽي وڃڻ.

اڳ، جڏهن ڪو واپاري، واپار ۾ کُٽي ٿُٽي، سڃو ٿي ويندو هو ته گهر يا دڪان ۾ ڏيئو ٻاري ڇڏيندو هو ته جيئن قرضي ۽ ڏيتي ليتيءَ وارا لهڻيدار ڪيس تنگ نه ڪن. اهو ڏيوالو گهڻو ڪري غريب ۽ وچولي طبقي ۾ هيٺئين طبقي جا واپاري ڪيندا هئا.

**ڏيڻ، روئڻ ۽ ڏيهہ ڇڏڻ لاءِ، هنيانءَ تو ڪپي.**

اوکيءَ ۾ ڪنهن کي هڙئون وڙئون ڏيڻ، ڪنهن جي درد ۾ پيڙا، پاڻ تي محسوس ڪري، اکين ۾ پاڻي اوتجي اچڻ ۽ پنهنجو ڏيهہ ۽ اباڻا ڪک ڇڏڻ، سچ ته ڏاڍو ڏکيو آهي.

مثال: ڏيڻ ۽ روئڻ، دل جي هيٺان، گُهرڻ ۽ کِلڻ، دل جي مٿان. (گل شڪر.... 122)

**ڏيهہ ٻڏي، ڏيرياڻي نه ٻڏي.**

گڏيل ڪٽنبي سنڌي سماج ۾ ڏيرياڻيون نطري ساڙ ۽ سهاڻپ جي ڪري پاڻ ۾ گهٽ ٺهنديون آهن. خاص ڪري گڏيل چلهہ پاڻ واري گهر ۾ اهو عام آهي.

مثال: "ڏيهہ چوي، ڏيرياڻي نه چوي." (گلقند... 107)

"ڏيرياڻيون، توڙ جون ويرياڻيون." (پهاڪن جي حڪمت 81)

**ڏيهہ ڏِسي، ڏيرياڻي نه ڏسي.**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

مثال: "ڪِني ڪُني، پر ڏيرياڻيءَ نه ڏني." (سنڌي پهاڪا 138)

**ڏيئي بنا پنهنجو، ڏِسِ گهمي اونداهو گهرُ.**

گهرُ سوجهري سان آهي، بنا سوجهري گهر ويران کنڊر جيان لڳندو آهي ۽ ڏيئو گهر جو اُجالو هوندو آهي.

**ڏُڌ گهرڻ ۽ مائٽي جوڙڻ ۾ ڪو به عيبُ نه آهي.**

ڏُڌ = لسي.

اڳ ٻهراڙين ۾ جن غريبن وٽ کير لاءِ مال نه هوندو هو انهن گهرن جا ٻارڙا صبح ساڻ لوٽا ۽ چونريون کڻي ڳوٺ جي مالوندن جي گهرن مان لسي وٺڻ ويندا هئا. ان کي عيبُ يا مهڻو نه سمجهيو ويندو هو.

جيئن لَسي گُهرڻ مِهڻو نه آهي، تيئن مٽي مائٽيءَ لاءِ سڱ جي گهر ڪرڻ ۾ به عيبُ يا مهڻو نه آهي.

**ڏَرجي به ڏَجي به.**

ڏَرڻُ = آنَ ڏرڻ، ڏارو ڪرڻ، ڀڄڻ، ڪنبڻ.

ٻٽي معنيٰ وارو پهاڪو آهي. الله جي واٽ ۾ ڏجي به پر الله کان هر دم ڀڄجي به.

پنهنجي پيٽ لاءِ ان جو ڏارو ڪجي ته ان مان ٻين جي به سار لهجي عبادت ڪيڏي به ڪجي پر ان تي نخر ۽ وڏائو ڪرڻ بدران الله کان ڀڄجي، ته شل قبول پوي.

**ڏمرجي نه ڏاتار، ڏَسي ڏنگايون.**

ربُ ڏمرجي ٿو ته ماڻهوءَ کان مَتِ کسي ٿو ڇڏي.

مثال: ڏمرجي نه ڏيهہ ڏٽي، ڇَنا ڇڏائي." (پهاڪن جي حڪمت 80).

ربُ رُسي، مَتِ کسي، هٿي ڪو نه هٿيارُ.

ڏسي اهڙي ڪار، جنهن مان جوکو جيءَ کي. (شاهہ)

**ڏِني قرضُ چُٽي، ڪَٽي پنڌُ کُٽي.**

قرض ڏبو ته جندُ چُٽندي پنڌ ڪبو ته فاصلو کٽندو.

مثال: ننگر پهچي ڪو نه بنا پنڌ ڪئي." (گلقند 82)

**ڏني نه ورتي.**

هرو ڀيرو بنا ڪنهن ڪارڻ، ڪو مسئلو ڳاٽي ۾ پئجي وڃي ته ايئن چوندا آهن.

**ڏندَ هئا ته ڀُڳڙا نه هئا، ڀڳڙا آهن ته ڏند نه آهن.**

سڀ ڳالهه هُوند سان آهي ڏند سلامت هئا ته ڀُڳڙن لاءِ پئسا نه هئا، اڄ پئسا آهن ته ڀڳڙا کائڻ لاءِ ڏند نه آهن.

مثال: جڏهن ڏند هئا، ته حلوو نه هو حلوو آهي ته ڏند نه آهن. (گل شڪر 88)

**ڏَنڊي تي منزل.**

تاڪَ سُڃو ماڻهو جنهن جو گهر ٽڙيءَ ڪونڪاڻو نه هُجي.

**ڏنل ڏاجُ مائٽن به ڪو نه موٽايو آهي.**

ڏاجَ ۾ ڏجي يا دانَ ۾ پر ڏنل شئي پرائي ٿي ويندي آهي، اُها موٽائي نه وٺبي آهي.

**زالَ جُهورِ تہ بہ اکين جو نُورُ.**
زالَ پلي ڪراڙي هجي پر مُڙس جو سهارو هوندي آهي. اکهاڻي، سگهائي ۾ زال ئي مڙس جي بهتر سنڀال ڪري سگهي ٿي.

**زبانَ چِمَ جي، ڪنهن نہ ڪَم جي.**
گفتگوءَ ۾ جڏهن ڪنهن کان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ وات مان ڪو اهڙو گفتو يا وائي نڪري وڃي، جيڪا اڳلي کي ڏکي لڳي، تڏهن معذرت ڪندي ايئن چوندا آهن.

**زير ٿيءُ زبر نہ ٿيءُ، مٿان پيش ٿيڻو پوئي.**
سنڌي لپيءَ جي اعرابن جي علامتي رنگ ۾ چيل هن چوٽيءَ ۾ وڏي ڏاهپ سمايل آهي. ڪوزي ۾ درياهہ کي بند ڪيو ويو آهي. جيڪا ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ ڪتاب لکجي سا هڪ جملي ۾ نهايت ڪاريگيريءَ سان سمجهائي وئي آهي.
مثال: "ڏول ٽنين جي ڏارَ هيٺايون هلن جي." (شاهہ)

**زراعت عبادت.**
زراعت سان خدا جي خلق جي پيٽ جا اُلڪا پلجن ٿا، ان ڪري زراعت عبادت جو درجو رکي ٿي.
"سانجهي سيئي مَل، هَرُ جنين جي هٿ ۾." (شاهہ)

**زمين جي سنوت، پاڻيءَ جي بچت.**
پوکيءَ کان اڳ زمين کي هر ڏئي مٿان سانئر گهمائي ڪڙا ۽ پٽر پيچي سنوت ۾ رکبو اوترو پاڻي کي رڪاوٽ گهٽ ٿيندي ۽ هلڪو ڏنل پاڻي بہ گهٽي ڏنل پاڻيءَ جيترو اثر ڪندو ان پوک کي ترت ترت پاڻيءَ جي گهرج بہ نہ ٿيندي ۽ پاڻي زيان بہ نہ ٿيندو.

**زمين جاءِ ڏئيس تہ لهي وڃي.**
ڪو ماڻهو پنهنجي ڪِئي تي پڇتائي ۽ نِدامت محسوس ڪري تڏهن ائين چوندا آهن.

**زمين خدا جو فرش آهي.**
آسمان ۽ خلا کي عرشُ ۽ زمين کي فرشُ چوندا آهن. خدا جي زمين خدا جي اُن بندي جي آهي جيڪو ان کي کيڙي، سوڙي ۽ سنواري ٿو.

**زمين ۽ زالَ آهي قبضي سان.**
هتي قبضي مان مراد، صحيح سانَ سنڀال لهڻ ۽ هَٿَ وَسَ ۾ رکڻ آهي. عورت ۽ زمين سار سنڀال چاهہ ۽ اهميت لهڻن ٿيون. ٻي صورت ۾ هٿ وس مان نڪتيون تہ پوءِ زور نٿو هلي.

**زَنا فنا آهي.**
جيڪو ماڻهو لاهي پاهي ڪِني ڪَمَ ۾ براين جي پنيان لڳي ٿو ان جي پڇاڙي ڏاڍي خراب ٿئي ٿي.

**زندگي پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي.**
زندگي، خواب جيان آهي، هوا جي جُهوتي ۽ پاڻيءَ جي ڦوٽي جيان گذري ٿي وڃي.

**زندگي ۽ موتَ خدا جي وَسِ آهي.**
زندگي ۽ موت تي الله جو اختيار آهي، ماري يا جياري وَسَ وارو آهي.

**زَهرَ بنا نانگُ، جوڳيءَ جو ڳهڻو.**
نانگ جو سراپُ آهي ئي زهر سان، جوڳيُ نانگ جا زهر وارا ڏندَ ڪڍي ڇڏيندا آهن. نانگ بي اثر بڻجي ويندو آهي ۽ جوڳي ان کي هارَ يا مالها جيان ڳچيءَ ۾ وجهي هلندا آهن.

**زهر کي، زهرُ ماري.**
طاقت واري کي طاقت وارو ئي مُنهن ڏئي سگهي ٿو.

**زور کي زور ٿو جهلي.**
ڏسو مٿيون پهاڪو.

**زور جي ميندي لڳڻي ئي ڪانهي.**
ڪنهن جي راضپي ۽ مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن تي پنهجو فيصلو مڙهبو يا راءِ ٿوڦبي تہ اها جٽادار نہ هوندي
مثال: "اُجياري پيئندي، ڇڪياري ڪين پيئندي" (گلقند 14)

**زور لائجي وتَ آهر.**
زور ايترو لڳندو جيتري سگهہ هوندي سگهہ کان وڌيڪ زور لائڻ سان ڇيهو رسڻ جو امڪان رهي ٿو.

# س

**ساڳيا اُتر، ساڳي تاهري.**

ڪرَ جي يڪسانيت، ساڳي ڪِرت ڪي لڳو رهڻ.

**ساڳيا لاٽون، ساڳيا ڇُگهہَ.**

ڇُگَهہ- سوراخ

جيڪو ڪنهن جي سمجهہ ۽ صلاح نہ وٺي ۽ پنهنجي ڪِرت ڪي جاري رکي ان لاءِ ائين چوندا آهن.

**ساڳي ماني، ساڳ سان.**

ڪنهن غريب کي ڪٿان پئسو هٿ اچي ۽ ان پئسي کي اجائي ٺَٽَ ٺانگر ۽ عياشين ۾ اُڏائي ڇڏي ساڳي حالت کي رَسي تہ ان لاءِ ائين چوندا آهن.

**ساڳيو ڳَنُ، ڪُهاڙيءَ ۾.**

ڳَنُ- ڪهاڙي، ڪوڏر يا کهيڙي ۾ هٿ وجهڻ لاءِ ڪاٺ جي گهڙيل لسي ڏنڊي

ڏسو: "ساڳيا لاٽون...."

**ساکَ چور جي ڍالَ آهي.**

ساکَ = قَسمُ

ياڳيو جڏهن ڪنهن چورَ ۾ چوريءَ جو شڪُ ڏيکاريندو آهي تہ چورُ پاڻ کي صاف ۽ بيڏوهيءَ ظاهر ڪرڻ ۽ ڏکُ ٽارڻ لاءِ قسم ڏيڻ تي تيار ٿي ويندو آهي. ياڳيا، چور جي قسم تي اعتبار نہ ڪندا آهن ۽ ائين چوندا آهن.

**ساڌُو رمندو ڀلو، پاڻي وَهندو ڀلو.**

ساڌُو= سنياسي، سَنت

درويش، ويراڳي.

جيئن وهندڙ پاڻي سدائين تازو هوندو آهي تيئن سنياسي ۽ ويراڳي فقير بہ سدائين پنڌ ۾ خوش هوندا آهن.

**ساڌُو سو جو دَکُ لائي.**

سَنت، درويش ۽ مُرشد جو ڪم آهي تہ پنڪيل ۽ اڻ جاڻ ماڻهن جي رهنمائي ڪري، کين سِڌي راهہ ڏيکاري

**ساڌوءَ جي سنگت ۾ ڪُڇڻ جو ڌرشن.**

سَنت، درويش ۽ ويراڳي، دنياوي خواهشن کان گهٽو پري هوندا آهن. طمع ۽ لالچ واري ماڻهوءَ کي انهن جي صحبت مان ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو.

**سارِي ڪريءَ پاپڙي ڪري.**

سارِي = چانورن جو فَصلُ.

پاپڙي = ٺلهيون ساريون جنهن ۾ ان جو داڻو نہ هجي

ڏسو: "جوئر ڪري..."

**ساز وڳو سُر سمجهيوسين.**

ڪنهن جي ٻچاپڙائي وارين ڳالهين مان سندس لڪل نيت پرکي وٺڻ.

ڏسو: "تارو ڳي...."

**سامهون شينهَن بہ نہ کائي.**

چوندا آهن تہ شينهن کي ڏسي ڀڄجي نہ هاٿيءَ کي ڏسي بيهجي نہ ان ڪري تہ شينهن ڀڄڻ ۽ ڇُرپُر ڪرڻ واري تي حملو ڪندو آهي.

ڪنهن بہ معاملي کي سامهون ٿي، مُنهن ڏجي، لڪڻ سان مسئلو حل نہ ٿو ٿئي، پر ويتر مُنجهي ٿو.

**سانڍي مان صوبيدارُ.**

نااهل ۽ نڪمي ماڻهوءَ کي اهم ذميواري ڏيڻ.

ڏسو: "توم مان زعفران."

مثال: ماءُ مُوري، پيءُ بصر، پُٽ ٻنهي کان ڪسر." (گلقند 32)

**سانُ سُوڳَ ڪري ٿي ڪونہَ.**

سانُ = نَرُ، پاڏو.

سُوڳَ = بچان، ڪِراهت

مينهن سَنجهو ڪندي آهي تہ مالوند ان کي سانُ ڏيندا آهن ۽ سانُ ڪنهن بہ مينهن کان بُچان نہ ڪندو آهي.

**سالُ ڪَريو آهي عُمر ڪا نہ ڪَري آهي.**

ٻوڏ ۽ فصل ٻڏي وڃي، واپار ۾ نقصان پئجي وڃي يا شاگرد امتحان ۾ ناڪامياب ٿي وڃي تہ ائين چوندا آهن.

**سيڪو پنهنجي قبر ۾ ويندو.**

هر ماڻهو پنهنجو ڪيتو لوڙيندو ۽ مرڻ کان پوءِ پنهنجي اعمالن جو پاڻ حساب ڏيندو، ان ڪري ٻئي جي گلا ڪرڻ بدران، پاڻ کي سڌارجي.

**سُتا اُٿي جاڳ، سُلفي آئي اٿئي سِرَ تي.**

موالين لاءِ سُلفي سَر ڪرڻ کان وڌو ٻيو ڪهڙو ڪمُ؟ سُلفي پرجي موالي جي مٿان اچي ۽ موالي ننڊ پئجي وڃي ته ان کان وڏو ٻيو ڪهڙو نياڳ؟

ڪمَ جو وقت پرجي اچي ۽ اڳلي کي ڪا اُونَ نه هجي، ته اهو ماڻهوءَ جو نياڳُ چئبو.

**سَتَ گڏهه آڪرو.**

ٻنان ڪنهن سبب يا جواز جي، ڪو ماڻهو اجائي آڪڙ ۽ وڏائي ڏيکاري، ته چوندا آهن.

**سَتين ايندو سَتُ لنڊي ۽ لچ جا لڳي؟**

سَتُر واري پاڪ دامن عورت ئي سَتر رکندي، ڪِني ۽ بدڪار عورت کي ستر جي ڪهڙي جاڻ ۽ قدرُ؟

**سَتئين مذهبين سُوئُر حرامُ.**

اسلام سميت ٻين به ڪيترن مذهبن ۾ سوءُ. جو گوشت ۽ وياجُ حرامُ آهي.

**ستين مذهبين، ڪاوڙ حرامُ.**

تمام مذهبن ۾ ڪاوڙ کي مارڻ ۽ صبر ۽ سهپ جي تلقين ڪيل آهي.

**سَتين لِيَ ڏاچيءَ کي به چِڪَ ڪري.**

ڪئي گُڻَ خاصيتون ۽ عادتون موروثي هونديون آهن، اهي پونين نسلن تائين منتقل ٿين ٿيون.

**ستين لنگهڻين، سوئر به حلال.**

ڪو ماڻهو سَتن ويلن کان بُکَ تي هجي ته ان لاءِ ايترو حرام گوشت کائڻ جائز آهي، جو هو زنده رهي سگهي.

مثال: "ستين لنگهڻين، ڪتو به حلال." (گل شڪر 141)

**سُتل ٻلان جي پُڇَ تي لتَ ڏبي ته ڦوڪون ته ڏيندي.**

جاڳي واٽي ڪنهن کي ڇڪ ڪبو يا ستائبو ته ردعمل ته ضرور ڏيکاريندو.

مثال: "سُتل شينهن کي، آڱر نه ڏجي." (گلقند 94)

**سُنا فَصُلَ، خوشحال نَسُلَ.**

زراعت جيترو ترقي ڪندي، فصل اوترا سُنا ۽ وڏيڪ لاپ ۽ اُپت ڏيندڙ ٿيندا. اوترو ئي آسودگي ۽ نسل در نسل خوشحالي ٿيندي.

**سُبتي ڦَٽِي، پوک ڪُٽِي.**

واپار يا ڪاروبار ۾ پهرين مُوڙي سيڙائبي آهي، تجربو گهٽ يا نه هئڻ ڪري واپار ۾ پهرين نقصان به پئجي سگهي ٿو. پوءِ جڏهن ڪاروباري گُرن جي جاڻ ٿئي ٿي، ته ڪمائي ٿئي ٿي.

**سَڳي کان پوءِ به ستَ موالي چڪين.**

موالين ۾ هَٻڇَ جي هواڙ به مڙئي گهٽ هوندي آهي، اُهي وزم جي پائلي هجي، ڀنگ جي چپٽي يا پن جي ٻيڙي پاڻ ۾ ونڊي ورهائي استعمال ڪندا آهن. پن جي ٻيڙيءَ کي سڳي کان پوءِ به ست موالي چڪيندا آهن.

**سِڳُ پچائي، گابو ٿيو وَتي.**

وڏي چمار جو ماڻهو وارن کي خضاب هڻي ۽ ناهه نوهه ڪري، پاڻ کي ننڍو نينڍو ۽ جوان ڏيکارڻ جو ڏيکاءُ ڪري ته ائين چوندا آهن.

**سَڱ سياپو، لڪئي جو ليڪُ آهي.**

ڏسو: "لکيو منجهه اُزل...."

مثال: "ليڪ کي ميڪ پوڻي ئي ڪانهي." (ماجر.... 168)

**سُڪَ جي ساعتَ به چڱي.**

سُکَ سلامتيءَ جو احساس ۽ خوشيءَ جا ڪجهه لمحا به ڀلا.

**سُکَ جو سالُ به ٿورو، ڏکَ جو ڏينهن به گهڻو.**

سُکَ جو سالُ به اک ڇنڀ ۾ گذري ٿو وڃي، پر ڏکَ جو هڪڙو ڏينهن به سال جيترو ڏِکُ ٿو ڏئي.

**سڪٽي دُعا، پِٽ برابر.**
پِٽ = پاراتو بددعا.
ڏسو: "ڏُکو ڦٽو..."
مثال: "سڪٽو ڦٽو سورُ ٻيٽُو." (اترادي پهاڪا 49)

**سياري ۾ سي ٿي چڱا، جن کي گهٽي باهه.**
**اونهاري ۾ سي ٿي چڱا، جن کي گهٽي ڇاهه.**
ڇاهه = ڇانءِ.
سياري جي ٿڌِ کان اهي ٿي بچاءُ ۾ هوندا، جن جي گهرن ۾ باهه جو مچ ٻرندو هوندو. اونهاري ۾ وڻ جي ڇانءِ غريب ماڻهن لاءِ وڏي نعمت آهي.
مثال: "سياري ۾ سي ٿي چڱا، جن کي ڪي آهه، اونهاري به سي ٿي چڱا، جن کي ڪي آهه." (گل شڪر 145)
"گرمي چڙي، جهڙ ڪِنگر سان. سردي چڙي زر ڪِنگر سان." (گل شڪر 197)

**سياري جي ٻچاڙي ڳري.**
ڏسو: "سونهاري جي اڳياڙي....."

**سياري جو سڄ، اُبرڻ سان اُلهي.**
سياري ۾ ڏينهن ننڍو ۽ رات وڏي ٿيندي آهي.
مثال: "سياري جو سڄ، ڪن پاءُ ۾ پُورو." (اترادي پهاڪا 120)

**سياري ۾ سنگهه، اونهاري ۾ آرايون،**
**ڪنهن کي سارا هي، ڪنهن کي سارا هيون؟**
سياري ۾ ٿڌِ ۽ زڪام تنگ ٿو ڪري، ته اونهاري ۾ گرميءَ کان آرايون ٿيون نڪرن.

**سياري سونُ، آڪاڙ چاندي،**
**ساوڻ پورهيو تاوڻ، ٻڌي جو هر بادي.**
ڏسو: "آڪاڙ سون، ساوڻ...."

**سياري ۽ درياهه جي، سيرَ ڏکي.**
سيرَ = وِچ اُوڄَ.
درياهه جي وچ واري حصي ۾ وهڪرو تيز ۽ ڪُن وارو هوندو آهي. ائين سياري جي سيرَ واري حصي، ۾ دِلن جو پاڻي جمي ويندو آهي.

**سياڻو وزيرُ، راڄ جي سُونهن.**
اڳ، جڏهن بادشاهتون هيون، بادشاهن کي ڏاها وزير هارائيندا هئا. سياڻو ۽ عقلمند وزير رعيت لاءِ خدا جي رحمت هوندا هئا.

**سياڻو ڪانُ، ڪِنُ ڪائي.**
سياڻپ ۽ ڏاهپ ضروري ناهي، ته سُٺن ۽ تعميري ڪمن لاءِ استعمال ۾ اچي. سياڻو ڪانُ ڪِنُ ڪائيندو آهي. هڪ کي هزارين اکيون آهن پر ويهندي ڪِنَ تي آهي.

**سيڻ جو پاڙو بہ، جَتَ تي.**
ڏسو: "پٽڪو ته ڏنئي....."

**سيڻ سيرُو ملُ يا جُتي هَٽَ ۾.**
جُوا جهڙو جو ڪاٽيو ڪمُ جنهن ۾ فائدو ٿئي ته ڊءُ ۽ نقصان ٿئي، ته مُوڙي به چَٽُ تي وڃي.
مثال: "ڪڏهن هٽُ ماٿيءَ تي، ڪڏهن ماٿي هٽَ تي." (گلقند 94)
"لڳي ته لائي، نه ته رنَ پرائي." (پهاڪن جي پيڙهه 27)

**سيد ميرو، تہ بہ پنج سيرو.**
سنڌ جو سيدُ، پلي ڪيڏو به ڪٽي بدڪار، ڪُڌن ڪ توتن وارو ۽ غريب هجي، پر پاڻ کي ٻين کان اتم ۽ مٿيرو سمجهندو آهي.

**سيد سائو، تہ ملڪ لاءِ ڦاهو،**
**سيد سُڃو، تہ ملڪ لاءِ ڏڃو.**
ڏُڃو = ڏُڪارُ.
سيدُ سُکيو ستابو ۽ حيثيت وارو هوندو ته ملڪ کي تپائي ڏيندو. پر غريب آهه، ته مريدن ۽ غريبن کي پَٽ کوهه ڪري، پنڻ جهڙو ڪري ڇڏي.

**سيدُ ۽ سپاهي، تن کان رکج اِلهيٰ.**
سنڌي ماڻهو ڏَنَ تي تڳندڙ سيدن ۽ پوليس جو تپايل رهيو آهي.
مثال: "سيدُ سِپاهي، غضب الهيٰ." (پهاڪن جي حڪمت 99)

### سُورَ سيدن جا، پنجن امامَ.

امامن سڳورن جي مظلوميت جو ڏکُ ۽ ماتم تہ سنڌ جا ماڻهو هر سال ڪندا آهن. پر سيد ذات جي نالي ۾ سنڌ جي سيدن غريب ۽ ابوجهہ ماڻهن کي جيڪي ڏنجها ڏنا آهن، ان جو ماتم سنڌ جا ماڻهو هن پهاڪي جي صورت ۾ ڪندا آهن.

### سونَ تي مِينُ.

مِينُ = ميناڪاري، چٽسالي، گُلڪاري.

سونُ قيمتي ڌاتو آهي. ان تي مين جو ڪم ان جي مُلهہ سان گڏ سونهن بہ وڌائي ٿو ڇڏي.

### سونَ تي سُهاڳو.

سهاڳو = ڪنگڻ ڪار جنهن سان سون ۽ چانديءَ کي جرڪائڻ ۽ اوجر ڏيڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن.

ڏسو مٿيون پهاڪو.

### سونَ ڪان گَهڙائي مهانگي.

گَهڙائي = زيور ٺهرائڻ جي اُجرت.

ڏسو: ”لوئي ڪان اُپنگہ...“

### سوني ٿالهيءَ ۾ ڀِکيا ڪير نہ وجهندو؟

حيثيت واري ماڻهوءَ کي هر ڪو خوشيءَ سان ڪم ايندو آهي.

مثال: هڪ سهڻي زبان، ٻيو سونو ڳهڻ پوءِ ڪيرُ نہ رکندو ڳهڻ؟ (اترادي پهاڪا 141)

### سونَ جهڙا ڪُوهہ جي تري ۾.

ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن اوڌر رهيل هجي ۽ ڏيڻ جو انڪاري بہ نہ هجي، پر ڏيڻ جو نالو بہ نہ وٺي، تڏهن ائين چوندا آهن.

### سون رتيءَ ڪان رتَ رتي وڌيڪ آهي.

سونَ جا زيور ٺهرائڻ ڪان چوپايو مال وڌيڪ فائدو ڏيندڙ آهي، ان ڪري تہ مال پٽاري پرواڌ ويجهہ ٿئي ٿي. ملڪيت ۽ شاهوڪاريءَ ڪان صحت وڌيڪ آهي.

مثال: ”مالُ پٽارو اڪين جو تارو“ (رٺي آهي......64)

### سِولِ آهي ڪِولِ.

ملڪ جو عدالتي نظام جنهن مان انصاف ملڻ خواب ٿيڻجي ويو آهي، عدالتن ۾ سالن ڪان پيل ڪيسن جو اُڪلاءُ نٿو ٿئي.

هيءَ ننڍڙو پهاڪو ان عدالتي نظام ڪان مايوس ماڻهن جو مشاهداتي ردعمل آهي.

### سُوڪهڙي ڪان، ٻوڏهڙو چڱو.

سوڪهڙو= پاڻيءَ جي اڻاٺ. فصلن لاءِ پاڻيءَ جي اڻهوند.

ٻوڏهڙو = گُهرج ڪان وڌيڪ پاڻي.

ٿر، ڪاڇي، ڪڇي ۽ ٻئراجي علائقن جي پُڇڙين ۾ پاڻيءَ جي اڻهوندا ڪان ٻوڏ واريون حالتون، چڱيون آهن.

مثال: ”سُڪَ تور ڪان، ٻُڏَ تور چڱي.“ (پهاڪن جي حڪمت 83)

”وهندي پيرَ ٻوڙ بہ چڱي، بيٺل تارِ بہ نہ چڱي.“ (گل شڪر 244)

### سَٽائي مينهن جي ڪَٽِي ڪٽي سونُ.

اهو مينهن جيڪو فصلن جي گهرج واري مُند ۾ وسي، ان جي بُوند، بُوندَ لاپائتي هوندي آهي.

مثال: جي وسي چيٽُ، تہ اُنَ نہ ماپي ڪيٽ.“ (سنڌي پهاڪا 107).

### سَٽيي مُنهن تي مڪيون مِڙن.

هُوندَ ۾ هلندي پڄنديءَ واري ماڻهوءَ وٽ، گُهرجائو ماڻهن جا ڳاهٽ هوندا آهن.

### سُهاڳڻ اُها جا وَرَ ۾ گهرُ نہ ڇڏي.

سهاڳڻ عورت جيڪا ڏکئي سُکئي حال ۾ ورَ ۽ گهر سان ساٿُ نڀائي اها سُلڇڻي ۽ وفا شعار زال سڏجي ٿي.

مثال: ” نُنهن اُها، جا پيڪا بہ ملهائي، تہ ساهرا بہ.“ (اترادي پهاڪا... 63)

”نُنهن آهي، ٻن گهرن جو ڏيئو. پيڪا بہ ٺاري تہ ساهرا بہ ٺاري“ (سنڌي پهاڪا 110)

### سَهي چيو ماءُ کي، ”امان، ٻوڙا!“ چي، ”ابا، پاڻ اڳيئي ٻوڙ.“

اهڙي خواهش نہ ڪجي جيڪا پوري ٿيڻ جهڙي نہ هجي.

مثال: ”اتي جو ڏيئو اندر ڪائين ڪوئا، ٻاهر ڪائين ڪانگہ“ (پهاڪن جي حڪمت 64)

مثال: شير و ٻلو شاهه جو نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو. (سنڌي پهاڪا 45)

### شينهن پوڙهو تہ بہ گاهہ نہ کائي.

شينهن پوڙهو ٿيندو آهي، تہ ڏند ڳسي ويندا اٿس نہ شڪار ڪري سگهندو آهي نہ ئي گوشت کائي سگهندو آهي. پوءِ بہ گاهہ نہ کائيندو آهي.

ڏسو: "مرسان مرسان..."

مثال: شينهن بُکَ مري، تہ بہ ڏَڀَ نہ چري. (اترادي پهاڪا 97)

### شراع ظاهر تي آهي.

شريعت جو قانونُ ظاهري معاملن تي لاڳو ٿيندو آهي.

### شرمَ ويو شڪارپور لمَ وئي لاڙڪاڻي.

ٽڪ ٽيرجو ۽ بي لڄو ماڻهو جنهن وٽ شرم نالي ڪا شيءِ نہ هجي.

مثال: "بي حيائي، تہ بادشاهي" (پهاڪن جي حڪمت 67)

### شرم ڪونهي پيو سيڪجهہ آهي.

ڏسو: مٿيون پهاڪو

مثال: شرمُ وڏي شئي ٿاتار جنهن کي ڏئي (ماجر... 182)

### شل ماڻهوءَ کان مَهلَ نہ ڇڏائجي.

ڪڏهن ڪڏهن، ماڻهوءَ نہ چاهيندي بہ مهل ڇڏائجي ويندي آهي، هُوندي سُوندي بہ ڏکيءَ مهل ۾ ڪنهن کي ڪم نہ اچي سگهندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي ڪئي تي هٿ هڻندو آهي ۽ شرمسار ٿيندو آهي.

### شلَ نہ ڪارو مٿو ڪنهن جي پويان پوي.

نوجوان ۽ نئين نندي عورت پنهنجي ڳالهہ تي اچي ٿي تہ دليريءَ سان پيار ۾ ڳهٽو اڳتي نڪري ٿي وڃي ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نٿي ڪري.

### شلَ نہ ڪنهن ۾ ڪمُ پوي.

ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ ۾ ڪم ضرور پوي ٿو پر ڪنهن کي ڪم چوڻ کان پوءِ اڳلي مان اُها موٽ نہ ملي تہ ماڻهوءَ جي خودداريءَ کي ڇيهو رسي ٿو. ان ڪري چوندا آهن، تہ ڪنهن ۾ ڪم نہ پوي، تہ چڱو.

مثال: "شل نہ ڪنهن ڪميڻي ۾ ڪمُ پوي" (رني آهي.. 86)

### شلَ نہ هَلنديءَ کي وَرُ پوي.

هلندي = پهچ، طاقت، رسائي، پُڄت

وَرُ پوڻ = وَڪَڙُ پوڻ، بگاڙ پوڻ، روڪ يا رنڊڪ پوڻ.

هلندي پُڄنديءِ حيثيت ۾ شل روڪ يا رنڊڪ نہ پوي

### شهر سرهاري پائي لُنڊي، شاهُ واهُ، ڪراچي آگوني دا مٿاهُ.

سرهاريءَ پرسان لُنڊي شهر جو وڏي چمار جو ماڻهو ڪراچي گهمڻ ويو پر ڪيس مزو نہ آيو. واپس موٽڻ تي ڪنهن پڇيس، تہ ائين تبصرو ڪيائين.

### شڪارُ آهي بيڪار، لڳي تہ عيدنہ تہ هَلبو هوا تي.

شڪاري چوڻي آهي. شڪارُ هوائي روزي ۽ ڀاڳ تي آهي. لڳي تہ لڳي نہ لڳي تہ سڄو ڏينهن سيڙائڻ ڪان پوءِ بہ هٿين خالي موٽڻو ٿو پوي.

### شڪورَ جي واري جو.

وڏي عمر ۽ سُٺي ڪِهيءَ واري ماڻهوءَ لاءِ ائين چوندا آهن.

### شئي پنهنجي قابو ڪجي، ڏوهہُ ٻئي کي نہ ڏجي.

پنهنجي شئي جي پاڻ حفاظت ۽ خيال ڪجي. وڃائجي وڃي تہ پاڻ تي ڏوهہ ڏجي، ٻئي کي اُن جو ذميوار نہ ڪجي.

## ص

### صافو رکيو آڪلهي تي، صافو ڙي صافو.

صافو= صفائيءَ جو ڪپڙو. ململ جو ڪپڙو جيڪو ديگ پچڻ کان پوءِ ديگ جي منهن تي رکي مٿان ڍڪَ ڏئي دمَ تي رکندا آهن.

چيهہ جو ويسارو ۽ غائب دماغ ماڻهو جيڪو شئي اکين آڏو هوندي بہ ڳوليندو پيو آهي.

**صبرَ جو ڀاڱو مِٺو.**
ڀاڱو = وَنڊِ، حصو.
صبر ڪرڻ وارن کي صبر جو سُٺو ڦل ملي ٿو.
مثال: ”صبران جو ملي، سو تڪڙان نہ ملي.“ (ماجر... 167)
”صَبر جا سورهن، تڪڙ جا تيرهن.“ (موزون... 95)

**صبح جا سائين، ٻيڙا ٻَني لائين.**
ڏسو ”مولا! ڪر ڪرم.....“
مثال: ”صبح جي تاري نہ ڏينديءِ ٻُڪ، نہ بيماري.“ (ننڍڙي روپ.... 69)

**صُبح سکر شامَ ڪراچي.**
گُهمندڙ ڦرندڙ سيلاني ماڻهو.
مثال: رهي راهوجين، ٻهي باهوجين، ڪُتي ڪوريجن جي“ (گل شڪر 129)

**صبحَ وئي، شامَ آئي.**
**اَدي، مون ڪا دير لائي؟**
پنهنجي غلط ڳالهہ کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏيڻ ۽ اُن تي اڙجي وڃڻ.

**صفائي اَڌُ ايمانُ آهي.**
صفائي ايمان جو جُز آهي، صفائي سُٿرائيءَ سان نہ رڳو صحت پر ماحول بہ صافُ ۽ سٺو ٿو رهي.

**صلاحَ ٻُنڊَ کان بہ وٺجي.**
ٻُنڊُ= وڻ جو شڪل ڪاٺ. هر معاملي ۾ صلاح وٺڻ ضروري آهي، ڪو ماڻهو نہ ملي تہ ڪنهن بي جان شئي سان خود ڪلامي ڪري، ان معاملي جي مثبت ۽ منفي پاسن تي دليل ڏئي پاڻ کان صلاح وٺجي.
مثال: ”پئنچن ۾ پرميشور.“ (پهاڪن جي پاڙ 156)

**صَلاحَ ٻوڙي کان بہ وٺجي.**
ڏسو مٿيون پهاڪو.
مثال: ”صلاحين شينهن ٻُجهن، ڪم ڪُرهين نہ ٿئي.“ (گل شڪر 156)

# ض

**ضامِنُ ڀاءُ جو بہ نہ پئجي.**
ڪنهن جي ڏيتي ليتي يا ٻئي معاملي ۾ ضامن پوڻ نہ گهرجي، پوءِ اهو سڳو ڀاءُ چو نہ هجي.
مثال: ”ڪُشئي نہ ڪمانُ پڙئي نہ ضمان.“ (گلقند 103)

**ضرورتَ ايجادَ جي ماءُ آهي.**
هر ايجاد جي پنيان انساني زندگيءَ جي ضروريات آهي، اُن ڪري تہ جڏهن ماڻهوءَ کي ڪنهن شئي جي ضرورت پئي آهي، تہ اُن ضرورت جي پورائي لاءِ ڪا نہ ڪا ايجاد ڪئي آهي.

**ضرورُ ڪمُ شيطانَ جو.**
هر ڪمُ پنهنجي مُداوَ تي ٿيندو آهي ۽ ڪو ڪم ٿيندو آهي تہ ڪو ڪم نہ بہ ٿيندو آهي، ان ڪري انسان کي تڪبر واري وائي نہ وارڻ گهرجي.

# ط ظ

**طلبهَ تہ مِلَهَ.**
هن پهاڪي ۾ عربي ۽ سنڌي لفظن جو ميلاپ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان ڪيل آهي. طلب ۽ سِڪ سچي آهي تہ ميلاپ ضرور ٿيندو.

**ظلمُ قائم آهي ظالم قائم نہ آهي.**
خيرُ ۽ شرُ تہ رهندي دنيا تائين قائم رهڻا آهن. جتي چڱائي ۽ سُٺائي هوندي اُتي ظلم ۽ استحصال بہ هوندو. اهو جاري رهندو پر ظلم ڪرڻ وارو فاني آهي ان کي نيث فنا ٿيڻو آهي.

# ع

**عادتَ عُضوو آهي.**
عادتَ، جڏهن ماڻهوءَ جي مجبوري بڻجي ٿي وڃي، تڏهن اُها جسم جو عضوو بڻجي ويندي آهي.
مثال: ”عِلت وڃي، عادتَ نہ وڃي.“ (گل شڪر 158)

**عادتَ مَتِي نہ عادتي، عِلت مُور نہ جاءِ،**
**اُٺ پوي ڪَٽڪ ۾ تہ بہ ڪَندا ڄڻ ڄڻ ڪاءِ.**

عِلتَ= بيماري، مرضُ
ڏسو مٿيون پهاڪو.
مثال: "فقيرياڻي ٿي راڻي، ڇي، "جالا ڏيوٽا، مين ڪاوٽا." (موزون... 84)

**عيبن کان آجو، هِڪُ الله.**

انسانَ سميت هر تخليق ۾ ڪو نہ ڪو عيبُ يا نقص ضرور هوندو پر خدا جي ذات هر عيب کان آجي ۽ پاڪ آهي.
مثال: "انسانُ تہ نيسانُ" (گلقند 23)

**عيال دار، نہ مالدارُ.**

وڏي آڪهہ وارو ماڻهو پنهنجي محدود آمدنيءَ مان ڪڏهن بہ مالدار نہ ٿي سگهندو.
مثال: "پاليتوُ نہ مائيتُو." (پهاڪن جي حڪمت)
"پيٽُ نہ هجي، تہ سونيون پٽيون اڏجن" (گلقند 60)

**عيدَ کان پوءِ، ڪپڙا ڇا ڪندا؟**

گُهرج واري ڏکيءَ مهل ۾ ڪو ڪم نہ اچي تہ پوءِ ڪهڙي ڪم جو؟
مثال: "مُئي کان پوءِ، سِڄُ اُڀري، نہ اُڀري" (پهاڪن جي حڪمت 95)

**عيسيٰ، مُوسيٰ، بڙا پير پئسا،**
**خير محمد خوشامدان جي ڪري، جنهن جا پُر ڪيسا.**

پئسو مرش، پيرَ کان بہ وڏو پيرُ آهي، جيترو مانُ پئسي کي ٿو ملي، اوترو پير کي بہ نٿو ملي.
مثال: عيسا نہ مُوسا، وڏا پيرُ پئسا." (گل شڪر 96)

**عُمر ويهہ پولڙي جي، چاليهہ ڏاند جي.**
**سٺ ڪُتي جي، اسي ڇٻ جي.**

جانورن ۽ پکين جي عمر کي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي حصن سان پيٽ ڏني وئي آهي، ويهن ورهين تائين جي زندگي پولڙي وانگر موج مستيءَ واري آهي. چاليهن سالن تائين ماڻهو ڍڳي جيان ٻچن لاءِ ڳيهي ٿو. وهيءَ موٽ کاڌي تہ سٺ واري عمر ۾ ڪُتي جيان رڳو پيو گهر ۾ مٿو هڻندو ۽ اسيءَ واري وهيءَ کي رسيو تہ ڇٻَ وانگر هڪ هنڌ اٽڻ ويهڻ کان لاچار ٿي وينو اکيون ٽنيندو.
مثال: "آسي مَتِ کسي." (پهاڪن جي حڪمت 64)

**علاجَ کان ڪري چڱي آهي.**

ڪري- رَک، پرهيز
بيماريءَ جي پاڙ تہ علاج سان پٽبي آهي، پر بيماريءَ کان اڳ احتياط ۽ بيماريءَ کان پوءِ رک يا پرهيز نہ ڪبي تہ بيماري وڌندي ۽ علاج اثر نہ ڪندو.
ڏسو: "اڌ حڪيم...."

**علاجُ سُنتَ آهي.**

بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ سُنت نبوي آهي.

**علي، علي خانُ ۾ قمبر منجهہ قهرُ،**
**هجئي ناٿو، تہ گهم لاڙڪاڻو،**
**نہ تہ ڪري پئہ گنهڙ شهر ۾.**

قنبر علي خان ۽ گنهڙ اڳ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ۽ هينئر قمبر-شهدادڪوٽ ضلعي ۾ آهن.
مثال: "جي هجئي ناٿو تہ گهم لاڙڪاڻو نہ تہ وَتُ ويڳاٿو." (سنڌي پهاڪا 146).

**عَلي سخي آ، پر بُندي بہ ڳري آ.**

هٿن پيرن جي پورهئي کان سواءِ ڪا بہ ڪرامت ۽ دُعا گهر ويٺي وات ۾ گرهہ ڪا نہ وجهندي آهي ڪنهن اُٺ کي پيرن ۾ ڏاوڻ وجهي الله جي آسري ڇڏبو تہ ٽيڙ کائي مرندو.
ڏسو: "الله جي جوڙ آ....."
مثال: "پاڻهي ايندم هوت، پر آءٌ بہ ڪجهہ اڳيري ٽيان." (شاهہ)

**عِلمُ بادشاهہ آهي.**

علم انسان جي ٽين اک ۽ اهڙي بادشاهي آهي جنهن کي ڪڏهن بہ زوال نٿو اچي.

**عِلمَ جي دولت ڪي ڪو بہ چورُ چورائي نٿو سگهي.**

علم اهڙي ڏراوت آهي، جنهن کي جيترو خرچ ڪبو اوترو ئي وڌندي. ڪو بہ چور، ڏاڙيل يا ڦورو ڦُري يا چورائي نٿو سگهي.
مثال: "عِلمُ جيترو کَپاءِ، اوترو وَڌي" (اترادي پهاڪا 53)

**ڦُودنو ڦُودنو جوڙ سان، پيٽ جو سور ڪو نہ لهندو.**
ڏسو پهاڪو "پاڻي پاڻي چوڻ....."

**ڦوس تي لپو.**
لپو = ڪوڙر سان ڪنيل مٽيءَ جيڪا گهاري جي سوراخ ڪي يا آڏ جي مُنڍي کي بند ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبي آهي.
پاڻ ڏاڍي يا وڏي جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن جي ٻولتي بند ٿيڻ.

**ڦوس مان فتح خان.**
ڏسو پهاڪو "ٿُومَ مان....."

## ق

**قاضي ۽ ڪَير جي ڪا ذات نہ آهي.**
قاضي ذات نہ آهي پر لقبُ آهي جيڪو علميت جي ڪري حاصل ٿئي ٿو. ائين ڪير بہ ذات نہ آهي پر پنهنجي ڏنڌي ۽ ڪِرت جي ڪري ڪير سڏجي ٿو.

**قاضيءَ ڪان ڪَتي اچجي، تہ بہ الله ڪان ڊڄجي.**
قاضيءَ جي عدالت مان فيصلو ڪٿي اچجي تہ ان تي فخر يا وڏاءُ نہ ڪجي، پر الله ڪان ڊڄجي.

**قاضيءَ جي هڪ رعايت، سئو شاهدين برابر.**
فيصلي ڪرڻ واري قاضي يا جج جو ٿورڙو رياءُ بہ انصاف جو بيڙو ٻوڙي ڪنهن جو حَقُ کسي وٺي ٿو.

**قائدي ۾ فائدو آهي.**
جيڪو ماڻهو زندگيءَ جي اصولن نيمن ۽ قاعدن تي هلي ٿو، اهو ئي ڪاميابيون ماڻي ٿو.

**قبرَ جي مِٽي، قبر تائين.**
ڏسو "مُٽي جي مِٽي..."
مثال: "ڪُوهہ جي مِٽي، ڪُوهہ تائين." (پهاڪن جي حڪمت 90)

**قبرَ ۾ پيرَ لڙڪايو ويٺو آهي.**
وڏي ڄمار جو ماڻهو.

**قبضي مِڙني بيمارين جي ماءُ.**
قبضي اهڙي بيماري آهي، جيڪا ٻين بيمارين جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

**قيامت جا ڏَڏا تہ ڪو نہ ويڙهيندين؟**
ڪو قبر ڪنڌيءَ کي پهتل وڏي ڄمار جو ماڻهو اونڌي اُبتي حرڪت ڪري تہ ان کي ائين چوندا آهن.

**قرضُ، مرضُ ۽ فَرضُ، ڪڏهن ڪين وسارجن.**
قرض ۽ مرضُ ڪي ڇڏي ڏبو تہ وڏي وڻ تي ويندو ۽ ماڻهو گهٽي ۾ پئجي ويندو ائين الله ۽ الله جي بندن جا جيڪي فرض آهن اهي بہ ادا ڪرڻ گهرجن.
مثال: قرض، ڪوڙهہ جو تڪو آهي. (گل شڪر 159)
"قرض ڏاران لوڻ پاڻي بہ چڱا آهن." (ننيڙي روپ...19)

**قَلمُ تلوار کان تکو آهي.**
قلمُ قانونءَ جو درجو رکي ٿو تلوار جو وارُ گُسي بہ سگهي ٿو پر قلم مان نڪتل فيصلو اڻ ٽر آهي.

**قَلمُ گونگي جي زبان آهي.**
جيڪو ماڻهو اظهار جي جرئت ۽ ڳالهائڻ جو سَتُ نٿو ساري سگهي، اهو قلم وسيلي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي ٿو.

**قَلمُ ڪُلها ٿو ڀڃي.**
پورهيو سپ ڏکيو آهي پر ذهني ۽ قلمي پورهيو ڪرڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ ٿئي ٿو.

**قلندرَ تنهنجا سونا دَرَ.**
سنڌ جي بزرگ عثمان مروندي (لال شهباز قلندر) جي درگاهہ جا دروازا سونَ جا ٺهيل آهن.

**قَسمُ نہ ڏيندي چڱو نہ وٺندي چڱو.**
دنياوي تڪ مسئلن ۽ معاملن جي نبيري لاءِ ڪنهن کان قرآن شريف تي هٿ رکي قسم وٺڻ يا ڏيڻ چڱو ڪونهي.

**قصو واهہ ڳُروءَ کان چڙهيل آهي.**

بحث مُباحثي ۾ ڳالهين سان مسئلو نبرڻ کان ڳرو ٿي وڃڻ.

ڏسو: "ڳالهہ چرچي کان...."

**قضا پُڇي ڪا نہ ٿي اچي.**

ڪا بہ مصيبت تڪليف يا ڏکي مهل پڇي ڪا نہ ايندي آهي، پر اوچتو اچي ڪڙڪندي آهي.

**قَضا سان ڪُتي اٺو ڪائي وئي.**

ڪنهن نڪمي نِڪتوءِ ٿوڻي ماڻهوءَ کان ڪو اتفاقي چڱو ڪم ٿي وڃي تہ ايئن چوندا آهن.

## ڪ

**ڪاٺَ پرائي ڳُٺيءَ ۾، ڪپهہ کان بہ ڪُنئورو.**

ڪُنئورو = نَرمُ.

ٻين جي ڪلهن تي بندوق رکي هلائڻ وارو ماڻهو جيڪو پنهنجي مفاد لاءِ ٻئي جي تڪليف جي پرواهہ نہ ڪندو آهي.

مثال: پرائي ٻُودن ڪاٺ، ڪپهہ کان بہ ڪنئورو." (گلقند 53)

**ڪاني پاڻي، پاڻ وَهيٽو رزقُ آ رحماني.**

پاڻَ وهيٽو = پنهنجي هَٿ وَسِ، سولائيءَ سان مُيسر.

ٻهراڙين ۾ پاڻ لاءِ ڪاٺيون ۽ پيٽ جي ضرورت لاءِ پاڻي تہ بنا پئسي ۽ سولائيءَ سان ملي ٿو پر رزق ۽ روزي الله جي هٿ وَس آهي، ان لاءِ هٿ پير هڻڻا ٿا پون.

**ڪانيءَ ۾ بہ، ڪمُ پئجي ٿو وڃي.**

معمولي غير اهم ۽ عام شئي ۾ بہ ماڻهوءَ جو ڪيڏي مهل بہ ڪم پئجي ٿو وڃي.

**ڪاٺَ جو ڪُنو، چُلهہ تي نہ چڙهي.**

ڪُوڙَ ۽ دغا جي پاڙَ نہ آهي. ڪوڙُ جَٽاءَ نٿو ڪري.

مثال: "ڪاٺَ جي ڪُني، باهہ تي هڪ دفعو چڙهي." (اترادي پهاڪا 83)

**ڪاغرَ پڇي ڪلمي کان، ساڳيو ڪلمو مُنهن ۾.**

جيڪو ماڻهو جنهن ڳالهہ کان ٽهندو ۽ پڇندو آهي، اُن کي اُهائي ڳالهہ مُنهن ۾ ايندي آهي.

مثال: گهوڙو پڇي توبري کان، ساڳيو توبرو مُنهن." (ماجر....172)

**ڪاغذَ جي ٻيڙي، جلد ٻُڏي.**

ڪوڙَ جو تڪسالُ جَٽاءَ نٿو ڪري.

**ڪارِ آهي پائيوار.**

ڏيتي ليتي ۽ وهنوار ۾ سِڌي ۽ سُٺي ساک رکندڙ ڪارپت واري ماڻهوءَ کي اوکيءَ مهل ۾ هر ڪو اوڌر ڏيندو.

مثال: "لک پتي ڪُتي، پَتِ پتي نہ ڪُتي." (اترادي پهاڪا 86)

**ڪارِ پَت کي ڊِنگهرُ.**

ڪو ماڻهو ڏيتي ليتيءَ ۾ پَتِ ۽ اعتبار وڃائي ٿو ويهي، تہ ان کي ڏکئي وقت ڪو بہ اُڌارو ڏيڻ کان ڪُتو جواب ڏيندو.

**ڪاري ڏانڊَ جا ڏٽي رسي ويا.**

ڏسو: "شيخن لاءِ پَتَ....."

**ڪاريهرَ جي ٻرَ ۾، جيڪو وجهي ٻانهہَ، جي نہ ڪرائي داتَهہ تہ ڪاريهر ڪيئن سڏجي.**

ڪاريهر = اصيل نانگ ڪوبرا جو قسم.

جيڪو ڄاڻي واڻي جوکم واري ڪم ۾ هٿُ وجهي تہ اهو پڪ سان جوکي ۾ پئجي ٿو وڃي.

مثال: "ڪاريهر جي ٻر مٿان، جيڪو لنگهائي لنگهہ جي نہ ڳڙڪائي جنگهہَ تہ ڪاريهر ڪيئن سڏجي." (اترادي پهاڪا 55)

**ڪارڙو ڪَمارڙو، اَنَ پاڻي ڏي تہ مينهن وسي.**

ڪارڙو ڪمارڙو جي رسم قديم آهي، اڳ جڏهن منداٽتا مينهن نہ وسندا هئا تہ ڳوٺ جا ٻارڙا گڏ ٿي، هڪ ڇوڪر کي، جنهن جي پيءُ نہ هجي، اڳواڻ ڪري ڳوٺ جي گهر گهر وڃي، اها سُئن هٽي پنج

ڪٽي (پنجن قسمن جو اناج، ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري، چانور وغيره) پنندا هئا ۽ پوءِ مليل اناج جو ديڳڙو لاهي کائيندا هئا. چون ٿا تہ ان سوڻ ڪرڻ سان مينهن وسندو هو.

**ڪارو ربّ کي پيارو.**

ڪو ماڻهو رنگ جو ڪارو هجي، پر ان جا لڇڻ چڱا هجن. ان کان دنيا وارا ڀلي ٻڇان ڪن، پر ربُ اُن تي راضي هوندو آهي.

**ڪارو ڪُنو، نڪام ٻُنو.**

ڪارو ڪُنو خوار بدنام نادار غريب، ڪنل حال.
غريبي حال ۾ وهاڻ جو لڪُ لنگهائڻ، چئن ڪپڙن ۾ نياڻي ويڙهي ڏيڻ.
گلا جو ٽڪو لڳڻ جي ڊپ کان تڙ تڪڙ ۾ نڪاح وجهي ڏيڻ.

**ڪا مَهلَ نہ ڪنهن جهڙي.**

وقت سدائين هڪجهڙو نٿو رهي ان ڪري اوکيءَ مهل لاءِ پئسو تاري رکڻ چڱو آهي. ڏکي وقت ۾ ان تي هٿ ٽُپندا ۽ هٿ تنگڻ جي محتاجيءَ کان بچي سگهبو.

**ڪامورو کُتي جَتُ ڦَتي، واپاري کُتي هَتُ ڦَتي، ڊاڪٽر کُتي ڦتُ ڦَتي.**

کُتل ڪامورو سادن ۾ ابوجهہ ماڻهن کي ڦريندو واپاري کتندو تہ دڪان جو مورُ کائيندو ۽ نڙڪو ڊاڪٽر کتندو تہ مريض جي مرض کي ويتر وڌائيندو.

**ڪانگ جو ٻچو ڪانگ ٿيندو، نانگ جو ٻچو نانگ.**

انسان هجي يا جانور ڀلي پکڻ هجي يا جيت جٽيو شڪل شبيهہ کان وٺي عادتن ۾ پنهنجي ٻڻ تي ويندو.
مثال: "جهڙا ڪانءَ، تهڙا ٻچا." (ڀهاڪن جي حڪمت 92)

**ڪانءَ کان ٻياني تِکي.**

ڪاني = پٺ، پاراتو بددُعا.
ٻياني = ٻن شاخن واري ڪاني، جنهن جو هڪ سرو (V) جهڙو هوندو آهي. ڳاهہ ڳاهڻ وقت ان سان ول کي اُٿلائيندا آهن يا لوڙهو ڏيڻ لاءِ ڊنگهر ڪٽندا آهن. ان کي ٻسانگي بہ چوندا آهن.

هڪ پيرُ مريدن ۾ ويو ۽ ڏن ۾ هڪ مريد جو ڏاند زوري چوڙڻ لڳو تہ مُريد ٻياني کڻي پنيان لڳي پيس مرشد ڏاند مان هٿ ڪڍي ڀڄڻ لڳو خليفي مرشد جي پٺيان ڊوڙندي چيو "قبلا! ڪاني هٽينس، ان تي پير ڀڄندي اها ورندي ڏنئس.
مثال: "جيسين ڪاني اثر ڪري، تيسين ٻياني سِرُ ٺئي." (موزون... 58)

**ڪانءَ جي اندران، مرض پيو سُجاڻي.**

ڪو ماڻهو ٻڌ سُڌ تي اڻ ڏٺل ۽ اڻ تصديق ٿيل ڳالهہ ڪري ۽ ان جي سچ هئڻ تي اڙجي وڃي تہ ان موقعي تي چوندا آهن.
مثال: سِلي کان اڳُ، سنگ پيو ڳُڻي." (گلقند 14)

**ڪانءَ جي اک پٽي نڪري.**

اونهاري ۾ منجهند جو سخت گرميءَ واري ڪاڙهي ۾ ماڻهو تہ ماڻهو پر پکي پکڻ بہ پريشان هوندا آهن. جنهن لاءِ هي چوڻي مشهور آهي.

**ڪالهہ جا حاڪم، اڄ جا پڙوا.**

ڏن دولت ۽ حيثيت وارو ماڻهو عياشين ۾ دولت لُٽائي سُڃو ٿيندو آهي تہ پوءِ پنندو آهي يا ڪِنو ڪم ڪندو آهي.
ڏسو: "چور، موت کائي...."

**ڪاوڙيو آهي، پرچائڻ لاءِ.**

رُسڻُ پيار ۽ پنهنجائپ جي نشاني آهي، ڏاڙئي ۽ اوپري ماڻهوءَ سان رسڻ ۽ ڪاوڙجڻ ڪهڙو.
ڏسو: "روئجي تن لاءِ...."

**ڪاوڙ جهيڙي جي جَڙ آهي.**

جهيڙي جو اصل ۽ وڏو ڪارڻ ڪاوڙ ۾ پرجڻ آهي ڪاوڙ ۾ پرجڻ وارو ماڻهو آپي مان نڪري ويندو آهي.
مثال: "ڪاوڙ ماري، جُهڳا ساڙي" (گل ڦل: 242)

**ڪاٽي کي ڪاٽو نہ چئجي.**

عيب واري ماڻهوءَ جي سندس منهن تي ان جو نہ ڪولجي ان سان دل آزاري ٿئي ٿي.

**ڪڏهن مَڙهيَ ۾، مقامَ مان موٽيا آهن؟**

آڻ ٽيٽي ڳالهہ مرڻ کان پوءِ مُردو قبر مان ٻاهر نڪري اچي اهو ممڪن ڪونهي.
مثال:"ڪڏهن ڪانہ وئي ڪا موٽ ڳولهڻ هَٽ تي "(شاهہ)

**ڪڏهن لاهيءَ کي سلامُ، ڪڏهن چاڙهيءَ کي سلامُ.**

ڪڏهن هيٺاهين ۾ نوڙت تي ڪم اچي تہ ڪڏهن ڏکو سکو ڪم ٿو اچي.
مثال: "لاهين پنيان چاڙهيون، چاڙهين پنيان لاهيون." (گلقند 92)

**ڪڏهن ڪڏهن غريبت بہ ڪم اچي ٿي وڃي.**

غريب کي غُربت جا سُور هجن تہ هجن پر بدامنيءَ جو ڊپُ نہ هوندو ڌاڙيلن جي اوج واري دور ۾ جڏهن پئسي وارن جا ساهہ مٺين ۾ ۽ ننڊون حرام هيون. اُتي غريب سُکون جي ننڊ سمهندا هئا.
ڏسو: "ملڪ چمن....."

**ڪَيرَ کي بہ عزتَ مِٺي آهي.**

ڪِنو ڪمُ ڪرڻ وارو ماڻهو بہ بي عزتو ٿيڻ کان لنوائي ٿو.

**ڪَيرَ کي بہ مُنهن تي ڪير نہ چئجي.**

ڪنهن جي عيبَ جي ڄاڻ هوندي بہ ان جو عيب اُکهاڙي دل آزاري نہ ڪجي.
ڏسو: "ڪاڻي کي ڪاڻو....."

**ڪَچا ڀَتي وٽيس تہ پڪا ڀَتي، مالڪ جي مرضي.**

موٽُ ننڍي وڏي تي آهي ئي ڪو نہ مالڪ جي اختيار ۾ آهي تہ نوان ننڍا ۽ ٻار ماري يا وڏي ڄمار وارا.
مثال: ڪَٽن وڃي ماٽيون ماٽين وڃي ڪَٽ "(گلقند 120)

**ڪَچا ٿو ڀَتي، نوڙيون ٿو وَٽي.**

نِڪمو ۽ بي همت ماڻهو ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ جي لباڙهٽي تہ ٽوڪ مان ائين چوندا آهن.

**ڪُچر نہ مرن ها، تہ ڏاسَ جو ڪَالُ ئي نہ پوي ها.**

ڏاسَ = اُنَ، رڍن جا وارَ
ڏسو مٿين چوڻي.

**ڪُڇن کُتي بہ ڪا مَيت هَلڪي ٿئي.**

کُتي = ڪوهڻ يا پٽڻ سان.
ڪنهن ماڻهوءَ جي مٽي تي مڻ وزن هجي ان مان اڌ پاءُ جيترو بار گهٽ ڪجي يا ڪنهن کي لک رپيا ڏيڻا هجن ۽ ان کي ڏهہ روپيا گهٽ ڏجن تہ ڪهڙو فرق ٿو پوي.

**ڪچو ٻڏي تہ سچو، نہ تہ آهي ڏچو.**

ڪڇي جي زرخيزي ۽ فطري سونهن آهي ئي ٻوڏ تي، ڪچو ٻڏي ٿو تہ نہ رڳو زمينون آباد ٿين ٿيون پر گاهہ بہ لٿن ٿا ۽ مال جو چارو جام ٿئي ٿو پر ٻوڏ نٿي ٿئي تہ ڪچو آزار بڻجي ٿو پوي.

**ڪچهريون قائم بادشاهي برقرار.**

درٻاري ۽ غلاماڻي سوچ جو عڪس ڪنهن وڏي سگهاري ۽ بااثر ماڻهوءَ اڳيان نوڙت مان ائين کيڪاريندا آهن.

**ڪَڇن کَنئي، ڦَڙَ پيا ڏِسجن.**

غريبي حال ۽ اٿهوندَ ڪري ڪمزور جسم ۽ هيٺا حال.

**ڪَچَ واريءَ ڪان، پيٽ واري تڪڙي.**

گُهرج واري ڪان، اڻ گهرجائو گهڻي تڪڙ ڏيکاري تہ ائين چوندا آهن.
مثال: "گهوٽ ماءُ ڪان، انهير ماءُ تڪڙي" (گل شڪر 203)

**ڪُراڙو اُٺَ ڏهہ ڪنواٽَ لهي.**

تجربيڪار ۽ مشاهدي وارو ماڻهو ڏهن جڙن ۽ نون ننڍن سيکڙاٽن کان وڌيڪ هوندو آهي.
مثال: "پوڙهو اُٺ، ٻہ ڪنواٽَ لهي." (پهاڪن جي حڪمت 71)

**ڪَرِ پورهيو کاءُ پوريو.**

هٿن ۽ پيرن جي هُنر ۽ همت سان محنت ڪري ڪمائجي ۽ پوءِ سُنو ڪاڏو کائجي ۽ خوش زندگي گذارجي.
ڏسو: "دهي وهاءِ..."

**ڪرِ پلو، تہ ٿيئي پلو.**

ٻين سان ڀلائي ڪبي ۽ ٻين لاءِ سٺي سوچ رکبي تہ ان جي موٽ بہ سٺي ملندي

**ڪَرَ ڪڻُ تہ ڪارائيءَ ۾ سُورَ.**

ويتي ڪانڊ وارن جا هڏ ۽ سنڌ نڪما ٿي ويندا آهن. ڪم نہ ڪرڻ وارا ماڻهو جن کي کاڌي خوراڪ لاءِ محنت نہ ڪرڻي پوي انهن لاءِ ائين چوندا آهن.

**ڪري ڪري جنهن نہ ڪئي، تنهن بہ نہ ڪئي.**

پاڻ پٽي جي بيماريءَ ۾ ورتل سماج جي نفسيات اها ٻڌجندي پئي وڃي تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏهہ پيرا ڏکيءَ مهل ۾ ڪم اچجي پر هڪ پيرو واهر ڪان کُسي وڃي تہ جڻ اڳيان وڙ بہ ٻڏي تا وڃن. ڪئي ڪمائي چٽ اڳلوا اڳيون ڳالهيون وساري ٿو ڇڏي.

**ڪرن ماوان، لوڙن ڏيوان.**

ڇيڳرين ۽ جهيڙيڪار مائرن جون ڌيئرون ڏڃي ۾ پنجي ويندين آهن. اُهي مائرن جو ڪيتو لوڙين ٿيون.
مثال: "ڪري ٿاڙهيءَ واري پري مُڃن وارو." (ماتيلي...108)

**ڪُماريا، ڪنهن نہ ماريا.**

ڪماريا = ابڙن جو پاڙو.
اُتر سنڌ ۾ ڪماريا (ابڙا) رهن ٿا. ڏنگا، ويڙهاڪ ۽ المورت هئڻ ڪري انهن لاءِ هيءَ چوڻي مشهور آهي.

**ڪمان مان نڪتل تيرُ ۽ وات مان نڪتل ويڻ، موٽي نہ اچي.**

جيئن ڪمان مان نڪتل تيرُ موٽي ڪمان ۾ نٿو اچي، تيئن وات مان نڪتل گُٿو لفظ موٽي نٿو اچي، ان ڪري سوچي سمجهي ڳالهائجي.

**ڪمال کي زوالُ آهي.**

انسان سميت هر اُها شئي جنهن کي عُروج آهي، ان کي زوالُ بہ اچڻو آهي.

**ڪمائي بہ شَهرَ، ڪائي بہ شهرَ.**

ٻهراڙيون اناج ۽ پيداوار جا ذريعا آهن. شهر ڪاروباري ۽ واپاري مرڪز آهن. ٻهراڙين جي پيداواري جنسن ۽ مال تي جتي آبادگارن کي مالي فائدو ٿئي ٿو اُتي واپاري ۽ ڪاروباري طبقو وڌيڪ ناڻو ڪمائي ٿو.

**ڪَمائي خانِ خانان، ڪائي ميان فهيم.**

خانِ خانان = مغل فوج جو سپهہ سالار عبدالرحيم خانِ خانان. جنهن (سن 998_ 999هہ - 1590_ 1591ع) ۾ سنڌ تي حملو ڪري سنڌ فتح ڪئي هئي.
ڪمائين هڪڙا کائين ٻيا.
مثال: "مينهان چاري ميهر فقير، کير پي وڃن ڪوبلي." (اترادي پهاڪا 89)

**ڪمائي نہ ڪو ڏي، خرچڻ جي ڪري.**

ڪمائي نہ ڪري پر بنان سوچ ويچار جي، اونڌا اُبتا خرچ ڪري.
مثال: ڪاڻ مهل ڪَرو، ڪم مهلَ ٻَرو." (پهاڪن جي حڪمت 90)

**ڪمائين بودا، کائين ڳوڏا.**

بودا = بي سمجهہ، اڻوجهہ، ڪنوات.
ڳوڏا = ڍڳا، ڏاند، جوڌا، سُورما.
ڏسو: "ڪمائي خانِ خانان....."
مثال: "آڏي ڪاٽ، پڏي توئو وڃ واري کي، لڳو سُوئو." (پهاڪن جي حڪمت 90)

**ڪَمائجي فقير ٿي، کائجي اميرُ ٿي.**

آنا کي ڇڏي ڪمائجي، ڪنهن بہ پورهئي کي عيبُ يا مهڻو نہ سمجهجي، محنت سان ڪمائجي ۽ پوءِ سُٺو کاڌو کائجي.

**ڪمائجي گڏهہ ٿي، کائجي شينهن ٿي.**

گڏهہ جيان سخت پورهئي سان ڪمائجي ۽ شينهن جيان سُٺو کاڌو (گوشت) کائجي.

**ڪمائڻ ڏکيو، کپائڻ سولو.**

پئسو ڪمائڻ سولو ڪم نہ آهي، ڏاڍو ڏکيو آهي، پر پئسي کي خرچ ڪرڻ تمام سولو آهي.
مثال: "اک ڪيڏڻ سولي، وجهڻ آولي." (گلقند 18)

**ڪمائڻ واري لاءِ، سنڌ ۾ دبئي آهي.**
سنڌ ڌرتي قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي، صدين کان خوشحال رهي آهي. محنت جو جذبو سالم هجي ته سنڌ ۾ روزگار جي وسيلن کي کوٽ آهي ئي ڪانه.

**ڪمُ پوي ته پيءُ ڪن، ڪم نڪري ته پُٽ به نه ڪن.**
ڪمُ ڪيائو ۽ مطلبي ماڻهو پنهنجي ڪم ۽ مطلب لاءِ ته گهٽي آڳي پيچي ۽ هيڻاهين ڪندو آهي پر جڏهن ڪم نڪري ويندو اٿس ته مُنهن موڙي ويندو آهي، مُڙي پڇندو به ڪو نه آهي.
مثال: "سيج ڪيائون سُرهي منا مڱڻهار." (گلقند 109)

**ڪُميءَ جي ڪُک، بگهڙ جي ٻَک ۽ راهوءَ جي رُخ جي خبر نه چارَ.**
راهُو= راهه ويندڙ واٽهڙو.
ڪچوءَ جي ٻُنيءَ تي سخت ڪويو چڙهيل هوندو آهي، ان ڪري هن جي ڪُک ڏسڻ ۾ ڪا نه ايندي آهي. بگهڙ جو ڪڙڪيدار نمونو ڏسي، اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي ته هو بکيو آهي، ائين راهه ويندڙ ماڻهو جي منزل جي خبر نه پوندي آهي.

**ڪمزور تي ڪَٽِتي، ڏاڍي کان ڪتري.**
ڪَٽِتي = ڪٽتو هٽڻ، واپاري اناج، ڪپهه يا جنس وٺڻ مهل مڻ تي ٻه چار ڪلو ڪٽوتي ڪندا آهن.
ڪتري = لنوائڻ، پاسو ڪرڻ. ڏاڍي کان هر ڪو لنوائي ٿو ۽ غريب کي ڦُرڻ کان ڪو به نٿو مُڙي.
مثال: "سُبرسين سينءَ، ڪبي ڪيئن؟ ۽ چوندو جيئن، ٿيندو تيئن." (گلقند 85)

**ڪمُ ڪنهن جو به رهجي ڪو نه ٿو.**
ڪو واهر ڪري نه ڪري ڏکيو سکيو ڪم هر ڪنهن جو نبري ٿو وڃي.

**ڪُنيرَ جي گهر، ٿانءُ سچو نه هوندو.**
ڏسو: "ٿاناري جي گهر..."
مثال: "ڪُنير جي گهر، ڀِنو دِلو." (سنڌي پهاڪا 114)

**ڪُنير ڪُتي گڏهه جا ڪَنَ.**
ڪُنيرُ ٿانون ٺاهڻ لاءِ گڏهه تي چيڪي مٽي ڍوئيندو آهي جنهن سان ته پُڄي نه سگهندو آهي پوءِ اندر جو ٽيسو ۽ ڪاوڙ گڏهه کي سٽي ڪڍندو آهي. پاڻ کان هيٺي تي آيو رهڻ.

**ڪَنَ کي قولهبو، ته ڏَپَ ايندي.**
اٽوٽندڙ ۽ ڪِنين ڳالهين کي جيترو پچاربو اوترو گلا ۽ بدنامي ٿيندي.

**ڪُنيت تي هلندڙ پاءَ به دشمن مثال.**
ڪُنيت = ذات، ڪُرِّم اُهو نالو جيڪو ابو ابن، اُمِ يا بنت سان اچي، ڪنهن تي چڙ جو نالو.
سنڌ ۾ ڪجهه ماڻهو عربن جي تقليد ۾ نالن جي اڳيان ۽ پٺيان ابن، اُم ابو ۽ بنت جا لفظ لڳائيندا آهن.
اسان وٽ ڪوڏاٽي جا نالا رکڻ کان سواءِ چڙ جا نالا به رکيا ويندا آهن جيئن قائم ڪارو طاهر ٽنڊو مُريد ٽيڏو بخشل بشني بهادر پينڊو گلڻ گولو وغيره. انهن چڙ وارن نالن سان سڏڻ وارو پاءُ ئي چو نه هجي، پر وٽندو ڪونهي.

**ڪِني رنَ،ٻئي ڪم کان ويندي، ته گس تي مُتندي.**
ڪِني عورت، چاهجڻ جي وهيءَ کان چڙهي ويندي آهي ته پوءِ ليڪا لتاڙي بيهندي آهي، ته من ڪو گار ڏئي وجهي ته آسيس اچي.
ڏسو: "عادت مٽي نه عادتي...."

**ڪِني وَل جا، پتا به ڪڙا.**
پتا = ڦَلُ، ميوو.
بڻياد خراب هوندو ته اُن جو اثر لازمي طور ڦل (اولاد) تي به پوندو.
مثال: "جنهن جي وَلِ ڪاري، تنهن جا پتا به ڪارا." (ماجر... 172)

**ڪَنڌَ تي ڪاٽي ايندي، ته دانهن به ڪبي.**
مجبورين ۽ محرومين جا آثار پاڻ ڳالهائيندا آهن.
ڏسو: "پلان جي پچ تي...."

۽ عادتن تي ڪڙي نظر رکجي تہ جيئن انهن جي بگاڙ جو امڪان نہ رهي.
مثال: "ڪارائجي هوتن جيان، پر ڏنيجي ڏائڻ جيان." (رنّي آهي.....)

**ڪاٽي مانيءَ تان، ڪَل بہ نٽو لاهي.**

ڪاٽي = ڪانيل، سَڙيل.
چيھ جو ڪنجوس ۽ شومُ ماڻهو.

**ڪائيا سو پائيا، جوڙيا سو بوڙيا.**

ماڻهو پنهنجي ڪَتيءَ ۽ ڪمائيءَ مان پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪو چوڙي ماڻي ٿو يا چڱن ڪمن ۾ خرچ ڪري ٿو، اهو ئي ڪيس هتي ۽ هُتي ڦبي ٿو. مرڻ ڪان پوءِ جيڪو ڪجهہ ڇڏي ٿو وڃي اهو سندس ڪنهن بہ ڪم نٽو اچي جڻ ٻڏي ٿو وڃي.
مثال: "چڪ دال، مال ڏن ڪو ڪوڙي نہ رک ڪفن ڪو جس ني ديا هي، تن ڪو ديگا وهي ڪفن ڪو." (گلقند 83)
"آدا چوڙا، آدا بوڙا، مال ڪوڙا، مراد پورا." (موزون... 28)

**ڪاٽي پي نالو وَٽ.**

ڪنهن بي فيض ۽ بي وڙي ماڻهوءَ جو ڪنهن ڪم لاءِ نالو وٺڻ تي ائين چوندا آهن. جنهن مان ڪجهہ ورڻو سرڻو نہ هجي.

**ڪائيندڙن ڪارائيندڙن جو خيرُ.**

دعا جو جُملو آهي. جيڪو اڪثر مهمان مسافر ۽ ڳوناٺا ڪنهن وٽ ماني کائڻ کان پوءِ چوندا آهن.

**ڪائين نہ ڪارائين ڳوٺ جو پَٽيلُ سڏائين، ڳِھہ جي دکي رکي بصر سان ماني ڪائين.**

پَٽيلُ = ڳوٺَ جو چڱو مڙس، وڏيرو.
دِکِي = ٽڪر جو لوٽي جهڙو ٿانءُ، ڪنگر.
ڪنجوسُ ماڻهو جيڪو پاڻ کي مُعتبر ۽ عزت وارو تہ سمجهي پر نہ پاڻ کائي نہ ٻين کي کارائي.

**ڪائجي تہ ڳائجي پر ايترو بہ نہ ڳائجي جو ڪنهن کي آسمان سان لائجي.**

جنهن جو کائجي ان جي واکاڻ ڪرڻ واجب آهي پر گلم جو توبچي بڻجي ايتري بہ واکاڻ نہ ڪجي، جو اها چاپلوسي بڻجي وڃي.

مثال: "ڳِرڻُ ڪجي ڳُڻ پر ڪجي، ڳُڻ ڪجي ڳِٺهار سان". (اترادي پهاڪا 85)

**ڪائجي تہ ڪارائجي نہ تہ اصل نہ ڪائجي، لائجي، تہ نيائجي نہ تہ اصل نہ لائجي.**

سنگت ۽ چوياريءَ ۾ ڪائجي پلي پر ڪارائڻ بہ گهرجي نہ تہ عزت ڪا نہ رهندي ائين نينهن لائجي تہ توڙ نيائجي.

**ڪائڻ مهل گڏُ، سُمهڻ مهلَ مسيت ۾.**

توتي ۽ ڪم چور ماڻهو جيڪو ڪائڻ مهل تہ هڪيو تڪيو حاضر هجي پر ڪم مهل ڪو نہ ڪو بهانو ڪري نٽائي وڃي.
مثال: "ڪائڻ مهل مُڙس، هاج مهلَ چوڪرُ." (گلقند 78)

**ڪَٽ ڪٽي نہ ڏيو پر سُمهو تہ سُولا ٿي.**

ڪو ماڻهو مهمان لاءِ پاڙي جي گهر مان ڪٽ وٺڻ ويو گهر ڌڻي نٽائيندي تڪڙ ۾ چيو تہ "ادا، اسان جي گهر ۾ آهن ئي بہ ڪٽون هڪ تي امان ۽ آءٌ سمهندا آهيون ۽ ٻي ڪٽ تي بابا ۽ منهنجي گهر واري سمهندا آهن." ان تي همراهہ ڪلندي ائين چيس.
مهل ۾ ڪم نہ اچجي تہ ٽُپ جواب ڏجي نٽائڻ لاءِ ڪوڙا ۽ اڻ وسهڻ جهڙا بهانا نہ ڪجن.

**ڪٽيا تہ بہ گهر آپٽا، هاريا تہ بہ گهر آپٽا.**

ڏُڪُ هجي يا سُڪُ پر پنهنجي گهر جهڙي آسيس ۽ سڪون آهي ئي ڪونہ.
مثال: "پنهنجي گهر جهڙي ڪا بہ بادشاهي؟"

**ڪَتي اوڳرائي نہ ڏجي.**

اڻ وڻندڙ ۽ دل آزاريندڙ ڳالهہ نہ ڪجي، ڊيڪ نہ ڏجي.

**ڪَتي شاهہَ صدر، ڪائي شهباز قلندر.**

لَڪياري بزرگ ۽ درويش شاهہ صدر جيڪو سنڌ ۾ راشدي ۽ لڪياري سادات گهراڻن جو وڏو جيد امجد ۽ سيد علي مڪيءَ جي اولاد مان آهي. هيءُ

چوٽي ڏانهن منسوب آهي. جيڪا سينا بہ سينا هلندي پئي اچي.
مثال: "ابي جي ڪٽي، ادي ڪپائي، ڪمائيءَ هڪڙو تہ ٻيو ڪائي. (پهاڪن جي پاڙ 3)
(1) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، روزاني "مهراڻ" شاهہ صدر نمبر.

**ڪُتل آهيون تہ بہ خان آهيون، جُتي ناهي تہ بہ جوان آهيون.**
دل جو سخي ۽ همٿ چوٽ ماڻهو غربت واري هيٺي حال ۾ بہ مايوس نہ آهي.

**ڪُتابين اُتَ مسيت تي چاڙهيو.**
ڪُتابي = ڪتابي، مدرسي جا شاگرد
شاگرد ۽ ڦُوهہ وهيءَ وارا ڇوڪرات اڻ جهل هوندا آهن. جنهن ڳالهہ تي چڙهندا آهن سا ضرور پوري ڪندا آهن.
مثال: "ڇوڪراٽي پوتي، ڪنهن نہ ڏوتي." (گلقند 81)

**ڪڳا ڍنڍ ۾ ڪو نہ، ويڳر پيا ڪُتجن.**
ڪڳو = مڇيءَ جو قسم.
ويڳر = مسالا.
هر ڪمُ پنهنجي مهلَ موقعي ۾ مداوَ تي ٺهي ٿو.
اڳوات اُبهرائي نہ ڪجي.
مثال: "ڪڳا ڪوهر ۾ مريون مانڊ پيون ڪتجن." (ماجر...175)
"ڪنگر ۾ ڪڪڙا، ڀڙي مبارڪ." (گل شڪر 180)

**ڪيتي آهي ڪيڙ سان.**
ٻنيءَ کي جيترو هَرَ ڏئي ڪيڙبو ۽ اُٿلائبو فصل اوترو ئي پلو ٿيندو.

**ڪيتر اُهاءِ جا ڪِنگرَ پجي.**
ڪيتر = ڪيتو ڪندڙ ڏُهڻ مهلَ لتون هڻڻ واري.
ڪِنگر = ڪير ڏُهڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ.

ڪيرُ ڏوهڻ مهل ٿورو گهڻو ڪيتويا لت هڻڻ تہ ڇوپائي مال جي عادت آهي. پر بيزاري جي حد تائين ڪيتو مال جو عيب سمجهيو ٿو وڃي.

**ڪيتر پنهنجو بہ هاري، تہ ٻئي جو بہ هاري.**
ڏسو مٿيون پهاڪو.
مثال: "ڪَتر، پنهنجو تہ هاري، پر ٻئي ڪي بہ ڪاري." (ماجر ... 168)

**ڪيڏي ٿو راندِ ۾ آڳ نہ ڏيندو؟**
آڳِ = ٻارڙن جي راند ۾ وارو.
راند ۾ ننڍ وڏائي ۽ اميري غريبيءَ جو فرق آهي ئي ڪو نہ. ٻارڙن جي اکپوٽ اِتي ڏکر يا ٻي ڪنهن راند ۾ جيڪو ٻين کان آڳ وٺندو سو آڳ ڏيندو بہ ضرور.
مثال: "نچٽو پيو تہ گهونگهٽ ڪهڙا؟" (گل شڪر 239)

**ڪير ۾ پيرَ ڪي نہ موتائجي.**
سنڌ ۾ ڪيرءِ پيرَ کي وڏي عزت ڏني ويندي آهي. مالوند ماڻهو ڪير کي "ڪير پٽارو"، اَنَ کي "ان پٽارو" ۽ مال کي "مال پٽارو" چوندا آهن.
مثال: "ڪيرُ پيرُ آهي." (ننديري روپ 19)

**ڪيڙي ٽيڙي، پوءِ ميڙي.**
ٽئي پوک جا مرحلا آهن. پهرين پوک لاءِ زمين کي ڪيڙبو آهي پوءِ ان ۾ ٻج ڇٽبو آهي ۽ پوءِ اُنُ ميڙبو آهي.

**ڪيڙي سو کائي.**
سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ شاهہ عنايت شهيد جهوڪ واري جو تاريخي نعرو جنهن مغلن جي دور ۾ حڪمرانن سان بغاوت ڪري "جيڪو ڪيڙي سو کائي" جو نعرو هنيو هو ۽ شهيد ٿي ويو هو.

**ڪيلُ ختم پئسا هضمُ.**
ڪمُ پورو ٿيو تہ ڪمَ لاءِ ڏنل اُجرت بہ هضم ٿي وئي.

**کدڙي کي چيائون، "پُٽ ڄائو اٿئي جي، اِها دعا دل سان ٿي نڪتي لڳي."**

اهڙي ڳالهه جيڪا مڃڻ ۾ نه اچي.

**کَدڙي کي مرندي ڪنهن ڏٺو؟**

ڪدڙا فقير، مرڻ واري جون ڪفن دفن جون رسمون رات جي بيگاهه وقت، لوڪ کان لڪي ڪندا آهن.

**کَدڙي جي سُڃاڻ تاڙيءَ سان، مرد جي سڃاڻ ڏاڙهيءَ سان.**

سنڌي سماجَ ۾ مرد جي سڃاڻپ ۽ شانُ پٽڪو ۽ ڏاڙهي هئا. چاپئين ڏاڙهيءَ تي وٽيل شهپر مرد جو شان سمجهيو ويندو هو.

اهڙي ريت ڪدڙي جي سڃاڻپ تاڙي سان ٿئي ٿي.

**کدڙن جي خاسارن کي پانڊي تا پڇن.**

پانڊي = کدڙن جو دلال.

حاضر يءَ جو خاص ماڻهو.

خاسارا = ڳِهل گينڊاڻ ناز نخرا. انگل آرا ۽ خرچ پکا.

کدڙن جي انگل آرن ۽ ناز نخرن کي پانڊي ئي مُنهن ڏئي سگهن ٿا. ان ڪري جو اُهي سندن پيٽ تي پيل ۽ مزاج کان واقف هوندا آهن.

مثال: "جنهن جو ڪمُ سوئي ڪري، ٻيو ڪري ته گهاٽو پري" (گلقند 83)

**کدڙن جي ڪمائي، ڏاڙهي مَچَ جي صفائي ۾ وئي.**

عورتاڻي ڏيکُ ڏيڻ لاءِ ڪدڙا ٿاهه ٺوهه تي گهڻو خرچ ڪندا آهن. جسم جا وار لاهڻ ۽ ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا شيو ڪرڻ ۾ گهڻو خرچ ايندو اٿن.

**کَڏَ ۾ ڪنڊو، صاحب لوڪُ منڊو.**

صاحب لوڪ = انگريز

ٻاراڻي راند جو ٻول انگريزن خلاف حُر هلچل دوران ٻاراڻي ذهن جي ايجاد آهي. جنهن مان انگريزن لاءِ ڌِڪار پڌري ٿئي ٿي.

**کَڏُون ٿيون خالي، هَنجُ نه رهيو هيڪڙو.**

جڏهن چڱن ماڻهن جي اٺاڻِ محسوس ٿيندي آهي. تڏهن ائين چوندا آهن.

مثال: "ويا مورَ مري، هنجُ نه رهيو هيڪڙو." (شاهه)

**کَريا به پنهنجا، ٻَريا به پنهنجا.**

کريا = ڪريل، بگڙيل، خراب لڇڻن وارا.

ٻريا = بيمار جهيڙاڪار.

ڪسا هجن يا لانوان پنهنجا وري به پنهنجا آهن.

مثال: "ڇريا، کريا پر مائٽن جا." (ماچر... 172)

**کريل ٻار ڪوٽو سِڪو، کر ٽڪاڻي حوالي.**

اسان وٽ الله جي نالي تي نڪمين ۽ بيڪار شين ڏيڻ جو رواج آهي ڪنو ميوو ٻاروٽي ماني. چوڙيل ڪپڙا الله جي واٽ ۾ ڏيندا آهن نه رڳو ايترو پر انڌا، منڊا، جڏا ۽ ڏڏ ٻار مدرسن ۽ ٽِڪاڻن ۾ ڏيندا آهن.

**کَنبَ مان ڪانُ جوڙيائين ته ٿيو جمعدارُ.**

معاملي کي ننڍي مان وڏو ۽ وڏي مان ننڍو ڪرڻ جو گُر سِکي ورتائين ته سپاهيءَ مان جمعدار ٿي ويندو.

مثال: "تيليءَ مان ٻڻائي ٿنڀُ ڪيو اٿس." (ڀهاڪن جي حڪمن 69)

**کنڌو ويو ڪاڏي ۾، ٻار ٻچا نفعي ۾.**

کنڌو = ڪٽنه اوذر جو ڪاتو.

زالَ جو خرچ پکو سندس خدمت چاڪريءَ ۾ برابر ٿيو. ٻار ٻچا نفعي ۾ ٿيا.

مثال: "اوٺ پڙي موٺ ۾ ڪنوار پڙي گهوٽ ۾." (گلقند 28)

**کَنئي کپي ڪا نه، ڳولي لڀي ڪا نه.**

ضرورت ۾ ڪا به شئي ڪٿي وڃي ڪنهن وٽ کپائجي ته ان جو مانءُ نه ٿيندو. اوترو مُلهه نه ڪندي ۽ گهرج ۾ ڪنهن شئي کي ڳولبو ته لڀندي يا ملندي ڪا نه.

مثال: "کنئي وِٽَ جو مُلهه ڪونهي." (گلقند 192)

**کلُ ته ڪتلَ ڪارائين.**

رُئل ۽ روئندڙ ٻار کي پرچائڻ لاءِ پيار ۽ ٻاٻوهه مان چوندا آهن.

**ڪِلَ خوشيءَ جي خوراڪ آهي.**

ڪِلَ خوشي جو اهڃاڻُ ۽ انساني صحت لاءِ فائدي واري هوندي آهي.

**ڪِلندڙن تان خيرُ.**

ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪمَ مان خاميون ڪڍي مٿس چٿرون ۽ ٽوڪون ڪيون وڃن. تڏهن اڳلو موٽ ۾ ائين چوندو آهي.

**ڪلُ ڪتلَ ڪلِ.**

رڳو ماڻهو نہ پر ڪتل بہ ڪلندي آهي ڪتل ڪپائڻ وارو جڏهن هٿن کي تيل هڻي ڪتل کي مهٽيندو آهي ۽ گاڏي تي ڍڳُ ڪري رکندو آهي تہ تيل جي هلڪي سٽپ ڪري ڪتل جو رنگ اپري پوندو آهي ۽ جرڪڻ لڳندي آهي، ان کي ڪتل جو ڪلڻ چوندا آهن.

**ڪَسي نہ ڪلر مان، ڏئي نہ ڪلر مان.**

ڪَلرُ = جهيڙو فسادُ.

ڪَلرُ= لوڻياڻي زمين، جنهن ۾ فصل نہ ٿيندو آهي.

ربُ نہ ڪسي تہ ڀلي ڪسي پر جهيڙي فساد سان نہ ڪسي پر ڏئي تہ ڪلر مان نہ ڏئي.

**ڪوٽو سِڪو بہ پنهنجو ڀلو.**

ڪَسي لائنين شئي يا اڻ سُڌريل پُٽ بہ پنهنجو ڀلو.

**ڪودو ئي ڪُوهہَ ۾.**

مُندَل معاملو جنهن ۾ سڀ وڪوڙيل هجن.

**ڪوڙيءَ ڪي گُهمرو.**

ڪوڙي = ڪانن ٻنا گڏا سٽي رکيا آهن. تہ ان کي ڪوڙي چئبو آهي. سڀ هڪجهڙا.

**ڪوسي جي خير ڪان ويرُ ڀلو.**

خيرُ = صُلحُ، ناهُ.

ڪوسن جي ڪن پاڙن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اُهي فيصلو ڪري ناهہ ڪرڻ ڪان پوءِ بہ ويرُ نہ ڇڏيندا آهن.

فيصلي ڪان پوءِ ماڻهن ٻي اونو ٿي وڃي ٿو پر دشمني هوندي تہ احتياط ضرور ڪندو.

**ڪُوهہَ جي ڏيڏر لاءِ دنيائي ايتري.**

ڪُوهہَ جو ڏيڏرُ جيڪو ڄمي بہ ڪوهہ ۾ ٿوءِ مري بہ ڪوهہ ۾ وڃي ٿو ٻاهرين دنيا ڏسڻ جو موقعو ئي ڪيس نٿو ملي ان جي سموري ڪائنات ئي ڪوهہ آهي.

**ڪوءِ ڍلن دوستي، ڀلو ڀلن ويرُ.**

هيءَ تاريخي پهاڪو آهي روايتن موجب علاؤالدين جي سنڌ تي حَلان وقت آبڙي سمي سومرن حڪمرانن جون سامون جهليون هيون. تن ڏهاڙن ۾ ابڙي سمي جا جاڙيجن سان تِر سنوان نہ هئا پر جنگ هئي، جاڙيجاڻي سردار جکري جڏهن ابڙي سمي تي چڙهائي ڪئي تہ علاؤالدين جي لشڪر کي ڏنائين. جيڪو ابڙي سمي کان سومرن جون سامون وٺڻ لاءِ مٿس حملي لاءِ تيار هو ابڙي سمي پاڻ کي ٻن دشمنن جي وچ ۾ گهيريل ڏٺو. تڏهن جکري سردار کيس چوائي موڪليو تہ "ابڙا، ماندو نہ ٿجانءِ، اڃهو آياسين جڳ ۾ گهٽا جاڙيجا آهن." علاؤالدين کي مري سومرن جون سامون ڏينداسين. ان نياپي جي موٽ ۾ ابڙي سمي جي واتان بي اختيار ائين نڪتو.

**ڪَڏُ پنهنجي پاءُ کي رِليءَ ۾ ويڙهي.**

مَلهہ راند ۾ پهلوان کي ڏڪُ اچي يا جهيڙي ۾ ڪو ڦَٽي ٿئي تہ ائين چوندا آهن.

## گ

**گاڏي نڪتي تہ بہ ڇَريا نہ ويا.**

سنجيده گفتگوءَ ۾ ڪو بيوقوفيءَ جي ڳالهہ ڪري تہ ٽوڪ مان ائين چوندا آهن.

**گارِ جهيڙي جو مُنڍُ.**

گُٽي ۽ گَندي لفظ ڳالهائڻ سان جهيڙو وڌي ٿو.

**گاندوءَ ڪان گوشو ڪر، تڏي ڪندو تڪرارُ.**

گاندو= ٻڇڙو ڪانئر.

گوشو = پاسو ٽارو.

**گڏھہ جي ڳچيءَ ۾ لالُ.**

بي سمجھہ ۽ بي قدري ماڻھوءَ وٽ قيمتي شئي ھجي ۽ ھو ان جي قدر ۽ قيمت ۽ اھميت جي ڄاڻ نہ رکندو ھجي.
مثال: ”گڏھہ تي گلابُ هاريندي حيف ٿيو.“ (گلقند 114)

**گڏھہ لاءِ جھڙو ګندُ تھڙو گلقند.**

ڏسو مٿيون پھاڪو.

**گڏھہ ساڳيو آٽر مَٽ.**

آٽر = گڏھہ جا ٽڙا، گڏھہ جي پُٺيءَ تي رکڻ لاءِ تپڙي.
مَٽ= مَٽيل، تبديل ٿيل.
اَبالو ۽ ڇيڳرو ماڻھو ڇَٺيءَ ڇماھيءَ نئون يا ڌوتل وڳو پائي تيار ٿي نڪري تہ ٽوڪ مان چوندا آھن.
مثال: ”گڏھہ اھو ئي، آٽر ٻيا پيس تہ پئو ڪونھي.“ (پھاڪن جي پاڙ 99)

**ڳرا ڳنجا پيا ڪائين، لَلنگھہ پيا ليلائين.**

للنگھہ = سھڻو سيبتو اشراف، سورھيہ.
ليلائڻ = منٿون، ايلاز ڪرڻ.
سماجي اوڻائي بابت چوڻي تہ اَھل ۽ لائق ماڻھوءَ جو قدر نٿو ٿئي. اُھي ٻاٽون پيا ڪائين ۽ نااھل ماڻھن کي نوازيو ٿو وڃي.
مثال: ”سونھن سِڪي سونَ ڪاڻ، سونُ سِڪي سونھن ڪاڻ. (رني آھي... 118)

**ګرو، ګپ جو ٻاڙي آھي.**

ګرو = مرشد، اڳواڻ.
نِڪمو ۽ ٽوٽي ماڻھو جيڪو وڏيون ھامون ھڻي، ڦندَ تہ گھڻا ڪندو پر ڏکئي وقت ۾ اٿين غائب ٿي ويندو جيئن ڳئونءَ جا مٿيان ڏندَ.

**ګرھہَ، ګرھہَ تي بسم الله.**

ٿوري ٿوري ڳالھہ تي نيڪ ۽ ديندار ھئڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ.

**ګرھہَ ګرھہَ تي واھہ ګُرو.**

ھندو ۽ سک کائڻ مھل واھہ ګروءَ کي ياد ڪندا آھن.
ڏسو مٿيون پھاڪو.

**ګرھہَ ګھٽ تہ بہ پريَن وٽ.**

سنڌي سماج ۾ تھذيب جون اڻ ٽٽ محبتون ۽ رشتن جو گھرو تعلق ان ڪري پُوري پُٺي اُپت ۾ دال ماني بہ پنھنجي گھر جي پلي سمجھندا آھن.

**ګرھہَ ګھٽ تہ بہ چُلھہ وٽ.**

گھر ۽ ڪٽنب جا ڀاتي ھڪ ڪُني پاٽ ۽ چُلھہ تي پاڻ ۾ گڏ ھجن تہ پوءِ لسي ۽ کير سانُ ماني بہ سڪون پئي ڏيندي آھي.

**ګَندُ ګند سان نہ ڌوپجي، نيٺ پاڻيءَ سان ڌوپي.**

برائيءَ کي برائيءَ سان نٿو روڪي سگھجي پر چڱائيءَ سان روڪي يا گھٽائي سگھجي ٿو.
مثال: ”ڪِنُ، ڪِنَ سان ڪين ڌوپي.“ (گلقند 110)

**ګُندي کيرُ ڏئي تہ مينھن کو ڏاري ئي ڪو نہ.**

ګُندي = مٽيءَ مان نھيل وڏو ګُندلو جنھن ۾ سال لاءِ انُ سانڍي رکندا آھن.
سڪٽيون ۽ ھوائي توائي ڳالھيون پيٽ نہ پرينديون آھن، اٿين ھجي تہ ڪو بہ پورھئي جا ھٿ پير چو ھڻي؟
مثال: وَڇ کيرُ ڏئي تہ مينھن چو ڏارجي؟“ (گل شڪر 243)
”ڳابا ھرَ وھن تہ ڏاندن کي ڪير پُڇي؟“ (اترادي پھاڪا 137)

**ګندَ جو ڪيڙو، ګندَ ۾ خوش.**

ګندَ جو ڪيڙو ګند ۾ ئي خوش رھندو آھي، ان ڪري تہ ان جي کاڌ خوراڪ بہ ګند ۾ ھوندي آھي ۽ ھو مانوس بہ انھن حالتن سان ھوندو آھي. برو ماڻھو بري صحبت ۾ خوش رھندو آھي.

**ګنجو چوي ”سڀ مون جھڙا ٿين“.**

اَڻ سھو ۽ ساڙ سڙيو ماڻھو ٻئي جي چڱڀلائي آسودگي ۽ خوشي ڏسي اندر ۾ ٻلان وارا وَٽ پيو کائيندو آھي.

**ګلا خور، مُئل ڀاءُ جو گوشت ٿو کائي.**

اسلام ۾ ګلا کان سختيءَ سان روڪيو ويو آھي. ايتري قدر جو ګلا ڪرڻ واري ماڻھوءَ کي پنھنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ وارو چيو ويو آھي.

**ڳاڙي هڪلڻ دا مين پڙ هان، رڳو ميڪون جهل ٻهو.**

ڳاڙي نارَ يا ڳهاٽي جو تختو جنهن تي ويهي نارَ ۾ جوٽيل اُٺ يا ڍڳي کي هڪليندا آهن.
پڙ = ماهر، چاٽو.
ڪم جي توتي ۾ ٻهاني بازماڻهوءَ لاءِ ائين چوندا آهن.

**ڳالهه پلي، پر ڳجهارت ٻجي.**

ڳجهارت پچڻ لاءِ جڏهن ڪو ماڻهو ڪو ڏکو هٽي ۾ نہ لڳي تڏهن ڳجهارت ڏيندڙ ائين چوندو آهي.

**ڳالهه، تي ڪَناٽڻي.**

ڳالهه کي مختصر ڪرڻ، معاملي جو نبيرو ڪرڻ.

**ڳالهه ڳوٺ کان ٻاهر نہ ويندي.**

ڪا ڳالهه جڏهن پيٽ جي ڪچي ۾ ڦاٽوڙي ڌُهل جهڙي ماڻهوءَ وٽ پهچي تڏهن توڪ مان چوندا آهن.

**ڳالهه يا ڦَڪڙي؟**

ڦَڪڙُ = جهيڙو.
ڦَڪڙي = ڪِر ڪِر ڪرڻ، پنبي ٻارڻ.
ڪو ماڻهو ننڍي ۾ معمولي ڳالهه کي اينگهائي وڏو ڪري تڏهن چوندا آهن.

**ڳالهه چرچي کان چڙهيل آهي.**

سنجيده ۾ ڳٽيءَ جوڳي ڳالهه هئڻ.

**ڳالهه نہ ڳالهه جو مُنهن.**

چڙوچڙ ۾ بي ترتيب ڳالهه سمجهه ۾ نہ ايندڙ معاملو.

**ڳالهه نہ ماري ڳالهه جو مامرو تو ماري.**

ڳالهه تہ ڪا نہ ٿي ماري پر ڳالهه جي پيٽ مان جيڪي مسئلا پيدا ٿا ٿين، انهن کي منهن ڏيڻ ڏکيو آهي.
مثال: "جيرو نہ ماري، جَرُ ماري." (ماجر... 172)

**ڳالهه واهہ گروءَ کان چڙهيل آهي.**

ڏسو ڏهاڪو "ڳالهه چرچي کان..."

**ڳالهه ڪجي اللہَ لڳ، ڏُکو ڪٽجي پاءُ لڳ.**

ڏُکو = لَٽِ لوڙهہ کهاڙي يا هٿيارُ.
جهيڙي جهڳي يا تڪرار ۾ پاءُ جو ساٿ ڏجي پر فيصلي ۾ شاهدي خدا ڪارڻ ڏجي.
مثال: "لَٽِ ڪٽجي، پاءُ پاران، شاهدي ڏجي، خدا ڪارڻ." (گل شڪر 115)

**ڳالهه رنبي جي ڳن جهڙي.**

رنبو = زمين کوٽڻ لاءِ لوهہ جي ٿلهي سيخ مان ٺهيل اوزار رنبي کي ڳن ٿيندو ئي ڪونهي.
بي بنياد ڳالهه جنهن جو مُنهن سِرُ ئي نہ هجي.

**ڳائڻ ۾ روئڻ ڪنهن کي نٿو اچي؟**

روئڻ نطري عمل آهي، ڳوڙهن جون ڳنڍيون دل سان ڳنڍيل هونديون آهن. پنهنجي مرضيءَ يا هٺي جي چوڻ تي روئي نہ سگهبو آهي پر ڪو ڏک رسندو آهي ۾ جيءَ کي جهپي ايندي آهي تہ اکيون پاڻ مرادو پاڻيءَ سان پرجي ايندون آهن. ائين هر ماڻهو پنهنجي منهن جهونگاريندو رهندو آهي.

**ڳَيرَ ڦاٽي ڳيرو ڦاٽو، تون ڪيئن ٿاٽين وهيا؟**
**ياران آڪي، ڄُڻ پَڻ لاٿي، ميڏا روح بہ نہ رهيا.**

ڳَير = ڳَپِ وارا مادي پکي، ننڍي عمر وارا پکي.
وهيو = پکيءَ جو نالو.
ڪو ضرورتمند ۾ بي سمجهہ ماڻهو پرائي مت تي هر ڪجي مصيبت ۾ ڦاسي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو پر ڪو سياڻو سيبتو ۾ سرند ماڻهو لالچ ۾ اچي ڪنهن اوجهڙ ۾ ڦاسي پوي تہ ائين چوندا آهن.

**ڳچيءَ ۾ پٽڻُ، سمنڊُ ڪيئن تري؟**

انيڪ مسئلن ۾ مونجهارن ۾ ڦاٿل ماڻهو مسئلن کي مڙسان مڙسي منهن نہ ڏيندو تہ آجاٺپ ڪيئن ماٺي سگهندو؟

**ڳچيءَ ۾ ڪيڙو، وات ۾ ڳاهہ،**
**پيرين پوندي، آخوند ماءُ.**

هيءَ تاريخي پهاڪو آهي، ارغون، ترخان ۾ خاص ڪري مغل دور ۾ ڏارين جي فوج سان وڙهندڙ سنڌي ويڙهاڪ قبيلن جي ڳوٺن تي فوج هلان

ڪري ڳوٺ تاراج ڪري، ماڻهو گرفتار ڪري ڪٺي وينڊي هئي، تڏهن قبيلن جا چڱا مڙس ۽ آخوند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو ۽ وات ۾ گاهه وجهي ڳچيءَ ڳارانا ڪري معافيون وٺي گرفتار ٿيلن کي ڇڏائيندا هئا. اها سنڌن حڪمت عملي هوندي هئي.
ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم لاءِ ڪنهن ڏاڍي ماڻهوءَ اڳيان نيچپٽو ڏيکاري راضي ڪرڻ لاءِ جتن ڪري تہ ائين چوندا آهن.

**ڳُڙ ڳُڙ چوڻ سان، وات مِٺو نہ ٿيندو.**

ڏسو "ڳُودنو ڦُودنو چوڻ سان......"
مثال: "ڏپ چرڻ سان بک ٽوروئي لهي" (ماجر.... 173)

**ڳُڙ کاڌائين، ڳُڙ جي روغني نہ کاڌائين.**

ٿوري بدنامي ۽ نقصان کان پاسو ڪرڻ ۽ وڏي بدنامي ۽ نقصان جي پرواهہ نہ ڪرڻ.

**ڳُڙ مِٺو ئي مٺو، ليمون کٽو ئي کٽو.**

جيئن مٺاڻ ڳُڙ جي خاصيت آهي ۽ کٽاڻ ليمي جي اها بدلجي نٿي سگهي، تيئن ماڻهو جو سڀاءُ بہ نٿو بدلجي، چڱو ماڻهو چڱو ۽ لُچ ماڻهو لُچ ئي رهندو.

**ڳَنڍِ ۾ نهي ڪو نہ، زورُ سخاوت تي.**

پنهنجي حيثيت کان وڌي ڪم ۾ هٿ وجهڻ.
مثال: "قَبر ۾ نهي ڪو نہ زورُ ختمن تي." (پهاڪن جي حڪمت 86)

**ڳوليندي، خدا بہ ملي ٿو وڃي.**

اٽل ارادي سان ۽ لاڳيتي جستجو سان مقصد ضرور حاصل ٿئي ٿو.
مثال: "سُڻ سُڻ انڌي، پاون راهہ" (گل شڪر 5)
ڏورين، سي ڏسن اگڻ عجيبن جا." (شاهہ)

**ڳولڻ واري جا، ڪيئي مُنهن،**
**وڃڻ واري جو، هڪ ئي مُنهن.**

رُسي وڃڻ وارو يا گم ٿيڻ وارو تہ هڪڙي ئي مُنهن سان ويندو پر ڳولڻ وارا تہ ڪيس هنڌين ماڳين پيا ڳوليندا آهن. ائين جيئن لِڪ لڪوٽي راند ۾ لِڪڻ وارو بار تہ هڪڙي ئي هنڌ لڪي ويهندو آهي، پر آڳ ڏيڻ وارو ٻار کيس هر هنڌ پيو ڳوليندو آهي.

**ڳهٽو جهڙو ڳوٺ، تهڙو ڳَئن سان.**

ڳهٽو = ماڻهوءَ جو نالو.
ڏسو پهاڪو: "ڳَلو جهڙو گهر...."

**ڳُجهارتَ ڳُجهڙي، جنهن کي ڪن ناهي پُڇڙي.**

جيئن ڳجهارت پرائو ڳُجهہ هوندي آهي، ان کي ڳولڻ ڏکيو آهي، تيئن ماڻهوءَ جي اندر جو ڦنجهہ لهڻ بہ ڏکيو هوندو آهي.
ڳُٿي ماڻهوءَ جي اندر جو ڳُجهہ هوندي آهي، جنهن جو ڪو بہ آٿو مٿو ۽ مُنهن سِرُ نہ هوندو آهي.

**ڳجهہَ جي نظرَ ڏُونڊَ تي.**

ڳجهہ مثل جانور جي ڳولائو هوندي آهي ان کي ٻي ڪنهن شئي جي گهرج نہ هوندي آهي.
جيڪو جنهن ڳالهہ جو گهُرجائو هوندو ان جي دل ۽ دماغ تي بہ اها ڳالهہ ڇانيل هوندي
مثال: "ٻليءَ کي، خواب ۾ ڇيڇڙا." (گلقند 43)
"ٻگهن مڇيءَ مِن، پارس پسن ڪينڪي." (شاهہ)

**ڳُجهہ جو علم الله کي.**

ڳِدرو مِٺو آهي يا ڦِڪو؟ انبُ مٺو آهي يا کٽو؟ وَنگو مٺو آهي يا ڪڙو؟ اهو ڳُجهہ آهي، جنهن جو علم الله کي آهي، بندي کي نہ آهي.
مثال: "وڏيون اکيون، الک کي." (گلقند 104)

**ڳجهن جي پاراتين بہ ڪڏهن ڍور مئا.**

ڍورَ = جانور، پالتو مالُ.
اندر جي ڪوتي ۽ اڻ سهائپ جي باهہ ۾ سڙندڙ ماڻهوءَ جي پاراتن ۽ ڪڏون ڪوتِہ سان ڪو بہ نقصان نٿو پهچي.

**ڳَئي اگهاڙي، لال ڦيري.**

عيبدار ماڻهو جيڪو پنهنجا عيب لڪائڻ بدران پڙها ڏئي ۽ وتي هر هڪ کي پنهنجا پرڪار ۽ عيب ٻڌائيندو اهڙي ماڻهوءَ کي ائين چوندا آهن.

**گھر ۾ ڪِينَ تہ بہ گھوڙي تي زينَ.**
زِينَ = گھوڙي جا سنجَ، چمڙي جو هَنو.
ڏسو: "ٻاهر خان بهادر......"
مثال: "گھر ۾ ڪلا بجا، ٻاهر شير بهادر بلي." (ڀهاڪن جي حڪمت 91)

**گَھر مَري تہ مائٽَ پِنِينس.**
ڪنهن ماڻهوءَ کان سخت ٻُچان ۾ بيزاري هجي تہ ائين چوندا آهن.

**گھَرُ سريو تہ گھوريو، ڪُتا تہ مُئا.**
ٿوري فائدي لاءِ گھڻي نقصان جي پرواهہ نہ ڪرڻ.

**گھَرَ واري جو هڪڙو گھَرُ، ٻي گھر جا سئو گھر.**
ٻي گھر ۾ گھمندڙ ڦرندڙ ماڻهوءَ جو گھر گھاٽ نہ هوندو آهي. ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي جتي پئي اُتي وِهائي.

**گھرئي تہ موتَ بہ ڪو نہ ٿو ملي.**
موتَ جو وقت مقرر آهي، خواهش ڪرڻ يا گھرڻ سان موت نہ ايندو آهي.

**گُھٽي گُمائي ونجي، ڏھٽي ڏھائي ونجي، نڪر ونجي تہ بہ نوڪي وڃائي ونجي.**
ڪا بہ شئي ڏسي و ٿسي ونجي، مينهن، ڍڳي، ٻڪري يا ڪو بہ مال ونجي تہ ڏُهي ۾ گھمائي ڦيرائي ڏسي وائسي ونجي. ايتري قدر جو نڪر ونجي تہ بہ نوڪي وڃائي پوءِ ونجي تہ ڀڳل نہ هُجي.
مثال: "نڪر ونجي، نڪي نوڪي." (گلقند 49)

**گھوٽَ چڙهيو گھوڙي، ناسَ پِتو ٻوڙي.**
وڏي چمار جو ماڻهو دولت جي زور تي يا ڏوهتي پوٽي يا ڏيءَ جو سگ ڏئي بدي تي نئين نندي چوڪريءَ سان پرڻو ڪري تہ ائين چوندا آهن.

**گھوڙون ٿا گھورين، پر پلئہ جهلين ڪين ڪي.**
ڏيکاءُ واري پنهنجائپ ڪرڻ وارا تہ ڪوڙ آهن پر ڏکئي وقت ۾ سهارو ڏيڻ وارو ڪو بہ نہ آهي.

**گھوڙا ٻاري توبھہ زاري.**
گھوڙا ٻاري شهر لاءِ هيءَ چوڻي مشهور آهي.

**گھوڙا ڙي گھوڙا!**
هيءَ تاريخي چوڻي آهي جيڪا اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن ظلم ۽ انياءَ تي سنڌ جي ماڻهن واتان بي اختيار نڪري ويندي آهي. سنڌ تي مدد خان پناڻ سميت ڌاريان ڦورو ۽ حملي آور هلان ڪري ڦرلٽ ڪندا هئا ۽ ڳوٺن کي ساڙ ٻار ڪري تباهہ ڪري ڇڏيندا هئا. سنڌ جا ماڻهو جڏهن ڌارئين لشڪر کي پري کان ايندي ڏسندا هئا تہ ٻين کي جاڻ ڏئي هوشيار ڪرڻ لاءِ واڪا ڪري ائين چوندا هئا.

**گھوڙا ڙي گھوڙا چو؟**
**چي، هونهين.**
هُونهين = ائين ئي، بنا ڪارڻ، هرو ڀرو.
ڪوڙو ماڻهو جيڪو اجائي واويلا ڪري ٻين ۾ ڊپ ۽ ڏهڪاءُ پکيڙي ۽ پڇڻ تي ڏند ٽيڙي چوي تہ "مون تہ ائين ئي پئي چيو."
مثال: "جهنگ ۾ مينهون ڪِلن ۾ وڃون، چي، "ڏايون ڙي ڏايون!" (ڀهاڪن جي حڪمت 33)

**گھوڙي کي نہ ڏسجي پر گھوڙي جي سوار کي ڏسجي.**
گھوڙي جي سِکيا ۽ تياريءَ جي پرک گھوڙي جي سوار مان ٿيندي آهي.
مثال: "ڪتا تو نہ منهن، تنهنجي ڌڻيءَ جي مُنهن." (گلقند 33)

**گھوڙي جو ٻچُ وڏو تہ بہ پنهنجون مکيون هَڪليندو.**
ڏ سو: "گھيتي جو ٻچ...."

**گھڻي باغباني خوشحاليءَ جي نشاني.**
زراعت ۾ ميوات جا باغ پوکڻ نہ رڳو نفعو ڏيندڙ آهي پر آب هوا برساتن ۽ وڻندڙ موسم جو ڪارڻ بہ بڻجن ٿا.

**لوڪان آکيان مجنون ڪون، تيڏي ليلا رنگ دي ڪالي، مجنون آکيا لوڪان ڪون، تُسان ڪون اک نهين ڏيکڻ والي.**

حُسن، ماڻهوءَ ۾ نه پر ڏسڻ واري جي اک ۾ هوندو آهي سونهن اها ئي آهي، جيڪا ماڻهوءَ جي اک کي وڻي.
مثال: "لوڪان نحو صرف، من مطالع شُپرينءَ. (شاهه)

**لوڪُ ته آهي ٻوڪُ.**

ٻوڪُ = واتَ جو چُڙيل، وڏي واڪي ڳالهائڻ وارو.
ڳالهه وائکي ٿئي ٿي ته ماڻهن جي ڪچهرين جو موضوع بڻجي ٿي وڃي. وات جا چُڙيل ۾ گلا خور ماڻهو ڳالهه کي ڳالهوڙو بڻائي ٿا ڇڏين.
مثال: کُوهن جا واتَ بند ٿين، ماڻهن جا وات بند نه ٿين. (ٻهاڪن جي حڪمت 90)

**لوڪَ پسند پائجي، دل پسند کائجي.**

زماني جي رواج ۾ لوڪاڻي پسند مطابق پهرجي پر کائجي پنهنجي پسند ۾ مرضيءَ مطابق.

**لوڪُ مُنهن موڪُ.**

موڪ = وات جو چُڙيل، هيناهين زمين ۾ وهندڙ پاڻي، گهٽو.
ڏسو ٻهاڪو: "لوڪ ته آهي ٻوڪُ."
مثال: درياهن جا منهن به ڪنهن بند ڪيا آهن؟ (ماڻيلي..... 106)

**لوڪَ ليکي چري ڪَري، مڙس ليکي حُورَ، جٽي ڏنائينس پنڙا ته لهي ويس سُورَ.**

پنهنجائپ ۾ ڌاريائپ جي نظر ۾ فرق ٿو ٿئي. هڪ ماڻهو جيڪو ٻين جي نظر ۾ چريو ڪريو آهي سو پنهنجن جي نظر ۾ سنئون سالم ۾ ڪاراڻتو آهي.

**لوڪَ لَڏَنَ تي، چَري اَڏَنَ تي.**

چرين جا ڪهڙا چِٽَ؟ چريو ماڻهو اهو ئي ڪندو جيڪو هن جي دماغ ۾ آيو. ان جي غلط يا صحيح جي پرواهه نه ڪندو آهي.
ڪو ماڻهو جَهلڻ ۾ روڪڻ باوجود ضد تي ڪو ڪم ڪري تڏهن ائين چوندا آهن.

مثال: "ڏيهه ڪري ڏياري ته هرچند ڪري هولي." (سنڌي ٻهاڪا 117)

**لَئيءَ مان لٺِ پجي، لَئيار تيو وتي.**

لئي = لَئي وڻ جو قسم.
لئيار = لٺ وارو چگو مڙس.
پوءِ ڏائو ماڻهو جيڪو حيثيت کان وڏي ڏِک ڏئي.

## م

**ماتا پِتا گُرو حڪيم ۽ راجا جو چيو، ڪڏهن به نه موٽائجي.**

متا پتا= ماءُ پيءُ.
ماءُ پيءُ جو چيو موٽائبو ته نافرمان سڏبو. مرشد اڳواڻ يا چگي جو چوڻ موٽائبو ته بداخلاق ۾ نٺود سڏبو حڪيم جو چوڻ نه ڪبو ته صحت کي هاڃو رسندو ۾ وقت جي حاڪم جي چوڻ کي پُٺي ڏبي ته باغي سڏبو ۾ ڪاٺ ۾ پوندو.

**ماٺِ جهڙي مِٺائي ڪانهي.**

ماٺِ ۾ وڏي حڪمت رکيل آهي ڳالهائي پاڻ کي وائکو ڪرڻ کان ماٺ رهڻ چگو آهي.
مثال: "ماٺِ ڏاڍي مٺي آهي." (ٻهاڪن جي پيڙهه 30)

**ماکي نه ڏسي وَڻُ، عورت نه ڏسي مردُ.**

ماکي، مانارو ناهيندي آهي ته وڻ جي سُوڪ نه ڪندي آهي. ائين عورت جڏهن خراب ٿيندي آهي ته مرد جي سُونهن ۾ گُڻ نه ڏسندي آهي. آنڌَ جي گهوڙي تي سوار هوندي آهي.

**مايا جو مُريد، اندر جو پليدُ.**

ڌن دولت جي موهه ۾ انڌي ماڻهوءَ جي دل دماغ ۾ حُواسن تي رڳو دولت جو ڀوت سوار هوندو آهي. ان ماڻهوءَ جي اندر ۾ کوٽ ۾ اکين ۾ ماڻهپي جو پاڻي مُئل هوندو آهي.
مثال: "مايا اچي ته انڌو ڪري وڃي ته چيله پيجي." (سنڌي ٻهاڪا 115)

**مايا، ڇايا آهي.**

ڇايا - ڇانءُ، پاڇو.

دولت ڇانءُ جيان آهي جيڪا هڪ جاءِ نٿي ٽِڪي، پر ڦرندي گهرندي رهي ٿي.

**مايا ميڙ مڪڙَ سان، ڪاءُ، شڪر سان.**

مڪڙَ - دولابُ، ٺڳي، اٽڪل، سياڻپ.

شڪر - ڪنڊُ، مٺاڻ.

دولت چالاڪي ۽ سياڻپ سان ميڙجي، پر سڪ سانت سان خرچ ڪجي.

**مايا ۾ موهـُ، جيئن باگڙي ۾ ڳوهـُ.**

باگڙي قبيلي جا ماڻهو ڳوهه جو گوشت شوق سان کائيندا آهن. جيئن ڳوهه کي قاسائڻ لاءِ باگڙي جهنگ ۾ رلندا آهن تيئن دولت جا پوڄاري دولت جي حرص ۾ هڻ پير هٽي مري ويندا آهن.

**مايوسي ڪُفر آهي.**

الله جي رحمت مان نااميد ٿيڻ، ڪفر جي برابر آهي.

**ماديءَ مُنهون پنهنجي گهر جو سونهون.**

ماديءَ مُنهون - نڪمو ڏڄڻو بي همت ۽ زالاڻي طبيعت رکندڙ.

ڪانئر ۽ ڏڄڻو هجي يا نِڪمو پنهنجي گهر لاءِ شينهن آهي.

مثال: "ڇريون تہ بہ گهر وَريو." (سنڌي پهاڪا 90)

**ماديءَ ڪُڪڙِ بانگ ڏني.**

ڪو ماڻهو لڄ لاهي ڳالهائي اڻ ٽيڻي ڳالهه ڪري يا اجائي هامَ هڻي تڏهن توڪ مان ائين چوندا آهن.

مثال: "مادي ڪُڪڙِ بہ ڪڏهن بانگ ڏني؟" (گل شڪر 219)

**ماڇي نہ ماڻهو ڪُتو نہ مال.**

انگريز دور ۾ هٽي ڏني طبقاتي اونچ نيچ کي گهڻو وڌايو ويو هو ان کان سواءِ هندو سماج جي ذات پات واري سوچ جي ڪري ڏتڙيل ۽ پٺتي پيل قبيلن کان نفرت ۽ بچان ڪئي ويندي هئي، ميءُ پهاڪو ان سوچ کي پڌرو ڪري ٿو.

**ماڇين جو ڪُتو، مِرونَ جو همراهـُ.**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

مثال: "ماڇڪو ڪتو سوئر جو همراهہ." (اترادي پهاڪا 86)

**مارفاٽي ڪفن وڃ هووي، تہ بہ ڪن ڪريجي.**

مارفاٽي - ابڙن جو پاڙو.

ابڙن جي مارفاٽي پاڙي جا ماڻهو ڏنگا ۽ ويڙهاڪ هوندا آهن.

**مار ڪان پارُ خراب آهي.**

پارُ - طرفداري، تَلَهہُ پڌڻ.

پارَ لاءِ مارَ خراب آهي پر مار ڪان بہ پار جون غلطيون لڪائڻ ۽ جائز ناجائز طرفداري ڪرڻ خراب آهي، پٺ پڌڻ سان پار خراب ٿئي ٿو.

مثال: لَڪڙُ لائو ڏاندُ پرائو." (اترادي پهاڪا ...58)

**مار ڪان جِنَ بہ پڄيو وڃن.**

سنڌ جي ڪڏين رسمن مطابق جنهن عورت کي جن پوندو آهي تہ مائٽ جن ڪيڻ لاءِ پوپا يا فقير آڻيندا آهن. پوپا سُرندي جي ساز تي جن واري عورت کي وجد ۾ آڻي جن کان عورت جي پڇر ڇڏڻ لاءِ چوندا آهن. پر ڪو ويڍ جن پچر نہ ڇڏيندو آهي تہ پوپو يا فقير ان عورت جي جن کي ڪپڙي جو نوڙُ وٽي يا لڪڙ سان ڪُٽيندو آهي. چوندا آهن. تہ اُها مار اصل ۾ جن کي ڏيندو آهي ۽ مار تي جن پڄي ويندو آهي.

مثال: "ڪلو پنجون پيرُ." (اترادي پهاڪا 137)

**ماري پاڻ خدا ڏوهـُ ڏنائين ڏاند تي.**

زندگي ۽ موتُ خدا جي اختيار ۾ آهي پر موت ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان اچي ٿو جيئن بيماري يا اتفاقي حادثو وغيره.

مثال: "حيلي رزق، بهاني موتُ." (گلقند 82)

### ماريءَ مٿان بہ ماري وينو آهي.

جيڪو ڪنهن کي قتل ڪري ٿو يا ساهہ پري شئي جانور يا پکيءَ جو ساهہ وٺي ٿو ان جو ساهہ بہ ڪنهن جي هٿ ۾ آهي. ائين بہ اتفاق ٿيا آهن. تہ ٻئي کي قتل ڪرڻ لاءِ نڪتل ماڻهو پاڻ قتل ٿي ويندو آهي يا شڪار ڪندي شڪاري پاڻ شڪار ٿي ويندو آهي.

### مارجن تہ ميرَ پيئجن تہ کيرَ.

پاڻ کان ڏاڍي ۾ حيثيت ۾ وڏي سان مهاڏو اٽڪائجي جيتَ بہ سرهي تہ هارَ بہ سرهي کٽي ويو تہ واهہ واهہ ٿيندي پر جي مات کا ڏائين تہ بہ گلا ڪا نہ ٿيندي پاڻ ڏاڍو ڪٽي يا هارائي ٻنهي صورتن ۾ ڳلارو ٿيندو.

مثال: "پائجي تہ وڏي ڍير سان پائجي." (گلقند 51)

### مارجن تہ مير نہ تہ ڇڇَ ڇيپاڻ کان بس ڀلي.

ڏسو مٿيون پهاڪو.

مثال: "ماکوڙيون مارڻ ڪمُ نہ ڪيهر شينهن جو." (پهاڪن جي حڪمت 93)

### مارواڙيءَ مانءُ ڀلي نہ ڳانءُ ڀلي*.

مانءُ = ماءُ.

ڳانءُ = ڳئون، ڍڳي.

ڏڪار وارين حالتن ۾ مارواڙي ڏُتڙجي مال سميت ناري، واري پاسي لڏي ايندا آهن. ڏڪار سٽيل مارواڙين جو مالُ ٻکن جو ماريل ۽ ڏبرو هوندو آهي، ان ڪري ڳئن ۾ کير نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي ٻکن ۾ پاهہ ٿيل مائرن جي ڇاتين ۾ کير يا ٿڃ هوندي آهي.

### مارڻ واري جو هٿ روڪي سگهجي ٿو، پر چوڻ واري جي وات کي نٿو روڪي سگهجي.

ڪو ڏڪُ هڻندو تہ ان جو ڏڪُ گسائي يا روڪي سگهجي ٿو پر چوڻ واري کي ڪهڙي روڪ ٿيندي؟

مثال: "ماڻهن جا واتَ بہ ڪي بند ٿيڻ جا آهن؟" (پهاڪن جي حڪمت 93)

*هي پهاڪو برجستي ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار امر لغاريءَ وٽان مليو

### مانءُ آهي مهمانَ تي.

جهڙو مهمان هوندو ان جي خاطر مدارت ۾ آڌر ڀاءُ بہ اهڙو ئي ٿيندو.

مثال: "جهڙو مهمانُ تهڙي مهماني." (ماڃر 165)

### ماني اللهَ جي آهي.

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڪنهن وٽ ڪو مهمان مسافر يا واٽهڙو لڙي ويندو تہ خوشيءَ سان حال سارو ماني ٽڪرُ ڪارائيندا آهن سندن ويساهہ آهي تہ ماني کارائڻ ڪنهن تي ٿڌو ٿورو ناهي پر ماني الله جي آهي.

### ماني مَکَ سان، ملهہَ ڏکَ سان.

ماني مکڻ سان مکيل ڀلي آهي ۽ ملهہ اُها ڀلي آهي جنهن ۾ پهلوانن وچ ۾ سخت مقابلو ٿئي ۽ پهلوان ڏند ڀڄي وڃي.

### مانيءَ لاءِ جيئڻ کان مان لاءِ جيئڻ چڱو آهي.

پيٽُ تہ پکي پکڻ ۽ جانور بہ ڀرين ٿا رڳو پيٽ لاءِ جيئڻ زندگيءَ جو مقصد نہ آهي پر رُکو سُکو کائي اوچي ڳاٽ ۾ مانءُ سان جيئڻ ئي اصل زندگي آهي.

مثال: "ڀلي ٻُکَ پرم جي، شل نہ وڃي شانُ." (گلقند 123)

### مانگهہُ مُنا ڦڳڻ ڦولهڙيون.

مانگهہ ۽ ڦڳڻ = سنڌي سال جا مهينا.

مُنا = ٿلها ٿنيرا، صحت مند

مانگهہ مهيني ۾ پوکيل اناج جي منداٺي فصل جو داڻو ٿلهو ۽ صحت مند ٿئي ٿو ۽ ڦڳڻ مهيني ۾ پوکيل پاڇاتي فصل جو داڻو ماريل ۽ ڪمزور ٿئي ٿو.

### مالَ تي منائي آهي.

هن قديم پهاڪي ۾ جديد مارڪيٽنگ جي اُصول جو تصور موجود آهي تہ جنس يا مال جي اگهہ جي ڪٽ ان جي ڪپت جي گهرج ۾ معيار جي آڌار تي ٿيندي آهي.

مثال: "مال تي منائي آهي، پنڌ تي پاڙو." (ماڃر ... 169)

مثال: "ماڻهو سڀ چڱا، پر ڪي ڪن سان، ڪي ڪِن سان." (گل شڪر 221)

**ماڻهوءَ کي پنهنجا سُکَ تا رُئارين.**

مُئي ماڻهو لاءِ روئندڙ ماڻهوءَ کي، وڇڙيل ماڻهوءَ جا ڏنل سُکَ چڱايون ۽ يادون روئاريندڙيون آهن.

**ماڻهوءَ ڪرندي ۽ مُنڌَ متجندي دير ئي ڪا نہ ٿي لڳي.**

جيئن ڏسندي ڏسندي موسم متجي ٿي وڃي تيئن ماڻهوءَ کي خراب ٿيڻ ۾ دير ئي نٿي لڳي.

**ماڻهوءَ ڪرڻ جي مُنڌَ آهي ئي ڪا نہ.**

ڏسو مٿيون پهاڪو.

**ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ ۾ اَوسِ ڪمُ پوي.**

ماڻهوءَ غريبُ هجي يا اميرُ ننڍو هُجي يا وڏو پر ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ڪنهن غريب ۽ ننڍڙي ماڻهوءَ ۾ بہ ڪم پئجي ٿو وڃي.
مثال: "سَتَ رَڇيءَ جو بہ هڪ رڇيءَ ۾ ڪم پوي" (پهاڪن جي حڪمت 83)

**ماڻهوءَ جو قدرُ مُئي ڪان پوءِ ٿو ٿئي.**

ماڻهوءَ سميت هر شئي جو قدر ٻن موقعن تي ٿيندو آهي، ملڻ يا حاصل ٿيڻ ڪان اڳُ ۽ هٿ مان نڪرڻ يا وڃائجڻ ڪان پوءِ. ماڻهو جيئرو آهي تہ ان جو قدر ۽ احساس نٿو ٿئي پر مرڻ ڪان پوءِ ان جا گڻ ۽ چڱايون ياد پون ٿيون ۽ ڪوت محسوس ٿئي ٿي.
مثال: "ويئي وِٿَ جو قدرُ" (گلقند 127)

**ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڀاڳُ آهي.**

هر ماڻهوءَ جو پنهنجو ڀاڳُ ۽ نصيبُ آهي، نصيب ۾ جيڪو لکيو آهي، اُهو ئي ڪيس ملي ٿو.
مثال: "هر ڪنهن پنهنجو ڀاڳ." (گلقند 128)

**ماڪَ پيئڻ سان اُڃ نہ اُجهامي.**

ڏسو "ڳُڙ ڳُڙ چوڻ سان...."
مثال: "مُڃَ جو پئي، پيٽ ڪو نہ ڀربو." (گلقند 120)

**ماڪڙ وڏي آفتَ.**

ماڪڙ - لکن جي انگ ۾ مکڙن جو وڏو لشڪر.
اڳ جڏهن مڪڙن جو وڏو لشڪر حملو ڪندو هو تہ نہ رڳو فصل کائي چٽُ ڪري ڇڏيندو هو پر وڻن جا پَنَ بہ کائي وڻن کي ٺوڙهو ڪري ڇڏيندو هو. ان ڪري ماڪڙ کي آفت چوندا هئا.

**ماءُ پيءُ اولاد کي عرش تان ڪٽي فرش تي آڻين،**
**استاد فرش تان ڪٽي عرش تي پُجائي.**

ماءُ پيءُ اولاد کي جڻي ڏيهہ ڏيکارين ٿا پر استاد. ٻار جي ذهني آبياري ڪيس علم ۽ آگهي جو شعور ۽ ساڃاهہ ڏئي جيون کي سڦل بڻائي ٿو.

**ماءُ پيءُ اولاد لاءِ ڇپر ڇانُ آهن.**

ماءُ پيءُ اولاد جي سُکَ، سلامتي ۽خوشين لاءِ جيئندا آهن ۽ اولاد لاءِ سائبان هوندا آهن.

**ماءُ پيءُ جو پتيل ڪڏهن بہ نہ سڌرندو.**

ماءُ پيءُ کي رنجائڻ واري اولاد کي مائٽن جي پٽ ۽ پاراتو ڪائي ٿي وڃي، اهو ساري ڄمار نہ سڌرندو.
مثال: "ماءُ جي پِٽَ گُسي، پيءُ جي نہ" (اترادي پهاڪا 86)

**مائٽَ جو مَنُ ميڻ، اولاد جو من پَٿرُ.**

ماءُ پيءُ جو مَنُ ميڻ جيان نرمُ هوندو آهي اولاد جي ڏک ۽ تڪليف تي جُهري پوندو آهي پر اولاد جو مَنُ ڪُنور ۽ پٿر جيان سخت هوندو آهي. مائٽ جي آهنج ۽ تڪليف تي اولاد کي ايترو ڪُسڪ نہ ايندو آهي جيترو مائٽ کي اولاد لاءِ ٿيندو آهي.
مثال: "مائٽ جي دل مکڻ، اولاد جي دل ڪنڊ." (گلقند 119)

**مائٽُ مَجنون آهي.**

اولاد سان مائٽَ جو پيار ڪنهن سچي عاشقي جيان سِرَ گهور هوندو آهي.

**مائٽَ مَرنِ مُجيجي نہ مَرنِ.**

مُجيجي - دل وارو عيبن ثوابن ڪان واقف، راز دان، حال محرم، عورت جو يارُ سيندو.

ڪِني عورت کي پنهنجو يارُ ۽ دل وارو پنهنجي مِٽن مائٽن کان بہ وڌيڪ پيارو هوندو آهي، ان تي ڪکَ بہ نہ سهندي آهي.

**ماءُ ڏسي پيٽَ جا گُهنجَ، زال ڏسي کيسي جا گُهنجَ.**

ڏسو پهاڪو: "زال مڙس جو کيسو...."

**ماءُ جي پيرن هيٺان جَنت آهي.**

اَمڙ جي خدمت ۽ سيوا ڪرڻ وارو جنت ۾ جايون جوڙي ٿو.

**ماءُ جي مارَ ۾ بہ پيارُ آهي.**

ماءُ پنهنجي اولاد کي مار ڏيندي آهي تہ ان ۾ نفرت ۽ ڌڪار جو جذبو نہ پر پيار هوندو آهي.

**ماءُ جو پيٽُ ڪنير جي آوي.**

آوِي = باھ جي کوري، جنهن ۾ ڪچا ٿانو پچندا آهن.

جيئن ڪُنير جي آويءَ مان ڪي پڪا ٿانو نڪرندا آهن، ڪي پيلا، تہ ڪي اڌ پڪل تيئن ماءُ بہ اولاد ڄڻيندي تہ ان مان ڪي چڱا ٿيندا آهن تہ ڪي ڍلا ۽ لُچ لوفر.

**ماءُ ڄڻي بار بار زبان ڄڻي هڪ وار.**

پڪو واعدو هڪ سُخن ۽ هڪ زبان، ڏيتي ليتي يا وهنوار ۾ ڪنهن کي زبان ڏيڻ مهل ائين چوندا آهن.

**ماءُ ڄڻي پُٽڙا وَنڊي نہ ڏي ڀاڳ.**

ماءُ اولاد ڄڻيندي آهي پر اولاد جو ڀاڳ سندس هٿ ۾ نہ هوندو آهي، ڀاڳَ جي ونڊ ورهاست مائرن جي هٿ ۾ هجي ها تہ دنيا ۾ ڪو نياڳو ڳولئي بہ نہ لڀي ها.

**ماءُ مُولِهي، پُٽ فتح خان.**

مُولِهي = وڏي ڄمار واري هيٺي غريب ۽ لاچار عورت.
ڏسو پهاڪو "پيءُ پِني، پُٽُ....."
مثال: "ماءُ مري گندي جي بار سان"، پُٽ پاٽي خان." (ماٽيلي... 107)

**ماءُ نہ وِيائِي، ماسي ويائي.**

ڏسو پهاڪو: "ماسات، مٺي ذات..."

**مُٺِ پيڙيائي پلي.**

ڳالھ ڍڪيل ۽ پردي ۾ چڱي آهي، ڳالھ وائکي ٿي تہ پراون ڪنن تائين پهچي رسوائيءَ جو ڪارڻ بڻجي ويندي، ائين جيئن مُٺِ بند آهي تہ ڪجھ ۾ آهي پر مُٺ ُ لي تہ ڪجھ نہ رهندو. هٿ کي ڪليل نہ ڇڏجي، فضول خرچي ماڻهوءَ کي سُڃو ۽ ڏنو ڪري ٿي ڇڏي.
مثال: "مُٺِ پيڙيائي پلي اُپٽي تہ واءُ" (شاھ ڪريم)

**مِٺو ڳالهاءِ، سَچ ٻُڌ، سُٺو ڏسُ ۽ سائين سدائين ساڻ سمجھُ.**

ڏيرج ۽ ميٺاج واري لهجي، ٿڌي مزاج سچ ٻُڌڻ جي حوصلي ۽ سُٺي سوچ واري سان ربُ سائين سدائين ساڻي هوندو آهي.

**مَٽيارين جو موتُ ويندي چي ويرم*.**

ويرمَ = وير.
ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ مٽياريءَ جي ڪجھ عالمن فتوي ڏني هئي تہ جنهن هندوءَ ڪنهن مسلمان کي "ادا"، "ڀائو"، "يار"، "دوست" يا اهڙي لفظ سان مخاطب ڪيو تہ اهو ڄڻ مسلمان ٿي ويو ان دور ۾ ٻاڪيل پوٽا سيدن جي پڳدار حاجي ميراوِل شاھ وٽ تہ هندن کي مسلمان ڪرڻ جي سَند هئي. ادا، ڀائو ۽ يار چوڻ وارن هندن کي جهلي وٽس آندو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي زوريءَ مسلمان ڪري هٿ تي مُهر هڻي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ هندن جو اندر ساڙڻ لاءِ ان کي ڪلهن تي کڻي شهر جو سرگس ڪرايو ويندو هو اهو سلسلو انگريزن جي دور ۾ بہ ڪجھ عرصي تائين جاري رهيو.

**مِٽي مِٽيءَ کي ڇڪيندي آهي.**

انسان مٽيءَ مان ٺهيو آهي ۽ قبر جي مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿيڻو آهي.

---

* تاريخ مٽياري، مقصود احمد قاضي، صفحو 24 علمي ادبي اشاعت گھر مٽياري.

**مڪ نہ ماري، مڪ جي مروڙ ماري.**
مڪ نٿي ماري پر مکين ھاٿو ڪاڏو ڪائڻ سان پيٽ ۾ جيڪا تڪليف ٿئي ٿي اھا خراب آھي.
مثال: "ڳالھہ نہ ماري، ڳالھہ جو مامرو ماري" (ماجر..176)

**مک وانگر مُنھن مٿو پيو پٽي؟**
ناشڪرو ۽ روئڻو ماڻھو جيڪو ھر وقت ڪِينَ جو ڳَنو چاڙھي مک وانگر منھن مٿو پيو پٽيندو آھي.

**مکڻُ کائيندي بہ ڪو مٿو ٽپي؟**
ھڪڙو تہ ڪنھن ماڻھوءَ جي فائدي جو ڪم ڪجي ۽ اڳلو ان ڪم مان ويڪون ڪڍي ۽ ڪِر ڪِر ڪري، تڏھن چوندا آھن.
مثال: "مکڻ کائيندي بہ ڪو مٿي ۾ سُور ٿئي؟ (پھاڪن جي حڪمت 94)

**ميان بيوي راضي تہ ڪوھہ ڪندو قاضي؟**
ڪوھہ = ڇا، ڇو.
بہ ڌُريون پاڻ ۾ کير کنڊ ھُجن تہ ٻيو ڪو ڇا ڪري سگھندو؟
مثال: "گھوٽ ڪنوار راضي تہ ڪوھہ ڪندو قاضي؟" (گل شڪر 205)

**ميان جي، وَل نہ ڏيلھي کاسان.**
ڏيلھو = ڪِرڙ جي وَڻ جو ڦَرُ، پَڪو ڏوٿرو ڏينو.
ڪِرڙ جي وَڻ جي ڪچي ڦَل کي ڏوٿرو يا ڏيلھو چوندا آھن، ان مان پاچي بہ ٺيندي آھي تہ آچار بہ ٺھندو آھي. جڏھن تہ ڪرڙ جي وَڻ جي پڪل ڦَلَ کي پڪو چوندا آھن. جيڪو مٺو ۽ سوادي ٿيندو آھي پر ڏوٿرو يا پڪو وڏيڪ کائڻ سان قبضي ٿئي ٿي.
ڏسو "اُھي تيڏي..."

**ميڏي دل وچ ڪلمان.**
ڏسو "اسان جي دل ۾...."

**ميراثين جو ٻارُ، روئي تہ بہ سُرَ ۾.**
سُر ۽ سازُ ميراثين جو مُھا مُرڪُ ۽ ڏاجُ بہ ھوندو آھي تہ سُڄاڻپ جو حُوالو بہ راڳُ انھن جي جنس ۾ ھوندو آھي. ميراثين ۽ مڱڻھارن جو ٻار بہ سُر ۽ ساز سان لڳاءُ رکندو آھي.

**ميون کي گھران لڳي.**
سدائين پروسي جھڙن دوستن، ويجھن ساٿين ۽ رازدان ماڻھن مان ئي اچيھو رسندو آھي.
مثال: "ميرن جي گھران لڳي." (سنڌي پھاڪا 102)

**مينھَن پيو سياري، ڏُرت وٺي ڪِناري.**
ڏُرتِ = ڏُڪار ڪالُ، ڏولاٺو تنگي، مصيبت
سياري جو مينھن، فصلن لاءِ لاڀائتو ٿئي ٿو.

**مينھن مُٽيو پاٽيءَ ۾.**
نصيحت ۽ سمجھاڻيءَ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيڻ.
مثال: "رڌِن اڳيان رباب، وڄائيندي ورھيہ ٿيا. پر ٻولي ساڳي "ٻي". (گل شڪر 130)

**ميلي تي ھزاري وڃي يا مَداري.**
ميلي جو شوقُ خرچ ٿو گُھري، ان ڪري ميلو گھمڻ لاءِ اھو وڃي، جيڪو خرچ ڪري ڪائي پيئي ۽ گُھمي ڦري يا نقير ۽ مداري وڃي جيڪو ميلي ۾ ڪمائي بہ تہ ڪائي بہ.

**ميلو لڳو ٿي منھنجو پٽڪو چورائڻ لاءِ ھو.**
ڪو ماڻھو ميلو گھمڻ ويو ميلي ۾ گھمي ڦري رات دير سان درگاھہ جي اڳڻ ۾ پٽڪو لاھي سيرانڊ ڪري سُتو تہ ڪو شاھينگ پٽڪو چوري ڪري ويس. صبح ننڊَ مان اٿيو ۽ پٽڪو نہ ڏسي اندر سڙئي ڪان ائين چيائين.

**ميوو پچي ٿئي مِٺو، ماڻھو پچي ٿئي ڪڙو.**
ميوو شاخ ۾ جيئن پيو پچندو تيئن مِٺو پيو ٿيندو. پر ماڻھو جيئن پيو ڪراڙو ٿيندو تيئن اُن جي سھپ ويندي گھٽجندي ۽ چِڙ ۽ ڪاوڙ مان پيو چڙٻون ڏيندو.

**مُحبتَ انڌي آھي.**
مُحبت اھڙو ڪرشماتي جذبو آھي، جنھن ۾ ماڻھوءَ کان سمجھہ ڇڏائجي ٿي وڃي، پرين ۽ پرين جي ٻچار ڪان سواءِ ڪيس ڪا بہ ڳالھہ نہ وڻندي آھي.

**مُحبت دوزخ کي جنت ۽ رَنج کي راحت بڻائي ٿي.**
مُحبت ۽ پيار اهڙي اَملهه وٿ آهي جنهن سان نفرتن ۽ کدورتن سميت سمورن ناڪاري جذبن جي ڪڙاڻ کي ڪٽي ميناج ۾ بدلائي سگهجي ٿو.
مثال: "محبتي مَرِن ته ٿيهي لوڪان لڪا پوي" (گل شڪر 223)

**مُحبت ڪٿي نہ پر ٿي ويندي آهي.**
محبت ڪنهن رٿابندي يا ڪوشش سان نہ ٿيندي آهي اها تہ سڌيءَ ريت روح تائين رسائي رکندي آهي.

**مُحبت، مَٿپ مان نہ ڄاڻي.**
مٿپ = مُحبت تُوئي پاتي چوٽائي ۽ تور تَڪ ۽ ماپ جو وڪر ناهي هن ۾ ڪا بہ درجابندي نہ ٿيندي آهي.

**محبتَ ۽ جنگ ۾ سڀ جائز آهي.**
جيئن جنگ ۾ نيون نيون حڪمت عمليون جوڙبيون آهن، تيئن محبت ۾ بہ رنج روساما ۽ رُسڻ پرچڻ جائز آهي.

**محتاجي اولاد جي بہ چڱي ڪانهي.**
پرائي هٿ وَسِ محتاجيءَ واري زندگي ڏاڍي عذابَ واري ٿئي ٿي پوءِ اُها مُحتاجي اولاد جي ئي ڇو نہ هجي.

**مِحنت سُنتَ آهي.**
هَٿن پيرن جو پورهيو ڪري حق حلال جي روزي ڪمائڻ سنت نبوي آهي.

**مچبو تہ مچائبو.**
ٻئي کي اُهوئي ماڻهوءَ مچائي سگهندو جنهن ۾ پاڻ مچڻ جي خوبي هوندي.

**مَڃڻُ مُراد آهي.**
پنهنجي غلط ۽ اڻ تصديق ٿيل ڳالهه تي اَڙجي وڃڻ جهالت آهي. پنهنجي غلطي ۽ ٻئي جي درست موقف کي مڃڻ فراخدلي آهي.

**مَڇ ۾ گهڙبو تہ پَڇ ۾ ڪهڙو ڏجبو؟**
ڏسو پهاڪو "ٻيرن تي چڙهبو...."

**مَڇيءَ جي پُونگ کي تَرڻُ ڪنهن سيکاريو؟**
پونگ - مڇيءَ جي آني مان نُڪتل ٻچو.
مڇيءَ جي ٻچن کي ترڻ لاءِ سِکيا وٺڻ نٿي پوي، اهو هن جيُ فطرت ۾ شامل هوندو آهي.

**مُعاملي ۽ مُقدمي کان پاڻ کي بچائجي.**
ڪنهن معاملي ۾ اڙجڻ ۽ ڪنهن ڪيس ۾ ڦاسڻ کان پاڻ کي بچائجي.
مثال: "معاملا اُسرندا بہ نبرندا بہ" (اترادي پهاڪا 87)

**مَري پنهنجيءَ موتِ تہ بہ ڪاني ڪلهوڙن جي.**
ڪاني ڪرامتن تي اندو ويساهہ رکندڙ سادا ماڻهو هر نقصان ۽ بيماريءَ کي پير مرشد جي پِٽ پاراتي ۽ ڪانيءَ جو ڪارڻ ڄاڻندا آهن.

**مري چاڪي ڄُتي ڏاندُ.**
چاڪيءَ جو ڏاندُ گهاڻي ۾ وَهندو ۽ ڳهندو رهندو آهي. چاڪيءَ جي گهر ۾ موت فوت وارا ڏهاڙا ئي ڪيس سک جو ساهہ کڻڻ لاءِ ملندا آهن.
مثال: "ڪاٺُ ڪُتو واڍو ڄُتو." (گلقند 105)

**مَري نہ ميهارُ تہ وٿاڻُ ولهو نہ ٿئي.**
مالُ آهي سنڀال سان، مال ۽ وٿاڻ جو ڌڻي آهي تہ مالُ بہ سلامت هوندو تہ وٿاڻ بہ آباد هوندو.

**مَردُ پڙهيو فَرد پڙهيو، زال پڙهي گهرُ پڙهيو.**
گهر ۾عورت پڙهيل هوندي تہ اُها ٻارن جي بهتر تعليم ۽ تربيت ڪندي ۽ سڄو گهر علم جي روشنيءَ سان اُجرو هوندو.

**مَرد جي زبان هِڪڙي.**
ڏسو پهاڪو "ماءِ ڄڻي بار بار...."
مثال: "ڦردي گهردي نامرد، مردان دي هُڪي هِڪ." (گل شڪر 72)

**مرد جو ڏاڙهي قرارُ، عورت جي سِينڌ.**
قرار = اقرار، واعدو وچن.
سنڌَ ۾ اَڄُ بہ مرد ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي ۽ عورتون سينڌ تي هٿ رکي وَچن ڪنديون آهن.
نہ ڦِرڻ وارو مُنڌيءَ تي تِڪَ جهڙو پڪو واعدو.

**مُنڍيءَ تي نڪَ.**

ڦهندڙ ۽ ٽهڪندڙ ڳالهه. پڌري ڳالهه.

**مَن جا لَڏُون، ٻَڪَ نـہ لاهين.**

من جا لڏون - خيالي ڪاڏا.
ڏسو پهاڪو. "ماڪ پيئڻ سان...."

**مَن جيتي، جَڳَ جيتي.**

ڪنهن جي دل وٺڻ ۽ ڪنهن جي دل ۾ جاءِ ٺاهڻ، جڳ کي جيتڻ برابر آهي.

**مُنهن اَڇي ڪان، اندر اڇو پَلو.**

ڏسو پهاڪو "اندر ڪاري ڪان...."
مثال" "هنيانءَ تتيءَ ڪان، ڪڙيءَ تتي چڱي آهي." (گل شڪر 235)
"مُنهن تہ آهيريان ٿي اُجرو اندر ۾ ڪارو." (شاهه)

**مُنهن ڏِسي، مـنـائي گُهرجي.**

حيثيت آهر ڪم يا سوالُ ڪجي.
مثال: "مُنهن ڏِسي تِلڪُ هَڻجي. (گل شڪر 228)

**مَنش، مان ۽ منهنجو ڪرڻ سان مري ٿو، تُون ۽ تنهنجو ڪرڻ سان تري ٿو.**

منش - ماڻهو انسانُ.
حِرص ۽ وڏائو ڪرڻ سان ماڻهو آپي مان نڪري ٻين جي نظر ۾ ڪِري ٿو پوي، پر نهٺو ۽ گهٽ گهرو ماڻهو ٻين وٽ مان لهي ٿو.

**منهنجي آڱوني مٿي سُور.**

ڪنهن کي سمجهائجي ۽ اهو سمجهہ نہ وٺي تہ ان کي بيزاريءَ مان شهہ ڏيڻ لاءِ ائين چوندا آهن.

**منهنجون اکيون، تنهنجون لَتُون.**

ڪنهن جو آڌر ڀاءُ ۽ آجيان ڪرڻ مهل انڪساريءَ مان ائين چوندا آهن.

**منهنجون اکيون ٿَڦيون.**

ڪو بہ اعتراض نہ هئڻ، خوش ۽ راضي هئڻ.

**مُنهن چڱو نـہ هجي، تـہ ڳالهہ چڱي ڪجي.**

ماڻهوءَ جو ماڻهپو شڪل صورت مان نہ پر گُڻن مان پڌرو ٿيندو آهي. ڪوجهي صورت وارو ماڻهو بہ سٺن لڇڻن ۽ اخلاق سان مانُ لهندو آهي.
مثال: "واٽيو ڳُڙ نہ ڏي، پر ڳُڙ جهڙي ڳالهہ ڪري" (اترادي پهاڪا 90)

**مُنهن ۾ مُلان، چِتِ ۾ چورُ.**

چِتَ = دل، من، نيت.
دل ۾ بيائي دُوئي رکڻ وارو ماڻهو جيڪو ظاهر زبان ۾ تہ مٺو هوندو آهي، پر دل ۾ ڪوٽ رکندو آهي.
مثال" "مُنهن ۾ ملان، دل ۾ ڪاسائي." (سنڌي پهاڪا 113)

**مُنهن، مُنهن سان ضرور لڳندو.**

ماڻهو ڪيڏو بہ رُٺل ۽ ڪاوڙيل هجي پر ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي ضرور منهان مُنهن ٿيندو.
مثال: "آنَ جو مُنهن، جنڊَ ڏانهن." (پهاڪن جي حڪمت 65)

**مُنهن نـہ ٿو ڏوئين؟ چي، "غريبت آ."**

غُربت رڳو ڌن دولت جي اٿاٿِ ڪري ئي نہ هوندي آهي، پر غربت جو هڪ قسم ذهني غربت بہ آهي، پنهنجي بي عقلي ۽ بدلڇڻائيءَ کي ڪو غربت ۾ لڪائي تہ ائين چوندا آهن.

**مُلان جي پريت طَبَقَ تائين، ڇوڪرن جي پريت سَبق تائين.**

طَبقُ = ٿباڪُ، ڀاڻوڙو، وڏي ٿالهي، جنهن ۾ پَٽُ وجهي کائيندا آهن.
پيٽوڙي ملان کي کاڌي جي لوري لڳل هوندي ۽ شاگردن کي اها چنتا هوندي آهي تہ سبق ملي تہ موڪل ٿئي.

**مُلان جي ڪُنِي، اڻ ڏِني حلالُ.**

مسلمانن ۾ حلال جانور کي سِيرَ وجهي ذبح ڪرڻ وقت جانور جو منهن ڪعبي ڏانهن ڪري "بسم الله الله اڪبر" پڙهڻ ضروري هوندو آهي پر جڏهن ڪو ملان جانور کي ذبح ڪري تہ خاطري ٿي وڃي ٿي.

وڏي ماڻهوءَ جو هر ڪم، هر ڳالهه جائز پوءِ اها ڪوڙ چو نه هجي سچي سمجهي ويندي آهي.

### مُليان دي افعالن اسان ڏي اعمالن، پڇين بهشت وچ به ڪنگ رڙسن.

ڪنگ رَڙڻ = سُڃ يا ويراني ٿيڻ.
مُلن جا لڇڻ ۽ اسان جا عمل اهڙا آهن، جو بهشت ۾ سُڃ پئي واڪا ڪندي.

### مُلي جا به سانگ، جتي پارو اُتي بانگ.[3]

پارو = چُلهه جو ٻارڻ، رڌو پڪو کاڌو.
هن پهاڪي ۾ ملاڻي ڀهروپي سوچ ۽ لوڀ لالچ واري ڪرت کي آندو ويو آهي.
مثال: "ساڌو به آگرواڌو." (پهاڪن جي حڪمت 82)

### مُلو جيئن چوي تيئن ڪجي، جيئن ڪري تيئن نه ڪجي.

هتي مُلن موراڻن ۽ عالمن جي قول ۽ فعل جي تضاد کي آندو ويو آهي ته اُهي پنهنجي واعظن ۾ جيڪي دين جون سٺيون ڳالهيون ٻڌائين ٿا، اُهي سندن ذاتي ڪردار ۾ نظر نه اينديون آهن.

### مُلو مُجاور مَڇلو تيئي ڪميڻي ذاتِ، هڏو ڏئي واتِ ڏٺيءَ ڏُتاري چڙيا.

مَڇلو = ڪسبي ناچو عورت، ڪيري يا وئشيا جو دلال.
ڏُتارڻ = ڀنيلائڻ، هرڪائڻ.
ملان موراڻا درگاهن جا مُجاور ۽ رنڊيءَ جا دلال، ٽئي لالچي مطلبي ۽ پئسي جي حرص ۾ انڌا هوندا آهن. ان ڪري ڏٺي سائينءَ به ڪين لالچ جو سٽيو ٽڪر ڏئي، ڀنيلائي چڙيو آهي.

### مُلو مُئو وَڻ جو چوڙو، موالي مُئو سنڌ کي لوڏو.

سنڌ ۾ مُلان ۽ موالي هڪٻئي جا مخالف ۽ نقاد رهيا آهن. ٻنهي وچ ۾ گفتن ۽ ٽوٽڪن جي سرد جنگ رهي آهي، موالين جو هيءُ گفتو به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

### مَلهه آهي پوئين.

مَلهه راند ۾ ٻن پهلوانن جي وچ ۾ مقابلي جون ٻه مَلهون ٿينديون آهن پهرين مَلهه ٻنهي پهلوانن مان پلي ڪو به کٽي پر ڪامياب اهو ٿيندو آهي، جيڪو پوئين ملهه کٽيندو ۽ سرسي ڪندو.
ڪنهن به ڪم جي آهي پڇاڙي اڳياڙي ڪهڙي به هجي، پر ڳڻپ ۾ پڇاڙي ايندي آهي.

### مَلهه ڏَئي، مرگهي ورتيسون.

ملاکڙي ۾ ڪجهه پهلوان ايئن صلاح تي ملهه وڙهندا آهن، جيئن ڪرڪيٽر مئچ فڪسنگ ۾ کيڏندا آهن. هڪ پهلوان صلاح ۾ پهرين مَلهه ٻئي پهلوان کي ڏني ۽ هن وارو ڪٽي مٿو مٿي تي ڏئي، اهڙو هنيس جو ڏندڻجي ويو ۽ بت ۾ مرگهي واري مريض جيان رڦٽي پئجي ويس.
ڪو هٿ وٺي مُصيبت ڳاٽي ۾ وجهي ته ائين چوندا آهن.

### مَلهه ۾ ڏَڪُ آيس، هاٽي راڳ پيو سِکي.

ملهه رت رتيءَ، جوتِ اکر ۽ طاقتَ واري ڏکي راند آهي. ڏڪَ به ايندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته هڏ به ڀڄي پوندا آهن. راڳُ سِکڻ سولو ڪم آهي.

### مَلهه ۾ مُئو ته مائٽن تي پيو.

مَلهه راند آهي ۽ راند ۾ اجائو سجائو ڏڪ لڳي وڃي ته انکي ڏوهه نه سمجهيو ويندو آهي. اُهو راند جو حصو آهي.

### مَلهه ۾ سيدي پيري آهي ئي ڪا نه.

راند ۾ ڪا به اُونچ نيچ ۽ ننڍ وڏائي نه آهي مَلهه ۾ پيري فقيريءَ جي ڪا به رعايت نه ٿيندي آهي. داءَ تي چڙهيو ته. متان ڪري پٽ تي هٽندس.
مثال: "راند ۾ نڪو سيدُ نڪو پيرُ." (ماجر..... 172)

### مَلهه وڙهه، ڏَڪُ آيو ته مون تي.

ڪم ڪڍائو ماڻهو جيڪو پنهنجي مفاد ۽ مطلب لاءِ ٻئي کي ٻوهي ۾ ڏيڻ کان به ڪين ڪيٻائيندو آهي، ان ڏانهن اشارو.

---

[3] هيءُ پهاڪو، ناميار ڪهاڻيڪار، پير عبيد راشديءَ کان مليو.

**مولا! مارينسِ يا مَيائينسِ.**
سَڌڙيا عاشق پنهنجي محبوب لاءِ ائين چوندا آهن.

**مولا! ڪِرِ ڪمَ سَولا.**
دُعا جي چوڻي آهي جيڪا سنڌ جا ماڻهو اُٿندي ويهندي ورجائيندا آهن.

**مُولِهي مَري، ڏَيُ نہ چَري.**
خُوددار ڳالهہ ڳَٺُ ۾ اُصول وارو ماڻهو ڪڏهن بہ پنهنجي ڳالهہ ۾ اُصول تان نہ هٽندو هو غريبي حال ۾ جيئندو پر هيٺي ڪو نہ ٻوليندو.
مثال: ”مرسان مرسان ڏيُ نہ چرسان “(گل شڪر 230)

**مَڻَ پويان ايڪيتالُ.**
واپاري اناج يا زرعي جنس وٺندا آهن تہ تور مهل ڪٽتو هٽندا آهن. يا اَنُ پينهائڻ مهل چڪيءَ وارو بہ مڻ تي هڪ ڪلو گرام ڪٽوتي ڪندو آهي. چاليهہ ڪلو تور تي هڪ ڪلو واڌو ڪٽوتي ڏاڍي خراب ٿيندي آهي.
ڪو ماڻهو ڏئي نہ وٺي ۾ پڇرَ بہ نہ ڇڏي تہ ان لاءِ بہ ائين چوندا آهن.
مثال: ”اُٺ جي ٻنيان، ڪِهنبڙي.“ (گل شڪر 13)

**مُهاڻن جا ڪُتا بہ سونا.**
اڳُ جڏهن مڇي مارڻ تي نہ ٺيڪيداري نظام هئا نہ ٺي ڍنڍين، ڍورن ۾ پاڻين تي محصول هئا. تڏهن سنڌ جا مُهاڻا ڍنڍين، ڍورن، درياهہ ۽ سمنڊ مان مڇي، پلو ٻهہ پيڻ ۽ لوڙهہ مان ڪمائي آسودي زندگي گذاريندا هئا.

**مُهري پراڻي، تہ بہ پِترن پِڇڻ لاءِ ڪوڙ.**
مُهري = ڪاٺ جو گهڙيل ٿُلهو ڏنڊو مولهڙو جنهن سان ٽڪر جي اُکريءَ ۾ اَنُ ڇڙيندا آهن.
مُهري پلي اُکريءَ ۾ اَنُ ڇڙڻ لائق نہ رهي، پوءِ بہ ان سان پِتر تہ پِچي سگهجن ٿا.
ڪا بہ شئي بيڪار نہ هوندي آهي ناڪاره ٿيڻ کان پوءِ بہ ان مان ڪو نہ ڪو ڪم وٺي سگهجي ٿو.
مثال: ”پکي پکي ڏونگري، تائين پِترن پِچڻ لائق.“ (ماتيلي.... 103)

**مِهرُ سچائيءَ تي اچي تہ ڪڙهہ تي ڪير پياري.**
مِهر = ميهارُ مينهن جو ڌنارُ
ڪڙهہ تي ڪير پيارن = ٿُرت ڪم ڪرڻ ترت فائدو ڏيڻ.
مَن ۾ سچائي ۽ خُلوص هجي تہ ڪنهن جي ٿُرت واهر ۽ مدد ڪري فائدو ڏئي سگهجي ٿو.

**مِهرَ گهٽي ڪيرُ تورو.**
ٿهلَ تاڪور ۽ خدمت گهٽي، پر ان جو صِلو ۽ اُجورو تورو سُٺي چاري ۽ ٿهل ڪان پوءِ بہ مينهن يا ڍڳي تورو ڪير ڏئي تڏهن ائين چوندا آهن.

**مهمانُ اچي پنهنجي مرضيءَ سان، وڃي ٻئي جي مرضيءَ سان.**
اڳ پري ڪان ڪو دل گهريو مِٽ مائٽ مهمان ٿي ايندو هو تہ ڪيس زوريءَ بہ چار راتيون ٽِڪائي ڇڏيندا هئا.
مثال: ”بختاور سو جنهن جي گهر ۾ مهمانُ“ (اترادي پهاڪا 31)

**مِهمانُ بي زبانُ.**
سنڌي ماڻهو پنهنجي مزاج ۾ لڄهڙو هوندو آهي، ڪٿي مهمان ٿي وڃي تہ ضرورت هوندي بہ ڪنهن شئي جي گهُر نہ ڪندو آهي.

**مهمان پنهنجو روزُ پاڻ سان ڪٽي تو اچي.**
سنڌ ۾ مهمان کي وڏي عزت ڏني ويندي آهي، ميزبان پاڻ کي ڀاڳ وارو سمجهندو آهي، سنڌ جي ماڻهن جو عقيدو آهي، تہ مهمانُ پنهنجو روز پاڻ سان ڪٽيو تو اچي.

**مهمانُ ٽِڪائڻ پنهنجي وَسِ آهي.**
ڏسو چوڻي، ”مهمانُ اچي....“

**مَهلُون بہ مُڙسن تي ايندِيون آهن.**
زندگيءَ جون آزمائشون ۽ ڏُکيون مهلون بہ مڙس ماڻهن ۽ جوانن تي ايندِيون آهن ۽ مردن جي مردانگي همت ۽ بردباريءَ آڏو مات کائي ويندِيون آهن.
مثال: ”مردن کان سواءِ بہ ڪي وِيهون ٿين؟“ (ماجر.... 176)

مُثل ماڻهو جي قبر جي ساميءَ ۾ ڪکُ به چوندي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيندا آهن ۽ جيئرو نار جي اُٺَ وانگر جيون جي ڳاهه ۾ ڳهندو رهندو آهي.

## ن

### ناگهان بي گهمانَ.

ڏکي گهڙي مصيبت يا آزمائش پُڇي ڪا نه ٿي اچي پر اوچتو اچي ٿي ڪڙڪي.

### ناچُ نه ڄاڻي، اڱڻُ اونڌو.

پنهنجي اڻ ڄاڻائي ۽ نااهليءَ کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙا بهانا گهڙڻ.

مثال: "پڙهي پاڻَ نه ڄاڻي ماري ڪُتابي" (گلقند 85)

### ناڙي بادشاهه ڪيرو وزيرُ ڇَٽ ٻانهي.

پوکيءَ جا مُروج طريقا.

ناڙي = هَر ۾ لوهي پائيپ جهڙي نلي ٻڌندا آهن. هر سان گڏ ان نالي وسيلي زمين ۾ ٻج ڇٽيندا ويندا آهن. پوکيءَ جو اهو ڪارگر طريقو آهي.

ڪيرو = زمين ۾ هر ڏئي، ٻج ڇٽي، مٿان تر (سينوهر) گهمائي ڇڏيندا آهن.

ڇٽ = هٿ سان اڇلائي ٻج ڇٽڻ. جيڪو تازي آيل پاڻيءَ ۾ ڇٽبو آهي.

ناڙيءَ سان ٻجُ گڏائڻ پوک جو ڪارگر طريقو آهي. ان سان فصل پلو ۽ اُپت وڌيڪ ٿئي ٿي، ٻين طريقن سان ٻنيءَ ۾ ٻج گڏائڻ سان فصل ايترو پلو نٿو ٿئي.

### نانگ به مري لٺِ به بَچي.

دشمن کي ڏاهپ سان ماتِ ڏجي ڏکُ به هٿجي ۽ پاڻ به بچائجي.

### نانگ کي پيٽَ ۾ پيرَ.

بُڇڙي ۽ بُري ماڻهوءَ جي مَنَ ۽ نيت ۾ برائي ۽ بڇڙائي هوندي آهي.

### نانگ کي نانگُ ڇا ڪندو؟

بڇڙي ماڻهوءَ کي پاڻ جهڙي بُري ماڻهوءَ مان ڪهڙو ڊپُ؟

### نانگُ جو ٻچو نانگُ ئي ٿيندو.

جيئن نانگُ زهريلو هوندو آهي، تيئن ان جا ٻچا به ڄمڻ سان ئي زهريلا هوندا آهن.

مثال: "جهڙا ڪانُ، تهڙا ٻچا." (گل شڪر 94)

### نانگ جو ڏنگيل نوڙيءَ کان به ڊڃي.

نقصان يا چوٽ کاڌل ماڻهو ڊني ڊپ کان گهڻو احتياط ڪندو آهي.

مثال: "ڪُتيءَ کي ڪنهن اُماڙي ڏني. سا تارا ڏسي ٿي ڊِني. (گلقند 113)

"کاٽيل ٻلي، ڇُلهه جي ويجهو نه اچي." (اترادي پهاڪا 56)

### نانگُ مارائجي دشمن کان.

خطرناڪ ۽ سِرَ وڃائو ڪمُ، دشمن کان ڪرائجي.

### نانگ ۾ نَوَ وَڪڙَ.

جيئن نانگُ وڪڙ ڏئي هلندو آهي، تيئن بڇري ۽ بُري ماڻهوءَ ۾ به ڪوڙ هيرا ڦيريون هونديون آهن.

### نانگُ ويو نڪري ليڪو پيو ڪُٽجي.

ڪو معاملو ٽَري ۽ نبري وڃي ۽ پوءِ به اُن جي چور پچور ٿئي، تڏهن ائين چوندا آهن.

### نانگُ وَرَ ۾ هَٿُ سَرَ ۾ ۽ پيرُ گهر ۾ چڱو ڪونهي.

نانگ کي وَر ۾ وجهبو تہ ڏنگ هڻندو سَرَ ۾ هٿ وجهبو تہ هٿ وڍجي پوندو تيئن پير ۽ مرشد کي وٺي اچي گهر ۾ ويهارڻ ۾ به چڱائي ڪانهي.

مثال: "هٿُ نہ وجهجي سَر ۾، نانگُ نہ وجهجي وَرَ ۾، گهوڙو نہ ٻڌجي دَر ۾، ڏاريو نہ آڻجي گهرَ ۾." (اترادي پهاڪا 92)

### ناني اڳيئي نَچڻي، مٿان آيس سَهرَن جو سَڏُ.

جيڪو ماڻهو جنهن شئي يا ڳالهه جو گهرجائو ۽ خواهشمند هجي، ان کي ان ڳالهه جي آڇ ڪجي تہ ان جي خوشي ٻيڻي ٿي وڃي ٿي.

مثال: "هرڻي اڳيئي نچڻي، مٿان پيس گهنڊڻي." (گل شڪر 255)

**نہ هُئڻ کان ڪجھہ هُئڻُ چڱو آهي.**

هَٿُ هَٿَ تي ڌَئي مايوس ٿي ويهي رهڻ کان ڪجھہ نہ ڪجھہ حاصل ڪري چڱو آهي.
مثال: ”ناسِت کان، آسِت ڀلي.“ (گلقند 132)

**نَڪا ڪلي ڪيرَ واري، نڪا روئي رَبَ واري.**

هُوندَ واري کي پنهنجي آسودگيءَ تي وڏائو نہ ڪرڻ گهرجي، نہ ئي اٿهوند واري کي پنهنجي غريبي حال جو پِٽڻو پِٽڻ گهرجي.

**نڪا سَڙڪَ سِڏي ڪپي نڪو ساڻ سپاهہُ، چاڪيءَ جي ڏاند کي گهر ۾ ئي ڪوهہ پنڌ.**

ڏسو پهاڪو ”چالاڪيءَ جي ڏاند کي...“

**نہ ڪاڪو مري ها نہ اوڏر ٻُڏي ها.**

ڏيتي ليتي واپار ۾ دڪان جي اوڌر ڏٽيءَ جي مرڻ کان پوءِ پونيرن کي گهٽ ملندي آهي، گهڻو ڪري ٻُڏي ويندي آهي.

**نہ ڪُتو ڏسي نہ ڀونڪي.**

ڪتو فقير کي ڏسندو ئي ڪونہ تہ ڀونڪندو ڪيئن؟ اڻ سهو ماڻهوءَ کان پاسو ڪجي.

**نڪتل ڏند ٻہ ڪي ٻيهر مهارن ۾ پون؟**

جيئن مهار مان نڪتل ڏند واپس نٿو پوي، تيئن راز جي ڳالهہ هڪ ڀيرو وائکي ٿي تہ ٻيهر لڪائي نہ سگهبي.

**نَڪُ نہ ناسان، وچ ۾ ٻهسان.**

بي شرمو ماڻهو جيڪو اجايو هر معاملي ۾ پاڻ کي وچ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري.

**نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾.**

پنهنجي ڪم سان ڪمُ رکڻ وارو ماڻهو جيڪو ڪنهن سان بہ ٽنگ ٽيڙ ۾ واسطو نہ رکي.

**نہ ڪنهن جي تيرهن ۾ نہ تيجن ۾.**

سادا ماڻهو ۽ وهم واريون عورتون، سجي صفر مهيني کي ڳرو سمجهنديون آهن. اڪثر ماڻهو هن مهيني ۾ گهر وٺڻ لڏو ڪڻڻ ۽ شادي وهانءُ ڪرڻ کان لنوائيندا آهن. پر صفر مهيني جا پهريان تيرنهن ڏهاڙا تہ بنهہ ڳرا سمجهيا ويندا آهن. انهن کي ”تيرهن تيزيون“ چوندا آهن. انهن ڏهاڙن ۾ ٻار ڄمڻ سون وٺڻ کي تہ سنو سنوڻ سمجهيو ويندو آهي، پر انهن ڏهاڙن ۾ ڪا فوتگي ٿي تہ ان کي سنو سنوڻ نہ سمجهيو ويندو آهي.
نہ ڪنهن جي ڏک ۾ نہ ڪنهن جي سک ۾ شامل.

**نہ ڪنهن جي هَنئيءَ ۾ نہ ڪَنئيءَ ۾.**

ڏسو مٿين چوڻي.

**نَڪو ٿو مري نڪو ٿو منجو ڇڏي.**

ڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ تي نہ بيهي تہ بيزاريءَ مان چوندا آهن.
مثال: ”مُئو مري، بہ نٿو مُئي کان سواءِ سري بہ نٿي.“ (رتي آهي... 40)

**نئون ڏڳو نار ۾ وهي ٿو واپار ۾.**

ٻاراٽي راند هلنديءَ ڪو نئون ٻار راند ۾ شامل ٿيندو آهي تہ ان کان پهرين آڳ وٺندا آهن.
مثال: ”ڪنهنبي جو ڇُنڪو چار ڏينهن.“ (پهاڪن جي حڪمت 99)

**نئون محرم، نئون يزيد.**

هڪڙا ظلم ۽ جابر مرندا آهن تہ ٻيا پيدا ٿيندا آهن. ظالم ختم ٿي ويندا آهن، پر ظلم ختم نہ ٿيندو آهي.

**نئون مُلو، زور سان ٻانگ ڏيندو آهي.**

ڪو بہ ڪم نئينءَ مان شروع ڪبو آهي، تہ ان ۾ شوق ۽ جذبو مڙئي وڌيڪ هوندو آهي.

## و

**واتَ مان نڪتل ڳالهہ، پَرائي.**

واتَ مان جيڪو گفتو نڪري ٿو اهو واپس نٿو ٿئي پر ٻين تائين پهچي پرائو ٿي وڃي ٿو.
مثال: ”ڏُڌل ڪيرُ، ٿڻين نہ پوي.“ (سنڌي پهاڪا 26)

هوندي آهي. ڏيتي ليتيءَ جو رستو بہ اُن سان رکندا آهن. جيڪي هوند وارا هوندا آهن.

**هنڌَ اُهي ئي ماڳَ، جتَ نہ رهيا جُوءِ ۾.**

ماڳَ مڪانِ ٽاڪ ۽ ٽاٽا تہ ساڳيا ۽ جيئن جو تيئن موجود رهن ٿا، پر ماڻهن جا مڪين هليا ٿا وڃن.

**هنڌَ جون مُڪون، هنڌ ۾.**

گڏيل ڪٽنبي گهر ۾ زال مڙس جي نجي ڪچهري ۽ هلڪا ڦلڪا رنج روساما هنڌ ۾ ئي ٿيندا آهن.
مثال: "بستري جون مُڪون اندر ۾." (اترادي ڀهاڪا 126)

**هِن جڳ جي اها ئي ڪهاڻي، رمندو جوڳي وَهندو پاڻي.**

جيئن پاڻيءَ جو وهڪرو گذري ٿو وڃي، تيئن انسان بہ جڳ ۾ ايندا ۽ ويندا رهن ٿا. هن جڳ جو اهو ئي دستور آهي.

**هِن جو گهرُ ئي ڏارَ آهي.**

ڪو ماڻهو چوڻ نہ وٺي ۽ پنهنجي رٿيءَ تي اڙجي بيهي تہ ان لاءِ چوندا آهن.

**هُنرَ بادشاهہ آهي.**

علم کان پوءِ هُنر جي وڏي اهميت آهي.
مثال: "هُنر، ٽڙ آهي." (ماچر.... 169)
"اکر نہ کُتي، مڪرُ ڪتي." (گلقند 18)

**هُنرَ واري جا هٿَ سونا.**

هُنرَ وارو ماڻهو مُحتاج ۽ بيوس نٿو ٿئي. ڪٿي بہ ويندو ڪيس ترت ڪم ملي ويندو.
مثال: "هنر وارو ٽڙ آهي، بي هُنر ڪرُ آهي." (ننيڙي روپ.... 25)

**هُنرَ وارو بُکَ نہ مرندو.**

ڏسو مٿيون ڀهاڪو.
مثال: "هنر واري جو هنر، بي هنر جي جنمر ڪپي." (گل شڪر 247)

**هن ڪُتيءَ بہ سها نہ ماريا.**

ڪو ماڻهو سونپيل ۽ ذمي ڪيل ڪم ذميداريءَ سان پورو نہ ڪري نہ ئي ان ڪم جي پورائي جا آثار ڏسڻ ۾ اچن تہ ائين چوندا آهن.

**هَنئي کان، اُلاريو چڱو.**

لٺِ ڏُکي يا ڪنهن بہ قسم جي هٿيار سان ڏڪ هڻڻ کان، ڏکو سکو ڪري ڀيجاڻ چڱو آهي.

**هَلُ پُنهل!**

ڪنهن ڳالهہ تي حيرت ۽ مٺيان جي خوشيءَ گاڏڙ اظهار لاءِ بي اختيار ائين چوندا آهن.

**هَلُ تہ پُڄئين!**

ڪوڙي دلاسي ۾ رکڻ پر ڪم ڪرڻ جي نيت نہ رکڻ ۽ پنڌ ڪرائڻ.

**هَلُ تہ ڳُنئيءَ جا ڳُهنجَ لَهنئي.**

ڪو ماڻهو روڪڻ ۽ جهلڻ کان پوءِ بہ نہ مُڙي ۽ اُتلندو شهہ ڏيکاري، تڏهن ان کي ڪاوڙ مان ائين چوندا آهن.

**هَلِي پَٿُہ قاضيءَ واري ڪيلي ۾.**

ڪيلي جي فصل ۾ ڳُڏَ يا ٻي مزدوري ڏاڍي سخت هوندي آهي. گرمي ۽ پوسل کان ماڻهو بيحال ٿي وڃي ٿو.
ڪو بي چيو ماڻهو جهل نہ ڏئي تہ ان کي ڪاوڙ مان چوندا آهن تہ "نٿو مڙين، تہ پاڻهي ڏکيو ٿيندين."

**هِلَ جي آڪيري ۾ ماسَ ڪتان آيو؟**

هِلَ - شڪاري پکي، سِرڻ
ڪاٺڻ پيٺڻ واري خرچائوءَ ۽ هٿ ڇُوڻ ماڻهوءَ وٽ پاڇي پئسو ڪٿان هوندو؟

**هَلنديءَ کي هَلائجي.**

ڪو بہ ڪمُ جيڪو جيستائين هٿ پهچ ۽ وَس ۾ آهي اُن کي هلڻ ڏجي.

هونئن. تہ هر ڀهاڪوءِ چوڻي.زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙ ۽ اڀياس آهن.جن مان نصيحت جو ڪو نہ ڪو نُڪتو ضرور ملي ٿو. پر ڪجهہ چوڻيون سڌن سادن لفظن ۾ نسوربيون نصيحتون آهن. انهن ۾ ڏاهن ۽ عاقلن پاران سادن ماڻهن لاءِ اصلاحون سمايل آهن. پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين سينا بہ سينا سفر ڪري اسان تائين پهتل وڏڙن جي ڏاهپ جي ان ورثي ۾ رهنمائي ۽ رهبريءَ سمايل آهي. جيئن:

- ضامن. ڀاءُ جو بہ نہ پئجي.
- اڌارو ڏئي ويٺو روءِ.
- ڀائيوارو ڀاءُ سان بہ نہ ڪجي.

ـ محمد صديق منگيو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

ISBN 978-969-625-018-0

Rs. 300/-